ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

مارچ 2018



## بنيادي انساني حقن ۽
## جهموريت لاءِ جاکوڙيندڙ ڪردار
## عاصم جهانگير

# Sukkur IBA University

## Are you ready to work with a Global team?



## TEACHING STAFF

### 1. Professor (BPS-21/TTS)

i. Mathematics ii. Education iii. Marketing

**Minimum Qualification:** Ph.D. Degree from an HEC recognized Institution in the relevant field.

**Experience:** 15-years teaching/research experience in HEC recognized University with at least 8 years experience at the post Ph.D. Level or a post-graduate Institution or professional experience in the relevant field in a National or International organization out of which 5-year must be teaching experience. **OR**

10-years post-Ph.D. teaching/research experience in a recognized University or a post-graduate Institution or professional experience in the relevant field in a National or International organization.

**Minimum Number of Publications:** The applicant must have 15 research publications with at least 5 publications in the last 5 years in HEC recognized journals.

### 2. Assistant Professor (BPS-19/TTS)

**i. Computer Science**
(Specialization: Data Analytics, Artificial Intelligence, Robotics, Bio-Medical, Machine Learning)

**ii. Electrical Engineering**

**Qualification:** (a) PhD. Degree in relevant field from HEC recognized University or (b) Masters degree (18 years of education) in the relevant field from an HEC/PEC recognized University/Institution.

**Experience:** (a) No Experience required for PhD holder (b) Masters with 2-years teaching/research experience in a recognized Institution/University/College or 2-years professional experience in the relevant field in a National or International organization.

## NON-TEACHING STAFF

### 3. Manager of Research Operations & Development (BPS-18/19)

**Qualification:** PhD or Master Degree /MBA/MS in Management Science/Computer Science (18 years of education) from HEC recognized University/Institute. Preference will be given to PhD degree holder

**Experience:** (a) No Experience required for PhD holder (b) Masters with minimum 4-5 years experience in Research Organization/Educational Institute.

### 4. Manager of University-Industrial Linkages and Technology Transfer (BPS-18/19)

**Qualification:** PhD or Master Degree/MBA/MS in Management Science/Computer Science (18 years of education) from HEC recognized University/Institute

**Experience:** (a) No Experience required for PhD holder (b) Masters with minimum 4-5 years experience in Corporate Industry/Research Organization/Educational Institute.

### 5. Assistant Manager - Publications (BPS-17)

**Qualification:** Master Degree/4-Years Bachelor degree in Computer Science (16 years of education) from HEC/PEC recognized University/Institute.

**Experience:** Minimum 2 years experience in Publications & Website updates in Research Organization / Educational Institute.

### 6. Research Associate-ORIC

**Qualification:** MS/ME in Management Science/Computer Science/Software Engineering/Electrical Engineering from HEC/PEC recognized University/Institute. Preference will be given to candidate(s) having experience of Academic Research with writing skills.

## Guidelines to apply:

- Eligible candidate can apply through online at **career.iba-suk.edu.pk** and send such printed form along with relevant & complete documents, updated CV, recent photograph and application along with STS Challan (Non-re-fundable) of **Rs. 1000/-** (for S.No. 06 Rs. 500/-) latest by **February 26, 2017.**
- Government Employee must apply through proper channel or submit NOC with application. Providing fictitious, exaggerated, or misleading information on a job application shall result in rejection of application & termination of employment at any stage. Candidate can apply against one post only. Only shortlisted candidates who meets the criteria shall be called for further Test/Interview through SMS/email/letter.
- The Competent Authority reserves the right to accept or reject any or all the applications without assigning any reason and cancel recruitment to any post(s).

**REGISTRAR**
**SUKKUR IBA UNIVERSITY**
Airport Road, Sukkur. **Ph:** 071-5644122-5644129 **UAN:** 071 (111-785-422) **Fax:** 071-5804419

PID(H) 100492/18

# سنڌاءُ


ايڊيٽوريل ........ 04

## راءِ ۽ تبصرا

همسريءَ ۾ همسفر ٿي ........ 05

## حالات حاضره

پاڪ-روس لاڳاپا تاريخ جي تناظر ۾ ........ ايم . عالم بروهي 06

نظرياتي ڪوهيڙو يا فڪري مونجهارو ........ امان الله شيخ 08

## تعليم، سماجيات ۽ نفسيات

هوءَ هڪ روشن شمع هئي ........ زاهده ابڙو 11

سخي عورت خيرالنساءِ جعفري ........ شعبان وسطڙو 13

روحانيت جي نفسيات ........ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 14

ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ٽنڊو محمد خان ........ شيخ سنڌي 17

## ادب

محمد عثمان ڏيپلائي جا ضبط ٿيل ڪتاب ........ گل محمد عمراڻي 20

جديديت جو ظهور ۽ لوڪ ادب ........ منظور ٿهيم 21

سائين عبدالحڪيم ”ارشد“ جي ياد ۾ ........ منور علي ”منور“ ڪيهر 22

## انٽرويو

لعل بخش جسڪاڻي سان ڳالهه ٻولهه ........ (منظور ٿهيم، ڊاڪٽر اشوتاما، زاهده ابڙو) 23

## ٽريولاگ

فلورينس ڏانهن روانگي ........ اعجاز منگي 27

## سلسليوار ناول

رنگ گرهڻ ........ ضراب حيدر 28

## اڪري سئو وڪري

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........ 31

## ڪيريئر ڪائونسلنگ

اسڪولن ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت ........ سرمد ڪوسو 32

## ڪهاڻيون

ٽڪيٽ ........ شميم مري 33

ٻَلي ........ فضا قريشي 34

قانون جو لاشو ........ عرفان ميمڻ 36

ڪامورو ........ نظير ملڪاڻي 37

## ڊسٽرڪٽ رپورٽس

ڊسٽرڪٽ رپورٽس ........ لطيف گاد/رشيد چانڊيو/تاج جويو/ناصر بلوچ/ممتاز همراهي 38

## پينٽنگ

........ آصف نظاماڻي 41

## ڪتاب تي تبصرو

سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾ ........ احسان راهوجو 42

## شاعري

(نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........ 43

## پروفائل

سائين شمس الدين عرساڻي ........ زمان جمالي 45

## سوشل ميڊيا ڊيسڪ

سوشل ميڊيا ........ همسري 46



Regd. No: 3160

ماهوار مئگزين

همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
شفيق جسڪاڻي

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽڳڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڇپر برادرز

آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 04
Number: 03
March, 2018
Regd. No: 3160 Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

# اعزاز

ڪنهن بہ رياست ڪي هلائڻ لاءِ طاقتور ۽ شفاف ادارن جي ضرورت هوندي آهي ساڳي جاءِ تي اتي محنتي ۽ وفادار ماڻهن جي بہ اوتري ئي ضرورت هوندي آهي تہ جيئن اهي انهن ادارن کي هلائي سگهن ۽ انهن کي مضبوط بڻائي ترقيءَ جي راهہ ڏانهن موڙي سگهن ۽ قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري سگهن. هن وقت اسان جي رياست انتهائي ڪمزور ۽ نبل نظر اچي رهي آهي ادارا هڪٻئي سان ٽڪراءُ ۾ آهن، سچا ۽ کرا ماڻهو اسان جي هٽن مان واريءَ جيان نڪرندا ٿا وڃن. ڪن کي سازشن ذريعي ختم ڪيو ويو تہ ڪن کي قدرت جلد ئي چني ڏار ڪيو. عاصمہ جهانگير جنهن جو وڇوڙو سڄي ملڪ، قوم ۽ رياست جو وڏو نقصان آهي. هوءَ 66 ورهين جي ڄمار ۾ ڪم ڪندي هلي وئي جنهن جي هن قوم کي اڃان انتهائي حد تائين ضرورت هئي. هوءَ مٿئين درجي (ايليٽ) ۾ پيدا ٿي پر سندس روح غريبن ۽ مظلومن سان ڳنڍيل رهيو. هوءَ هڪ بهادر عورت هئي. عورتون هن کي پنهنجي لاءِ رول ماڊل تصور ڪن ٿيون. هوءَ جا سيني ڏکويل انسانن جي پرجهلي هئي، بنا ڪنهن لالچ بنا ڪنهن لوڀ جي هر رنگ، نسل، مذهب ۽ هر ٻولي ڳالهائيندڙ مظلوم جي ڍال هئي. جيڪڏهن ڪو ظالم ٻڌجي مٿس ظلم ڪندي مظلومن جي لسٽ ۾ شامل ٿي ويندو هو تہ هوءَ ان ظالم جو ڪيل ظلم وساري ساڻس گڏ ٿي بيهندي هئي. هوءَ پاڪستان جو فخر هئي.

دنيا ڪيس ڏسي رهي هئي تہ هوءَ انساني حقن لاءِ ڪيئن جاکوڙي رهي هئي. هوءَ هارين جي حامي ۽ غائب ڪيل ماڻهن (مسنگ پرسنز) لاءِ جاکوڙيندي رهي. آئين جي بالادستي ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي. ڪيس آمرن جي دور ۾ تشدد جو نشانو بڻايو ويو هوءَ هڪ اهڙي مائينڊ سيٽ جي نمائنده هئي جيڪو پاڪستان کي هڪ فلاحي رياست ٿو ڏسڻ چاهي، عورت ۽ مرد جي لاءِ مڪمل برابري جو طلبگار آهي، هر مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي آزاديءَ جي خواهش ٿو رکي. هوءَ خاص هئي پر عام ماڻهن جي نمائنده هئي، هوءَ ڌرتيءَ جي عظيم ڄائي هئي. اهڙن فردن لاءِ رياست کي ڪو مڃتا جو اعزاز ڏيڻو پوندو تہ جيئن اسان جي ملڪ ۽ قوم کي ٻين ملڪن جي نظرن ۾ ڪو مان ملي سگهي. تازو ئي اسان جي رياست ڪجهہ اهڙا سهڻا قدم کنيا جنهن سان عوام کي ڏاڍي سرهائي ٿي. عوام کي اهو احساس ٿيو تہ اسان جا فيصلا ڪندڙ اکين تي رڳو پٽيون ٻڌي ناهن ويٺا پر ڪجهہ ذهن ۽ فهم جو استعمال بہ ڪيو وڃي ٿو. جيئن ڊاڪٽر رٿ فاءَ جي لاڏاڻي ڪانپوءِ ڪيس رياستي اعزاز سان دفنايو ويو ساڳيءَ ريت عبدالستار ايڌي هڪ رحمدل انسان جيڪو هوندي تہ هڪ متنازع شخصيت بہ بڻيل رهيو پر رياست ڪيس اعزاز ڏيئي هميشہ لاءِ انهن زبانن کي بند ڪري ڇڏيو جيڪي انتها پسند سوچ جون نمائندا آهن. اهڙو ئي ڪجهہ حال عاصمہ جهانگير جي شخصيت سان بہ هو. هوءَ بہ متنازع بڻيل رهي، سندس چاهڻ وارن جو بہ وڏو انگ آهي تہ ساڻس اختلاف ڪرڻ وارن جو بہ. پر سچ تہ سچ جيان هميشہ مٿي چڙهي چمڪندو آهي ان کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن نيزي جي ضرورت ناهي هوندي. ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها تہ جنهن شخصيت جي لاڏاڻي کي اقوامِ متحده جي سيڪريٽري پوري انسانيت جو نقصان مڃيو اتي اسان جو ملڪ بہ ڪيس سرڪاري اعزاز سان سندس جنازي نماز پڙهائي ڪيس وطن جي عظيم عورت طور مڃتا ڏئي ها پوءِ اها سندس پوئڻرن جي مرضي هئي تہ هو اها آڇ قبولين ها يا نہ پر اڃان اسان جي اندر اهڙي همت ناهي آئي جو باهمت ۽ بيباڪ عورتن کي مڃتا ڏيون.

هوئڻن جهڙيءَ ريت سندس جنازو نڪتو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ عورتن حصو ورتو ۽ هر مذهب سان تعلق رکندڙ عام ۽ خاص ماڻهو شامل ٿيا، سو ئي سندس ابدي اعزاز آهي.

# همسري ۾ همسفر تي
# آءُ ونڊيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نه آهي

## فياض احمد ڪوسو/ عبدالوحيد ڪوسو(فرسٽ ايئر جا شاگرد)/ ڳوٺ نبي بخش ڪوسو لوٽي ڪوٽ

محترم ايڊيٽر صاحب: جنوري ۽ فيبروري جو همسري لوٽي ڪوٽ ۽ ڄنگهڙي تائين پهتو. فيبروري جي رسالي ۾ ڄنگهڙي جي بند ٿيل اسڪولن جي رپورٽ پڙهي علائقي جي ماڻهن کي خوشي ٿي. ڪيترائي ٻار لوٽي ڪوٽ شهر جي پرائمري ۽ مڊل اسڪول تائين پڙهڻ اچن ٿا، جيڪي اتان پڙهي وڃن ٿا انهن مان ڪيترا يا ته 30 ڪلو ميٽر سفر ڪري ڄامشوري سوسائٽي يا 100 ڪلو ميٽر پنڌ ڪري ٺٽي شهر ويندا آهن. ٻيو عرض ته اسان يونين ڪائونسل سنڌ يونيورسٽي جا پڇڙيءَ ۾ رهندڙ هزارين ماڻهو زمين مان نڪرندڙ ڪارو ۽ زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهيون. اسان ڪجھ ماڻهن اهو پاڻي ليبارٽرين مان به چيڪ ڪرايو آهي اهو پاڻي ڊاڪٽرن پيئڻ کان منع ڪئي آهي. اسان ڊي. سي صاحب ۽ ٻين وسوارن کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون لکيون آهن پر اڄ ڏينهن تائين ڪجھ نه ٿي سگهيو آهي. ان ڪري ڳوٺاڻا 1500 کان 2000 رپيا ڀري ٽينڪر لهرائڻ تي مجبور آهن. ايڊيٽر صاحب هن خط ذريعي اسان هزارين ڳوٺاڻن جو آواز انهن وزيرن تائين پهچائڻ چاهيون ٿا جن کي اسان هر اليڪشن ۾ ته ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرايون ٿا پر انهن اسان کي تعليم ۽ پيئڻ جي پاڻي جي حق کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي.

******

## منور علي "منور" ڪيهر/ ڳوٺ آگاٽي لاڙڪاڻو

ايڊيٽر صاحب: عرض ته همسري هر مهيني وانگر وقت سر مليو ويو، ايڊيٽوريل "اڄ جو جذباتي نوجوان ۽ پوليس جي اڀرائي" سر ورق جو عڪاس آهي.A Voice in the Wilderness Memories and reflection. ڪتاب لاڙڪاڻي جي ڪتاب گهرن تي جاچيو پر ملي نه سگهيو. محترم امان الله شيخ جو مضمون "ويا گورا آيا ڪارا" ڏاڍو بيباڪيءَ سان لکيو ويو آهي. تنقيد هر ڪنهن تي ٿي سگهي ٿي. هتي قومپرستن ۽ طبقاتي نظام جي مخالف پارٽين به ڪو خاص ڪردار ادا نه ڪيو آهي. ايئن به نه آهي ته قومپرستن جو ڪو ڪردار ڪونهي، پر خود قومپرست پارٽين جا اڳواڻ مال ميڙڻ ۽ انا جي سحر ۾ ڦاسي پيا، نتيجو اسان سيني جي اڳيان آهي. اسان اڳواڻ ٿيڻ جون صلاحيتون ته پاڻ ۾ پيدا ڪريون. ٻيو ته فاضل ليڪڪ، گذريل 15 صدين ۾ چئن اهم انقلابن جو ذڪر ڪيو آهي پر لکيا ته ٽي انقلاب اٿائين. ڊاڪٽر بدر اجڻ صاحب "جيوواني بوڪيشو" تي هڪ مضمون لکيو آهي. بوشيڪو جي لکتن مان الاهي سارن اديبن سان گڏ شيڪسپيئر به فائدو حاصل ڪيو پر هيءَ ڳالھ اسان جي عقل کان بالاتر آهي ته پليٽو ۽ ارسطو به سندس گهڙيل ادبي ذخيري مان فيضياب ٿيا. چوڏهين صدي عيسوي ۾ بوڪيشو جا شاعري بابت ويچار وٺيا، جنهن ۾ شاعر ٿيڻ لاءِ علم عروض ۽ ٻين الاهي علمن جو ڄاڻو هجڻ ڄاڻايو آهي. "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" تي اياز علي صاحب سنو تبصرو ڪيو آهي، پر لاڙڪاڻي جي ڪتاب گهرن تي ملي نه سگهيو. اعجاز منگي جو "ڪاسل گونڊلوفو" سفر نامون وڻيو جيڪو اڃان هلندڙ آهي، اعجاز منگيءَ جا ٿورا جيڪو اسان کي بنا پئسي گهر ويٺي روم جو سير ڪرائي رهيو آهي. هميشه جيان پينل انٽرويو وڻيو. ضراب حيدر جي "رنگ گرهڻ" جي ارڙهين قسط جو هي ڊائلاگ سمجھ ۾ نه آيو "دنيا ۾ وڻ ٻوٽا پنهنجي حساب سان پيدا ٿين ٿا، باوجود ڏاڍي ڪوسي هوائن، طوفانن جي سدائين وڌندا رهن ٿا ساوا سرسبز رهن ٿا". باقي رنگ گرهڻ سنڌ ناولن مان هڪ سٺو ناول ثابت ٿيندو ۽ سنڌي ساهت ۾ پنهنجي جدا جاءِ والاريندو. همسري ۾ شامل چارئي ڪهاڻيون سٺيون آهن ۽ ٻه مختصر ڪهاڻيون به پليون آهن. شاعري ۾ 9 ئي غزل ۽ چار نظم سٺا آهن.

******

## اقبال بلوچ/ حيدرآباد

محترم ايڊيٽر صاحب: همسري فيبروري 2018 پڙهي پورو ڪيم. حسب دستور سڀ سلسلا سٺا لڳا، ٽائيٽل به جاندار آهي. همسري هلندڙ واقعن تي نظر رکي سمجهداري سان ٽائيٽل ٺاهيندي آهي اهائي سمجهداري آهي. انٽرويو جو سلسلو هميشه جيان پلوڙ آهي، هن دفعي سنڌو نواز گهانگهرو جو انٽرويو سٺو لڳو. سڀ مضمون پنهنجي جڳھ تي شاندار آهن. ڪهاڻين جي صفحن ۾ اعجاز سمون جي "وصيت"، عبدالغني شر جي "امتحان" سٺيون لڳيون، انور شيخ ۽ منصور ٻرڙو به ڪهاڻين ۾ نيايو آهي. شاعري جا سڀ اسم پسند آيا.

******

## ڊاڪٽر پرڏان روپچند/ ٽنڊوالهيار

محترم ايڊيٽر صاحب: توهان جو خوبصورت ۽ معلومات سان ٽمٽار همسري مئگزين خوش قسمتي سان ڪالھ سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي هٿان پڙهڻ لاءِ مليو. انهيءَ کان اڳ مون کي رسالي بابت ڪا خبر ڪانه هئي. رسالو ۽ تعريف ڏاڏاهي کان ڏسي ۽ ٻڌي يقين سان محسوس ٿيو ته واقعي ايڊيٽر ۽ مالڪ جس لهڻن. اول ته ايڊيٽوريل تمام ٻرندڙ اشو بابت آهي ڏاڍو وڻيو، شبنم گل ته اڳيئي ماهر نفسيات آهي، پر حصو پهريون پڙهي نه سگهيس. ڊاڪٽر مقبول مارو جي ننڍي ڪهاڻي به حقيقت آهي.

******

## ممتاز عباسي/ لاڙڪاڻو

محترم ايڊيٽر: همسري جو نئون پرچو پڙهي پورو ڪيو اٿم، هر پرچو جڻ خاص پرچو آهي. مواد جي چونڊ ڏاڍو جهڙي ڪيو ٿا. حالات حاضره کان وٺي تعليم، نفسيات ۽ سماجيات، ناول، اڪري سٺو وڪري، وصيت، امتحان بهترين ڪهاڻيون هيون. انٽرويو ۾ سڃاڻ نياڻيءَ جو انٽرويو بهتر هو. ٽريولاگ، سوشل ميڊيا، ڊسٽرڪٽ رپورٽس، پينٽنگ، پروفائل، ڪتاب تي تبصرو، جن ۾ معلومات سان گڏوگڏ علمي ادبي چس به آهي ته ڏس ته!.

حصو آخري

# پاڪ- روس لاڳاپا تاريخ جي تناظر ۾

ايم. عالم بروهي

اڳوڻو سفير

ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي باقي بچيل حصي جو پهريون سويلين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر طور عهدو سنڀاليو ۽ پوءِ ڍاڪا ۾ جنرلن جي هٿيار ڦٽي ڪرڻ ۽ جي. ايڇ. ڪيو ۾ بغاوت ڪانپوءِ هن پاڪستان جي باقي بچيل حصي کي هڪ ڀڳل ٽٽل ٻيڙي وانگر ٻيهر ٽڪر ڳنڍي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. هو هر وقت ڪنهن واچوڙي وانگر ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين هلندو رهيو ته جيئن قوم جي وڃايل اعتماد کي بحال ڪري سگهجي ۽ سڄي دنيا سان بهتر لاڳاپا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ته جيئن هڪ اهڙي ملڪ کي وري وڃايل وقار واپس ڏياري سگهي جنهن جو هڪ ٽڪرو ٽٽي ڌار ٿي ويو هو ۽ مالي مشڪلاتن جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل هو. 1972 جي اوائل ۾ هو پاڪستان جي بگڙيل لاڳاپن کي جوڙڻ لاءِ ماسڪو روانو ٿيو ۽ ماسڪو جي سهڪار سان پارت سان پنهنجا خراب لاڳاپا بهتر ڪرڻ گهريا. پاڪستان جي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ ۾ سوويت يونين جي هٿ هجڻ ڪري ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا ڪٽا ۽ ڪارا ٿي چڪا هئا، ڀٽو ان سڄي صورتحال کي تبديل ڪرڻ لاءِ عوام آڏو پيش ٿيڻ چاهيو ۽ هن پنهنجي حڪومتي دور ۾ پنهنجي خوش گفتاري ۽ طلسماتي شخصيت جي زور تي سوويت يونين سان تعلقات کي بحال ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. ماسڪو ۾ ليندنگ تي هن ماحول کي پنهنجي لاءِ غير تسلي بخش محسوس ڪيو جڏهن ته ڏهه سال اڳ ڪريملن ۾ سندس دورو گرم جوشيءَ سان ڀرپور هو. هن وقت ڪيس سوويت رهنمائن جا پٿرايل چهرا اڳيان هئا جن ۾ ليونڊ بريزنوو ۽ ڪوسيجن شامل هئا. اسٽيل مل جو معاملو ٻن سالن کان لٽڪيل هو هٿيارن جي رسائي جو معاملو جنگي تباهه ڪارين جي نظر ٿي چڪو هو. ان وقت ڀٽي وٽ سوويت رهنمائن سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ پنهنجا مطالبا مڃرائڻ لاءِ ڪي گهڻا آپشن موجود نه هئا. ان وقت سندس پوزيشن سوويت رهنمائن آڏو تمام گهٽي ڪمزور هئي جنهن ڪري وٽس محدود ميدان هو جنهن ۾ هو کيڏي سگهيو ٿي. بهرحال هُن اهڙي ڏکي صورتحال ۾ اسٽيل مل جي مسئلي کي اٿاريو ۽ پنهنجن ميزبانن کي اسٽيل مل ۾ ٽيڪنيڪل مهارت جي مدد ڏيڻ جي اپيل ڪئي ته جيئن پاڪستان اهو تجارتي پروجيڪٽ هلائي سگهي. هن سوويت يونين سان پاڪستان جي خراب لاڳاپن کي ٻيهر جوڙڻ لاءِ سوويت يونين جو اعتماد حاصل ڪيو. هڪ گڏيل آفيشل رپورٽ شايع ٿي جنهن مطابق يو ايس ايس آر ۽ پاڪستان جي وچ ۾ نئين تجارتي معاهدي تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون ته جيئن ٻئي ملڪ گڏجي تجارتي ۽ معاشي هم آهنگي پيدا ڪري سگهن.

جمشيد مارڪر هن دوري کي ڪامياب ڄاڻايو هو، هن جي چوڻ مطابق سوويت وزيراعظم ڪوسيجن پاڪستان لاءِ شڪ ۾ رهيو پر ذوالفقار علي ڀٽو سيڪريٽري جنرل ليوناڊ بريزينوو (Leo nod Brezhnev) سان اڪيلي ۾ ملاقات ڪئي ڪيس پاڪستان جي اهميت بابت ڄاڻايو ۽ پاڪستان جي حق ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي جو پاڪستان جا يو. ايس. آر سان لاڳاپا بحال ڪرايا جيڪي اسان لاءِ تمام اهم هئا. سيڪريٽري جنرل سان ڀٽو هڪ ملاقات رڳو گوادر سي پورٽ جي اهميت تي ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايو ته ان رستي رشيا عربي سمنڊ تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو. 1969 جي آخر ۾ سوويت يونين چمن کان جيواني يا گوادر سي پورٽ تائين هڪ رستو ٺاهي ڏيڻ جي آڇ ڪئي. انهن سيني واقعن سان گڏ افغانستان جي انقلاب جو واقعو به رونما ٿيو، ڊسمبر 1979ع ۾ سوويت يونين کان وڏي غلطي ٿي جو هن اهڙي ڇڙواڳ ملڪ ۾ ملٽري مداخلت ڪئي. اها غلطي هنيلي سوويت يونين لاءِ ڄڻ واٽرلو واري جنگ ثابت ٿي. سوويت يونين کي هڪ صدي پهرين اينگلو انڊين جنگ ۾ برٽش انڊين ايمپائر جي افغان گوريلن امير محمد دوست ۽ پوءِ سندس جابر پٽ اڪبر خان هٿان ٿيل بيعزتي ۽ شڪست شايد وسري وئي هئي. آمريڪا جي اڳواٽيءَ ۾ مغربي ملڪن ۽ ساڄي ڌر سان تعلق رکندڙ مسلم ملڪن جنرل ضياءُ الحق کي هڪ مذهبي ويڙهه ڪندڙ مجاهد تصور ڪيو جيڪو سوويت يونين جي آرميءَ کي ڌڪ رسائي سگهيو ٿي. آمريڪا ۽ عرب ملڪن پنهنجي ٽجوڙين جا وات پٽي ڇڏيا ۽ ڪيس ڊالرن ۽ ريالن جون ٻوريون ڀري موڪليندا رهيا ته جيئن هو افغانستان ۽ ٻين مسلم ملڪن مان مجاهد ۽ غير منظم ويڙهن کي تيار ڪري. اهڙيءَ ريت افغانن جو رت ڏهاڪن تائين وهندو رهيو. آخرڪار 1988 ۾ محمد خان جوڻيجي جنيوا معاهدي تي صحيحون ڪيون جيڪو هڪ تمام دليرانه فيصلو هو. سوويت يونين افغانستان ۾ نجيب الله کي حڪومت حوالي ڪري پاڻ اتان نڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ نجيب الله اتان جي افغان مجاهدن ۽ باغي افغان ويڙهن سان وڙهندو رهيو. آخرڪار هو مجاهدن جي ور چڙهي ويو ۽ بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. جنرل ضياءُالحق ٻه ڀيرا ماسڪو جو دورو ڪيو هڪ دفعو Leonid Brezhnev ۽ ٻيو ڀيرو سندس جانشين يوري آندروپوو Yuri Andropov جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو. ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا ڪٽا ۽ ڪارا رهيا. اسان آمريڪا ۽ سعودي عرب کان اربين رپيا امداد جي صورت ۾ ته ورتا پر اسان سندن پگهاردار ٻڌجي رهياسين ۽ پنهنجي خود مختياري ۽ آزاديءَ کي داءُ تي لڳائي ڇڏيوسين آخر سوويت يونين 1991 ۾ ڊهي پيو. ضياءُالحق ڪانپوءِ واري دور ۾ وزيراعظم نواز شريف رشين فيڊريشن سان پاڪستان جا لاڳاپا بحال ڪرڻ لاءِ گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون. هن اوڻٽيهن سالن جي هڪ وڏي خليج کي ختم ڪرڻ لاءِ 1998ع ۾ ماسڪو جو اهم دورو ڪيو. ان دوري جو ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن تي گهڻو اثر نه پيو. رشيا ان وقت ۾ چيچنيا ۾ هلندڙ صورتحال تي پاڪستان جي اسلامي مجاهدن جي حرڪتن تي نظر رکي ويٺو هو. 1990ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن امير جماعت اسلامي جي دعوت تي چيچن مسلم رهنما پاڪستان آيو هو ته ان تي رشيا سخت احتجاج ڪيو. مون کي 1993ع ۾ رشيا جي نائب صدر جو پاڪسستاني دورو ياد آهي. هڪ ڏينهن اسلام آباد ۾




رهائش ڪانپوءِ ڪيس لاهور اماڻيو ويو. اتي ڪيس هڪ ڪشادي مهمان خاني ۾ رهايو ويو. سڄو ڏينهن هو اتي اڪيلو ويٺو رهيو ۽ مون سان ڳالهيون ڪندو رهيو. هو هتي روسي جنگي قيدين جي خبر لهڻ آيو هو. وزيراعظم نواز شريف جو روس جو دورو ان ڪري ئي بي لاپ ثابت ٿيو هو. آخر آڪٽوبر 1999ع ۾ ميان نواز شريف کي سندس چيف آف آرمي اسٽاف سان اٽوٽٽ سبب تخت تان لاٿو ويو.

مير ظفر الله خان جماليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پرويز مشرف سويلين حڪومت قائم ڪئي ۽ 2002 ۽ 2007 ۾ ماسڪو جو دورو ڪيو. هن ان وقت نئين روسي رهنما ولادي مير پيوٽن سان اڪيلي سر ملاقات ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ پيوٽن به ٻه طرفا لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي وزيراعظم ميخائل فريدڪوو Mikhail Fradkov کي 2007 ۾ اسلام آباد اماڻيو. اهو اعليٰ سطحي روسي وزيراعظم جو دورو لڳ ڀڳ 38 سالن ڪانپوءِ ڪيو ويو هو. هن ان وقت جي صدر پرويز مشرف ۽ وزيراعظم شوڪت عزيز سان مختلف موضوعن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون. ان ڪانپوءِ پاڪستان کي ڪريملن سان پنهنجا لاڳاپا درست ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي. جنهن ڪانپوءِ 2012 ۾ روسي صدر پيوٽن پاڪستان اچڻ جو اشارو ڏنو هو پر پوءِ ڪن سببن جي ڪري اهو دورو ملتوي ڪيو ويو. مختلف وقتن ۾ ڪڏهن علاقائي ته ڪڏهن بين الاقوامي اجلاسن ۾ اسان جا رهنما پنهنجي روسي هم منصبن سان سائيڊ لائين گڏجاڻيون ڪندا رهيا آهن. اسان شنگهائي ڪو آپريشن آرگنائيزيشن کي انتهائي پر اثر نموني روسي ۽ وچ ايشيائي ليڊرشپ سان لاڳاپن کي بهتر بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ پارت پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ کي آمريڪا طرف موڙيو آهي. ان جي ڪري پاڪستان کي رشين فيڊريشن سان پنهنجا لاڳاپا مضبوط ڪرڻ لاءِ سٺو وجهه مليو. ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه چئبو ته اسان جي ڪاتي ۾ ڪجهه اهڙيون شيون موجود آهن جيڪي چرڪائيندڙ به آهن. ملڪ اندر مذهبي انتها پسندي ۽ فرقيواريت، ڏکڻ وزيرستان ۾ افغان طالبان ۽ سندن پرڏيهي ساٿارين جنهن ۾ ازبڪ، چيچن، اوئيگر ۽ عربن جو جمع ٿيڻ. روسي مسلم رياستن ۾ وڳوڙ پيدا ٿيڻ، تحريڪ طالبان پاڪستان جو ايرڻ ۽ افغانستان ۾ NATO جنگ ۾ پاڪستان جو اڳئين صف ۾ بيهڻ ۽ خاص ڪردار ادا ڪرڻ ڪجهه اهڙيون تلخ حقيقتون آهن جن ماسڪو سان اسان جي لاڳاپن جي گرم جوشيءَ کي سرد مهريءَ ۾ مٽايو آهي.

آڪٽوبر 2016 ۾ تازو ئي ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل ملٽري مشقون ڪيون ويون، جيڪو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي بهتر بنائڻ لاءِ هڪ سٺو سوڻ آهي. ان عمل ته ڪجهه روسي تجزيه نگارن کي ايستائين چوڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو ته روس، بيجنگ ۽ اسلام آباد وچ ۾ هڪ اسٽريٽيجڪ الائنس اڀري رهيو آهي ته جيئن آمريڪا جي طاقت کي ملٽائي انٽرنيشنل آرڊر ذريعي توازن ۾ رکي سگهجي. جيتوڻيڪ ان ڳالهه تي پروسو ڪرڻ جو اڃان وقت نه آيو آهي. پرڏيهي معاملا هلائڻ لاءِ ملڪن وچ ۾ اهڙا الائنس جڙندا رهندا آهن. ان قسم جي ڳانڍاپي جو صرف هڪ ئي سبب هوندو آهي ته رياستون پاڻ ۾ گڏجي پنهنجا سياسي، اقتصادي ۽ اسٽريٽيجڪ مفاد خطي ۾ بهتر طور حاصل ڪري سگهن. سينٽرل ايشيا مان هائيڊرو ڪاربن جا وڏا ذخيره هجڻ، يوريشين خطي ۾ اقتصادي راند جي پڪيڙ ۽ اقتصادي راهدارين جي تيل ۽ گئس جي پائپ لائينن جي لنگهڻ سبب مقابلي واري صورتحال، ان ڪانسواءِ چين جو ون بيلٽ ون روڊ پروجيڪٽ لاءِ اتساهه ڪجهه اهڙا سبب آهن جيڪي ڏکڻ ڪان وچ ايشيا ۽ اڳتي ڪاڪيشن ڪان ماسڪو ۽ يورپ تائين ان قسم جا الائنس جوڙيندا. في الحال مون کي ان قسم جو ڪوبه الائنس جڙندي نظر نٿو اچي. هن وقت ماسڪو هُرمز ڪان سڌو ۽ ماسڪو اسٽريٽ آف هُرمز ۽ سندس استرا خان جي ڪيسپين پورٽ تائين اڳ ۾ پنهنجي اتر- ڏکڻ بين الاقوامي شاهراهه ۽ ٽرانسپورٽ راهداريءَ کي وڌيڪ بهتر بڻائي رهيو آهي. هن پروجيڪٽ ۾ 20 ملڪ شامل آهن. جن ۾ پارت به اسپانسر ڪندڙ رياست طور شامل آهي.



**نوٽ: (هي آرٽيڪل انگريزي ۾ خاص همسري لاءِ لکيل آهي جنهن کي زاهده ابڙو ترجمو ڪيو آهي.)**

alambrohi@yahoo.com

# نظرياتي ڪوهيڙو يا فڪري مونجهارو...!!

امان الله شيخ

اسان جڏهن به مستقبل بابت هڪبئي سان روح رهاڻ ڪندا آهيون ته ان ۾ جوش، جولان، تڪڙ ۽ اپهرائي جا عنصر شامل هجن ٿا. چو ته مستقبل جي جهروڪن ۾ ليئا پائيندي جيڪا به خيال آرائي ڪيون ٿا ته نتيجي حاصل ڪرڻ لاءِ چوهائي يا تيزي ۾ هجون ٿا. جيتوڻيڪ رد و بدل جو عمل جنهن لاءِ اوسيئڙي ۾ هجون ٿا سو پير ۾ پير ڏئي آهستگي سان وک وڌائيندو اچي جنهن کان پاڻ ايترو باخبر نه هوندا آهيون. ان جي برعڪس جيڪڏهن رد و بدل آڻن لاءِ تڪڙا قدم کڻون ٿا ته پوءِ تاريخ جي تسلسل ۾ ڪا نه ڪا رنڊڪ پيدا ٿيڻ جي امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي ۽ نتيجا به اڇڻ اسان جي وس کان ٻاهر هجن ٿا. ان لاءِ مختلف تشريحون ۽ تاويلون ڏئي پاند آجا ڪرايون ٿا ته آدرش ۽ اصولن جو دور وهامي ويو آهي.

ائين عالمي سماج کان وٺي مقامي سماج تائين هڪ ورجاءِ ٿيندو نظر اچي پيو ته نظريا، اصول ۽ آدرش ثانوي يا رد ٿي چڪا آهن. دنيا ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کي برتري حاصل آهي. ان ڪري انساني خوشحالي ۽ سماج جي رد و بدل جو ذريعو سياست ۽ نظرياتي اٽڪٽ سان ماڻهن کي مونجهه ۽ نراسائي ڪانسواءِ ڪجهه به هٿ پلئه نه پيو آهي. ان جي برعڪس ڪجهه عالم ۽ ڏاها چون ٿا جيستائين هن سماج ۾ اڻ برابري جو عنصر موجود آهي ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيدگي سان اُپاءَ نه ورتا ويندا اوستائين سماج ۾ ڇوٽڪارو ۽ امن امان ڪونه ايندا. ان کان به وڌيڪ ته عالمي سطح تي جيڪي اهم، سگهارا ۽ ڏاڍا مڙس ملڪ آهن ته انهن جي حيثيت ۽ مانَ کي چئلينج ڪرڻ لاءِ ڪابه مزاحمت ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، پر ڇا ائين آهي ته تحرڪُ پرستي (Activism) جو خاتمو اچي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ تحرڪُ ته جياپي ۽ ساڃاهه جو لازمي جُز هجي ٿو هتي سوال آهي ته ڇا نظرياتي اٽڪٽ جا دروازا بند ٿيل آهن؟ ان لاءِ سڀ کان پهريائين سمجهڻ جي ضرورت آهي ته نظريو ڇا آهي؟

اساسي نقطه نگاهه کان لفظ نظرئي (Ideology) جي فڪري معنيٰ آهي ته اهڙو علمي واهپو جنهن جي آڌار تي انومان کي ترتيب سان تشريح ڪرڻ جيڪو اڳتي هلي منطق ۽ دليل جي روءِ سوءِ سان سماج تي اثر انداز ٿئي.

نظرئي جي وصف ۽ آرائي به وڌيڪ ڇنڊائي سان ڇيو ويو.

نظرئي/فڪر جي مطالعي لاءِ لازمي هجي ٿو ان جي اصولن جو هڪبئي سان لاڳاپي طور تقابلي جائزو وٺڻ، تاريخي سٽاءِ ۽ تناظرن جي روشني ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ آهي.

نظرئي کي باعمل ڪرڻ جو بنيادي مقصد محض سطحي قيرقار يا اصلاح آڻڻ نه هجي ٿو، پر ان لاءِ تاريخي پسمنظر جي نسبت سان حالتن جي تپاس گيري ڪرڻ ته اُهي ڪهڙا ڪارڻ هجن ٿا. جنهن وسيلي نظرئي کي دنيا ۾ فتح مندي حاصل ٿئي ٿي.



نظريو هن سنسار کي وڻ ويڙهي وانگر وڪوڙي بيٺل اهو اسم آهي جيڪو پنهنجي سٽا ۽ تاريخ جي وهنوار ۾ اشارن، انومان جو هڪ جهان آهي. اڪيچار اصولن، آدرشن کي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسڻ واسڻ ۽ پرجهڻ جو اهڙو لقاءُ هجي ٿو. جنهن کي معروضي حالتن مطابق رد و بدل آڻڻ سان جياپو حاصل هجي ٿو.

اهڙي ريت نظريو محض انسان دوست نہ پر انسان مخالف بہ هوندو آهي. اهو هيئن تہ اهي انسان يا ڌريون جيڪي نظرئي لاءِ اڳيرائي ڪندا آهن انهن جي ذهني ۽ فڪري سوچ ۽ ساڃاهہ جو بہ ان ۾ عمل دخل هجي ٿو. مثال طور جمهوريت، آمريت، فسطائيت، سماج واد/سوشلزم ۽ مذهبي نظريا ان دائري ۾ اچي وڃن ٿا.

نظرئي کي عملي ۽ حقيقي شڪل ڏيڻ لاءِ طاقت يا سگهہ جو استعمال ڪرڻ ان جا مثال فرينچ انقلاب، آمريڪي انقلاب ۽ آڪٽوبر انقلاب چئي سگهجن ٿا اسان هڪ صدي پوئتي ڪنڌ ورائي ڏسنداسين تہ دنيا پهرين مهاڀاري لڙائي جي تباهي مان پاند آجا ڪرائڻ جي جهد ۾ ورتل هُئي ۽ ظاهري طور ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ عظيم برطانيا جي جهنڊي تان سج ڪونہ لهندو ۽ جيڪڏهن ڪا رد و بدل ايندي تہ اها بہ طاقتور ڌرين جي رضامندي ڪانسواءِ اچڻ محال آهي. ان ڪري دنيا ۾ نظرياتي اٿلپٿل جو دور وهامي ويل آهي.

ويهين صدي جي ابتدا ۾ سوشل سائنسدانن کي پڪو پختو ويساهہ هو تہ ويجهڙائي ۾ ڪنهن وڏي رد و بدل جا آثار نظر ڪونہ اچن ٿا. انهن ۾ نورمين اينجئل (Norman Angel) جو نالو سرفهرست نظر اچي ٿو. هن صاحب هڪ ڪتاب ”هڪ وڏو وهم“ (The Great Illusion) جي عنوان سان لکيو. ان ڪتاب جو تت هو تہ عالمي سماج تي سگهارين ڌرين جا مفاد هڪٻئي سان ايترا تہ سلهاڙيل آهن جو ڪنهن بہ جنگاڻ يا ويڙهاند جو ۽ فڪري چڪتاڻ جو نانءُ نشان نظر ڪونہ اچي ٿو. چاڪاڻ تہ انهن سگهارين ڌرين جي وسيلي هڪ نئين خوشحالي جو دور اچڻ وارو آهي، پر اوچتو يورپ ۾ ڪايا پلٽ شروع ٿي وئي جنهن سڄي عالم ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. ائين مارڪسزم جي آمد دنيا جي قابض قوتن ۾ ڏارون وجهڻ شروع ڪيون. ان



سان گڏوگڏ فسطائيت ۽ نازي ازم جي راڪاس يورپ کي ڏڪڻي ڏئي ڇڏي.

اجا بہ هڪ ٻئي ڪتاب مغرب جو زوال (The Decline of the West) جو ذڪر بہ وقتائتو لڳي ٿو. هن ڪتاب جو ليکڪ آسوالڊ اسپنگلر آهي. سندس پورهئي جو تت آهي تہ ”مغرب جو عالمي سطح تي انت اچي رهيو آهي. اسان Faustian Civilization جي ڏِس ۾ جنگاڻ جي وايو منڊل جا اکين ڏٺا شاهد آهيون.“ اسپنگلر اجا بہ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو تہ ”مغرب جو ماڻهو پنهنجي فڪري پورهئي جي نسبت سان ڳاٽ مٿي ڪٽي هلڻ لائق ٿيو آهي هاڻي ان عروج تائين پهچي چڪو آهي. جنهن ڪانپوءِ زوال جو زمانو اکين آڏو آهي. جيتوڻيڪ هُو جدوجهد ڪندو رهندو پر وڌيڪ پلئہ ڪونہ پوندو.“

هتي اسان کي لازم ٻڌجي ٿو تہ ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ ٿيندڙ صف بندي کي نظر مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيون.

هونئن ظاهري طور پڻ ائين پئي نظر آيو تہ يورپي سلطنتن کي ڪوبہ لهر ۽ لوڏو ڪونہ هو. انهن جون ايشيا ۽ آفريڪا ۾ بيٺڪون مڪمل قبضي هيٺ هيون ۽ ماٺار جو ماحول نظر پئي آيو، پر ويهين صدي جي پهرين ڏهاڪي ختم ٿيڻ سان عالمي آسمان تي جنگاڻ جا ڪڪر نمودار ٿيا. ائين ڏسندي واسندي پهرين مهاڀاري لڙائي جي رتو ڇاڻ دنيا جي نقشي ۾ رد و بدل اٿي ڇڏي.

يورپ ۾ هيمبرگ سلطنت شاهي جا پيل پاوا لڏي ويا. جرمني سان گڏوگڏ سلطنت عثمانيہ جو زوال اچي ويو.

اپکنڊ جي سياسي وايو منڊل ۾ هڪ نئين سجاڳي پاسا ورائي رهي هُئي. ان زمري ۾ بنگال جون انقلابي تحريڪون ۽ سنڌ ۾ ممبئي کان آزادي جي هلچل پڻ ڳٽپ هيٺ نظر اچن ٿيون.

رياست هاءِ متحده آمريڪا هڪ نئين سلطنت ٺاهڻ لاءِ هٿ پير ڊگها ڪري رهيو هو. يعني اسپيني بيٺڪن تي قبضو ڪرڻ ڪئريبن ٻيٽن ۽ ڏور اوڀر کي پنهنجي ياڪر ۾ آڻڻ لاءِ ابتدا ڪري چڪو هو.

هوڏانهن چين بقول نيپولين ”ايشيا جو بيمار مرد“ بہ ڪنجهي ڪُرڪي رهيو هو تہ جيئن ٻِٺي غلاميءَ مان پاند آجا ڪرائي سگهي.

جاپان ويهين صدي جي ابتدا ۾ پنهنجي بحري سگهہ جو نماءُ ڪندي 1904ع ۾ هڪ ڏهاڙي جي جنگ ۾ روسي بحري طاقت کي چيهون ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح ويهين صدي جي ابتدا امن امان يا خوشحالي جي عمل سان نہ پر اٿل پٿل سان ئي نمودار ٿي هُئي. ائين ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ ئي نہ هو تہ روس کي 1904ع جي آيل شڪست مان چوڏنهن ورهين جي مختصر مُدي ۾ هڪ اهڙو انقلاب جنم وٺندو جيڪو ستر سال سانده دنيا ۾ سرمايہ دارنہ سلطنت شاهي جي سامهون سينو ساهي بيٺل نظر ايندو. منهنجو مطلب آهي بالشويڪ/آڪٽوبر انقلاب جنهن مغرب جي قبضا گيري کي ڏونڌاڙي ڇڏيو.

اهڙي ريت نورمين اينجئل ۽ اسپنگلر جون جيڪي بہ اڳڪٿيون ڪيل آهن ان جي برعڪس نتيجا اچي ويا ۽ ائين دنيا جي نقشي ۾ هڪ ر دو بدل اچي وئي جو دنيا هڪ طرفي جي بجاءِ بطرفي (Bi-Polar) ٿي وئي. اهو هيئنئن تہ هڪ پاسي عالمي سرمايہ دارانہ سرشتو ۽ ٻئي پاسي سوشلسٽ سماجي سرشتو آمهون سامهون بيٺل هئا. انهن ٻنهي عالمي طاقتن جي وچ مان بينڪن مان آزاد ٿيندڙ ملڪ ٽين دنيا جي بئنر هيٺ گڏ ٿي رهيا هئا.

پهرين مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ جرمني جي شڪست سان هڪ جارحانہ نسل پرستانہ قوم جرمني جا آثار نظر اچڻ لڳا ۽ خاص، جرمني کي پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ ذلت آميز شرطن سان گوڏا کوڙائڻ جو رد عمل ظاهر ٿيو جنهن اڳتي هلي ٻي مهاڀاري لڙائي لاءِ ميدان هموار ڪيو. ٻي مهاڀاري لڙائي جي پڇاڙي سان عالمي سماج تي برطانيا جو اثر زائل ٿيو. ان جي جاءِ تي عالمي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو بہ سپر پاور اُڀري آيا يعني USA ۽ يونين آف سوويت سوشلسٽ ريبلڪ آف رشيا (USSR) جنهن کي سرد جنگ جو دور چيو وڃي ٿو. بهرحال ٻي مهاڀاري جنگ جي پڇاڙي سان دنيا جي نقشي تي غلام قومن جي آزادي جو بہ سلسلو شروع ٿي ويو ۽ خاص ڪري چين ۾ مائوزي دونگ جي سربراهي ۾ هاري انقلاب آندو ويو ان کان سواءِ آمريڪا جهڙي فيل مست کي ويٽنام جي ڪُوچڙن گوريلن مات ڏئي ڇڏي، پر 60/70 جي ڏهاڪي ڪانپوءِ دنيا ۾ مستقبل بابت منجهيل عڪس هيٺ مٿي ٿيڻ لڳا. ان کي عالمي دانشورن متبادل مستقبلن (Alternative futures) جو نالو ڏنو.

انهيءَ صورتحال جو جائزو وٺندي آمريڪي سوشل سائنسدان برزنسڪي 1960ع جي ڏهاڪي ۾ اڳڪٿي ڪئي تہ آمريڪا ۽ سوويت يونين هڪ اهڙي ويجهڙائي ڏانهن پيش رفت ڪري رهيا آهن جنهن کي اڳتي هلي ٽيڪنو ڪريٽڪ زمانو (Technocratic age) چيو ويندو. ان نئين ٽيڪنالاجي جي برڪتن سان نہ رڳو سنسار ۾ سک ۽ امن ايندو پر ڏاهپ ۽ ساڃاهہ جا معيار ۽ ماپا بہ بدلجي ويندا. برزنسڪي جي اهڙي اپٽار مان مقصد سامهون اچي ٿو تہ نظرين ۽ آدرشن جي چڪتاڻ ۾ ماٺار اچي ويندي ۽ ٽيڪنالاجي جي برڪتن سان انسان ذات خوشحالي ۽ آزادي حاصل ڪندي، پر جيڪڏهن ٿوري بہ ڇنڊ ڇاڻ ڪنداسين تہ اسان جي وهم ۽ گمان جي برعڪس نتيجا اچي ويا يا جيڪي بہ اڳ ڪٿيون ڪيون ويون سي رد ٿيون.

اڳتي هلي جڏهن سوويت يونين ماڊل سوشلزم جو دور پڇاڙي پهچي ويو دنيا کي پيغام ڏنو ويو تہ نظرياتي اٽڪٽ جو زمانو ختم ۽ جمهوريت ۽ اقتصادي آزادي جو سونهري دور شروع ٿي چڪو آهي، جيتوڻيڪ ڇڙواڳ اقتصاديات جي نالي ۾ جيڪي هاڃا ٿيا آهي اسان جي سامهون آهن جو ٽين دنيا جا ملڪ مورڳو سياسي ۽ اقتصادي طور وڌيڪ تباهہ حال ٿي ويا آهن.

ان ڪري سمجهڻ گهرجي تہ نظرياتي اٽڪٽ (Conflict of Ideology) کي مات ڪانہ آئي آهي، پر ان کي معروضي حالتن مطابق سنوارڻ ۽ سينگارڻ جي ضرورت آهي. اسان جنهن دور مان گذري رهيا آهيون. ان ۾ للڪارڻ ۽ محاذ آرائي ۾ خاتمو ڪونہ آيو آهي. چاڪاڻ تہ 21 صديءَ جي سماجي ۽ سياسي اٿل پٿل جو واسطو گذريل صديءَ سان پڻ منسلڪ آهي.

انهيءَ حوالي سان پياري پاڪستان اندر هڪ نئين رد و بدل جا آثار نمودار ٿيندي نظر اچن ٿا. اهو هيئنئن تہ:

پنجاب جنهن جو ملڪ جي سياسي ۽ سماجي وهنوار ۾ مٿانهون هٿ نظر اچي ٿو ان ۾ هڪ پڳل ٽٽل شڪل ۾ ميان نواز شريف چئلنج بڻجي اُڀريو آهي، پر سياسي سربراهہ طور اندرون خانا ملڪ هڪ بحران ۾ ورتل آهي. ان جي ڪري گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ نواز شريف جي وس کان ٻاهر آهن.

ماضيءَ ۾ پيپلز پارٽي جو ڪردار ريڊيڪل ۽ عوام ۾ مڃتا ماڻيندڙ هو اهو بہ جموديت ۽ خانداني ورثي سان واڪيل آهي.

تحريڪ انصاف شخصيت پرستي ۽ سماجي رد و بدل آڻڻ کان وڌيڪ ملڪ ۾ غير يقيني صورتحال پيدا ڪرڻ لاءِ اڳ کان اڳري آهي.

قومپرست، ترقي پسند ۽ روشن خيال ڌريون منجهيل ۽ نظرياتي بحث مباحثن جي نالي ۾ انا پرستي جي دائري مان ٻاهر اچڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن.

اهڙي وايو منڊل کي فڪري سوچ ۽ ساڃاهہ مٿان ڇانيل ڪوهيڙو/ڌنڌ ڇٽي سگهجي ٿو.

اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ ائين سرمايہ داري سانڊي جي رنگ وانگر پنهنجا روپ حالتن مطابق مٽائيندي اچي پئي. ٻئي پاسي سوويت سوشلسٽ ماڊل جي خاتمي ڪانپوءِ هڪ نواڻ اچي پئي جنهن کي دنيا جا عالم خاموش انقلاب(Silent Revolution) چئي رهيا آهن. نئين صدي جي شروعات سان عالمگيريت جي نالي نظرئي جي صورت ۾ بنياد پرست نظرين جو عروج آهي. اهڙي ريت اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ نظرياتي فڪر جي مٿان ڇانيل ڪوهيڙي يا فڪري مونجهاري جو علاج سياست ۽ سماج جي نئين سر اڏاوت سان واڪيل آهي.

ڪارل پوپر جي چواڻي: ”اهو اسان جي وس کان ٻاهر آهي تہ تاريخ جي مستقبل بابت ڪابہ پيشن گوئي ڪري سگهون. جو تہ اچوڪي ڏهاڙي متعلق بہ ڪا آخري راءِ نٿا ڏئي سگهون ۽ نہ وري سڀاڻي لاءِ بہ اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا.



amanlrk805@gmail.com

# هوءَ هڪ روشن شمع هئي

**زاهده ابڙو**

عورتن، ٻارن، نوجوانن، بنيادي انساني حقن ۽ جمهوريت لاءِ جاکوڙيندڙ ڪردار عاصمہ جهانگير، جنهن جا گهڻا حامي آهن تہ ڪجهہ مخالف بہ موجود آهن. مان چاهيان ٿي تہ هن دفعي اٺين مارچ جي حوالي سان عاصمہ جهانگير جي شخصيت ڪي همسريءَ پاران مجتا ڏيئي پيش ڪريان. اهو نہ رڳو منهنجي لاءِ فخر جو سبب بڻبو پر همسريءَ لاءِ بہ هڪ اعزاز هوندو. اسان جي قوم آس ۽ نااميدي جي وچ ۾ هلندي رهي آهي پر ان هوندي بہ ڪجهہ اهڙا فرد اسان جي سماج ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن جن حالتن جو مقابلو ڪيو آهي نہ رڳو پاڻ



مقابلو ڪيو آهي پر ٻين ڪي بہ مقابلي ڪرڻ جي سگهہ ڏني آهي. عاصمہ جهانگير بہ انهن فردن جي فهرست ۾ سڀني ڪان مٿي نظر اچي ٿي. هن ڪي ڪجهہ ماڻهو مغرب جو ايجنٽ چون ٿا. هوءَ منهنجي ۽ ٻين ڪيترن ئي ترقي پسند پاڪستانين جي نظر ۾ انساني حقن جي لاءِ جاکوڙيندڙ ۽ جمهوريت لاءِ وڙهندڙ هڪ بهادر ڪردار هئي. سندس تعلق هڪ پڙهيل ڳڙهيل خاندان سان هو، هوءَ ملڪ غلام جيلاني جي نياڻي هئي جنهن سياست ۾ عملي طور تي وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ عاصمہ ڪي سياسي تربيت، انساني ۽ بنيادي حقن جو شعور پنهنجي گهر مان ئي مليو، هن ڪي ننڍي هوندي ڪان ئي پنهنجن حقن خاطر وڙهڻ لاءِ جاڳرتا ڏني وئي هئي تہ گهر ۽ سماج ۾ سندس بنيادي حق ڪهڙا آهن ۽ هوءَ ڪٿي ڪنهن بہ نا انصافيءَ خلاف ڪيئن آواز بلند ڪري سگهي ٿي. سندس خيال هو تہ پاڪستان ۾ عورتن جي حقن جي جڏهن ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي تہ اها صرف سندن بنيادي حقن جي ڳالهہ تائين محدود هوندي آهي، جنهن ۾ خاص طور ڪين جسماني تشدد ڪان بچاءُ ۽ مرضي خلاف شادي نہ ڪرڻ شامل آهن. جڏهن تہ مغرب جي عورت ۾ جاڳرتا جي سطح تمام اوچي آهي جنهن تائين اسان جي عورت ڪي پهچڻ جي ضرورت آهي. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ هوءَ هڪ غير متوازن زندگي گهاريندڙ عورت هئي، پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ هوءَ هڪ مستقل مزاج، اصول پسند ۽ روايتن جو احترام ڪندڙ عورت هئي. عام صورتحال ۾ هوءَ ڪنهن بہ بغاوت جو اظهار نہ ڪندي هئي ۽ عام عورت وانگر زندگي گذارڻ پسند ڪندي هئي. هن پنهنجي ٻارن جي تربيت اهڙي انداز سان ڪئي هئي جنهن سان ٻارن جي وچ ۾ هڪجهڙائي ۽ برابريءَ جو تصور اڀاريو.

هن جو خيال هو تہ جيڪو ڪم سندس پٽ ڪري سگهي ٿو ساڳيو ئي ڪم سندس ڌيئرون بہ ڪري سگهن ٿيون ۽ جيڪو ڪم ڌيئرون ڪري سگهن ٿيون سو پٽ بہ ڪري سگهي ٿو. هوءَ تعصب ڪان بلڪل پاڪ عورت هئي، هن لاءِ ڪنهن بہ فرد لاءِ تعصب رکڻ اجايو عمل هو. سندس شخصيت اهڙي هئي جنهن لاءِ دوست ۽ دشمن ٻئي ان ڳالهہ جو اقرار ڪندا هئا تہ هوءَ مصنوعيت ۽ منافقت ڪان بلڪل پاڪ هئي. هن ڪي جيڪو ڪجهہ چوڻو هوندو هو يا ڪرڻو هوندو هو تہ ڪيس ان ڳالهہ ڪان ڪابہ طاقت روڪي نہ سگهندي هئي. هن آمرن جي اڳيان سچ چوڻ ڪان ڪڏهن بہ نہ ڪيٻايو. هوءَ اهڙن مردن ۽ عورتن ڪان چڙندي هئي جيڪي پنهنجي وجود ۾ ٻٽي شخصيت جا مالڪ آهن ڪيس اهڙي مڪروهہ عمل ڪان سخت نفرت هئي.

هوءَ عورت جي حقن جي علمبردار هئي، ڪيس هن معاشري ۾ عورت جي مٿان ٿيندڙ مختلف طريقن سان ڏاڍاين تي تمام گهڻو افسوس ٿيندو هو. سندس خيال هو تہ هن معاشري ۾ سڀ ڪان وڏيڪ عورت تي جبر ٿئي ٿو. هوءَ مختلف طريقن سان پوڳي ٿي. عورتن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ تنظيمن ۽ شخصيتن ڪي پاڪستان ۾ نا پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺو ٿو وڃي، پر اهڙن ماڻهن ڪي هن اهو پيغام ڏنو تہ جيئن جيئن ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال وڌندو عورت وڌيڪ بااختيار ٿيندي ويندي. 52 سيڪڙو آباديءَ ڪي ترقيءَ ڪان ڪوبہ روڪي نہ سگهندو. مٿس بند ڪيل دروازا آخر تہ کلڻا آهن، جنهن جو ثبوت تازو ئي سعودي عرب جي فرسوده نظام ۾ تبديلي آهي. هوءَ عورتن لاءِ ترقيءَ جا دروازا کولڻ جي حامي هئي، سندس خيال هو تہ عورت ڪي مجبور بڻائي جيڪڏهن گهر اندر ويهاريو ويو، مٿس جسماني يا ذهني تشدد ڪيو ويو تہ هوءَ ايندڙ نسلن ڪي ڪجهہ نہ ڏيئي سگهندي. هڪ پڙهيل لکيل، باشعور، معاشي طور مستحڪم عورت هڪ با اعتماد خاندان جوڙي سگهي ٿي. ڪيس مغرب جو ايجنٽ هجڻ جا طعنا ملندا هئا پر هوءَ انهن ڳالهين ڪي اهو چئي نظر انداز ڪندي هئي تہ هتي هر ان شخص ڪي مغرب جو ايجنٽ چيو ويندو آهي جيڪو ترقي پسند سوچ ڪٺي اڳتي وڌي ٿو ۽ تبديليءَ لاءِ جاکوڙي ٿو.

سياست بابت سندس ويچار "جنگ" اخبار کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ڪجھ هن ريت هئا، "سياست هن ملڪ ۾ "اسٽيٽس ڪو" کي قائم رکڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي. هن چيو ته هتي صرف 1970ع جي سياست "اسٽيٽس ڪو" کي ٽوڙي سگهي هئي. پوءِ ان جو حشر ڇا ٿيو سيني کي خبر آهي. ان کانپوءِ ڪابه سياسي پارٽي ان کي ٽوڙي ناهي سگهي. هن پنهنجي انٽرويو دوران ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي مخالف هوندي به سندس ڏنل عوامي سياسي شعور کي مڃتا ڏني. هوءَ هڪ وڏي دل واري عورت هئي. هن جي خيال ۾ ڀٽو ئي اهو واحد رهنما هو جڏهن 60 جي ڏهاڪي ۾ هن پنهنجي تحريڪ هلائي ته ماڻهو مزدورن ۽ هارين کان ڊڄڻ لڳا ۽ خوف کائڻ لڳا ته اهي ڪين ماري نه وجهن. سندن شعور انتهائي حد تائين پهچي چڪو هو. هن هڪ عام ماڻهو کي وقار ۽ عزت ڏني. هوءَ بينظير ڀٽو جي تمام گهڻي عزت ڪندي هئي ۽ ڪيس ان معاملي ۾ رياست سان شڪايت هئي ته بينظير کي سندس حڪومتي دور ۾ تمام گهڻو تنگ ڪيو ويو. هن انٽرويو دوران بينظير جي يادگيرين کي ونڊيندي هڪ واقعو ٻڌايو ته حيدرآباد ۾ ڪجھ هارين جو مسئلو ٿي پيو ۽ بينظير جاپان وڃي هئي، مون کي جاپان کان سندس سيڪريٽريءَ جو فون آيو ته بينظير جهاز ۾ آرڊر ڏنو ته عاصمہ جو هارين وارو مسئلو حل ڪيو وڃي، ڊپٽي ڪمشنر کي چئو ته هارين کي آزاد ڪري. هوءَ بينظير جي مداح هئي پر سندس پاليسين سان اختلاف رکندي هئي. عاصمہ هڪ تمام ذهين عورت هئي اصلي ۽ جڙتو رهنما جي فرق کي چڱيءَ ريت ڄاڻندي هئي. "جنگ" کي ڏنل انٽرويو ۾ هن پنهنجي موقف کي نواز شريف جي باري ۾ ايمانداري سان بيان ڪندي چيو، "توهان کي ڇا ٻڌايان ته هن کي انساني حقن جي ڪابه ڄاڻ نه آهي. هن وٽ اهڙي ڪابه سوچ نه آهي. هن کي ڪنهن سان به ڪا همدردي نه آهي. اهڙو ليڊر جنهن کي فوج جي آمرن ٺاهيو هجي ۽ ڪو اهڙو جيڪو محنت سان ليڊر ٿيو هجي ٻنهي ۾ وڏو فرق هوندو آهي."

هوءَ انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڳالهه ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خيال ڪندي هئي ته سندس بيان آئين ۽ قانون مطابق ئي هجڻ گهرجي. عورت کي ڪاري ڪري مارڻ يا ڪيس ماورائي قانون ۽ آئين ڪنهن به قسم جو نقصان يا سزا ڏيڻ جي ڪنهن به طرح حق ۾ نه هئي. سندس خيال هو ته عورت به مرد وانگر هن سماج جو برابر حصو آهي. جيڪڏهن هن کان ڪوبه ڏوهه ٿئي ٿو ته حدود آرڊيننس موجود آهن ۽ ملڪي قانون به موجود آهن ڪيس انهن قانونن مطابق سزا ملڻ گهرجي نه ڪي ڪيس قتل ڪري ڇڏجي. سندس نظر ۾ اسان جو قانون عورت جي قاتل کي تمام گهٽ سزا ڏئي ٿو، جنهنڪري مرد عورت جو قتل ڪرڻ کان نٿا ڪيٻائين ۽ هو بچي نڪري وڃن ٿا. هوءَ انساني حقن لاءِ سچي ۽ کري ڪسوٽي هئي سندس ڪيل هر ڳالهه مان ائين ظاهر ٿيندو هو ڄڻ ته سندس من اندر ڪو پارس هجي جنهن مان خيالات سون جهڙا سچا ۽ کرا ٿي، ٿي نڪتا. هوءَ ٻارن ۽ نوجوانن جي حقن لاءِ به تمام گهڻو آواز بلند ڪندي رهي. نوجوانن کي سندن مرضيءَ مطابق شادي ڪرڻ جي حق ۾ هئي ۽ والدين کي ساڻن انصاف ڪرڻ ۽ مدد ڪرڻ جو چوندي هئي ته جيئن اهي نوجوان ڪامياب ۽ خوش زندگي گهاري سگهن.

نياڻين لاءِ هوءَ وڏيڪ همدردي رکندي هئي ڪين تعليم ۽ شاديءَ جي حق تائين رسائيءَ جي هر هر ڳالهه ڪندي هئي. هوءَ ملڪ ۾ جمهوريت جي حامي، بنيادي انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ ۽ آمرانه اقتدار جي سخت مخالف هئي. سندس خيال هو ته فوجي آمرن حڪومتن ملڪ جي معاشي ترقيءَ کي وڏو ڌڪ رسايو آهي. سندس خيال هو ته مارشل لا لڳائي هميشه انساني حقن کي پامال ڪيو ويو آهي ۽ فوج پنهنجي مرضيءَ سان سول حڪمران اٽي ويهاريندي رهي آهي پر هاڻي اها رائند وڌيڪ نه هلي سگهندي.

هوءَ سيڪيولر معاشري جي خواهشمند هئي. ان ڪري ئي ڪيس مذهبي انتها پسندن طرفان ڪڏهن يهودي ايجنٽ ته ڪڏهن قادياني چيو ويو. حقيقت ۾ نه هوءَ لادين هئي نه ڪنهن جي ايجنٽ پر هوءَ ته هر مظلوم انسان جي پرجهلو هئي. هن اهڙي معاشري جوڙڻ جي لڳاتار ڪوشش پئي ڪئي جتي هر انسان کي بنيادي حق حاصل هجن، مذهبي آزادي حاصل هجي. هن کي يقين هو ته اسان جو معاشرو بنياد پرست نه آهي پر چند بنياد پرست پوري سماج کي يرغمال بڻائي وينا آهن. جڏهن جڏهن ماڻهن کي موقعو مليو تو هو پنهنجي عمل سان بنياد پرستن جو مقابلو ڪن ٿا. هوءَ سياسي عمل جي تسلسل تي يقين رکندڙ عورت هئي، ڪيس يقين هو ته جيڪڏهن سياسي عمل ۾ تسلسل قائم رهيو ته بنياد پرستي خود بخود ختم ٿي ويندي پر جيڪڏهن ان عمل کي هٽرادو روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته يقينن بنياد پرستن کي موقعو ملندو. سندس يقين هو ته جمهوريت هڪ مسلسل عمل جو نالو آهي جنهن جو ٻج لڳائڻو پوندو آهي پوءِ آهستي آهستي ان کي وڏو وڻ ڪرڻ لاءِ سندس آبياري ڪرڻي پوندي آهي. هن پنهنجي "جنگ" کي ڏنل انٽرويو ۾ عدليہ اندر سڌارا ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي چيو ته عدليہ جي عمل ۾ سڌارا ٿيڻ گهرجن. سندس خيال هو ته آئيني معاملن کي ڏسڻ لاءِ هڪ ڌار آئيني عدالت هجڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن وفاق کي طاقتور بنائڻو آهي ته ان آئيني عدالت ۾ سيني صوبن کي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ملڻ گهرجي. نوان جج هجڻ گهرجن ۽ انهن ججن جي چونڊ سڌي سنئين پارليامينٽ طرفان ٿيڻ گهرجي ۽ سندن مقرريءَ ۾ ليڊر آف دا هائوس ۽ ليڊر آف دا اپوزيشن جي صلاح به شامل هجڻ گهرجي. هوءَ سياسي معاملن کي عدالت ۾ نبيرڻ جي به حق ۾ نه هئي ۽ پنهنجي "جنگ" کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو هئائين، "مون کي عدليہ تي ڀروسو نه آهي." سندس شخصيت جو هر پهلو دلڪش ۽ اثر انگيز هو، هوءَ پنهنجي عمل ۽ اصولن تي سختيءَ سان بيٺل هئي. اڄ سندس ڪمي محسوس ٿي رهي آهي. هوءَ هڪ روشن شمع هئي جنهن مان اميد ڪري سگهجي ٿي ته ڪيترين ٻيون شمعون روشن ٿينديون.



# سخي عورت خيرالنساءِ جعفري

**شعبان وسطڙو**

تاريخ ۾ پڙهيو هيوسين تہ حيدرآباد جي فقير جي پڙ واري علائقي ۾ مائي خيري جي مسجد آهي، تاريخ جي ورقن ورائڻ سان خبر پئي تہ اها مائي خيري مير صوبدار خان جي راڻي هئي، جيڪا هڪ پڙهيل ڳڙهيل عورت هئي، جنهن جي تعليم پرهيزگار استادن جي نظر هيٺ ٿي گذري هئي. چو تہ هوءَ راڻي هوندي نيڪ پرهيزگار ۽ پرديدار عورت هئي جيڪا ننڍي هوندي کان ئي ذهين هئي ۽ کيس پڙهڻ سان ڏاڍو چاهہ هو. مائي خيري کي سندس عقيدتمند محبت، قرب ۽ سندس خير وارن ڪمن جي ڪري مائي خيري سڏيندا هئا نہ تہ سندس نالو خيرالنساءِ هو. بلڪل ايئن جيئن اسان جي خيرالنساءِ جنهن کي سڀ سڪ، قرب ۽ سندس محبتي سڀاءَ جي ڪري گڏي سڏيندا هئا جنهن ۾ مائي خيري واريون سيئي خوبيون موجود هيون.

سخاوت ڪنهن جي ميراث ناهي پر هي شيون تہ خدا تعاليٰ جي مهر سان ٿين ٿيون ائين ناهي تہ هن دور جا ماڻهو صفا اهڙا بہ سخي ٿي ويا هجن جو حاتم طائي جي برابري ۾ ويهن پر ڪنهن کي حاتم طائي واري سخين جي لائين ۾ آخري ماڻهو ڪري ڳڻي تہ سگهو ٿا تہ هو آهي هن دور جو حاتم طائي. مون پنهنجي زندگي ۾ مرد بہ اهڙا سخي نہ ڏٺا جهڙي هيءَ الله لوڪ مائي. جنهن کي جهڙي تنجڻ ۾ ئي سُتي پياري وئي هئي. اهڙي هڪ ملائم ۽ نازڪ خوابن اٽڻ واري ٽنڊي ولي محمد جي شيرين ڪارنر ۾ رهندڙ سنڌ يونيورسٽي جي نفسيات واري شعبي جي استاد خيرالنساءِ جعفري هئي جنهن سان جڏهن ڏيٺ ويٺ ٿي تڏهن هن اهڙو تہ محبتي ۽ قرب وارو رويو ڏيکاريو جنهن هٿي قرب جي ٻنڌڻن ۾ جهڙو قيد ڪري ڇڏيو جتان پاڻ ڇڏائڻ مشڪل هو ۽ مان هوندو هئس هوندا هئا حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد جا روڊ ۽ اهو گهر جو در جتي سنڌ جي هڪ مست ملنگياڻي جي رهائش هئي. هوءَ مون کي ڪڏهن ڪڏهن شهر جي روڊن، گهٽين ۽ يونيورسٽي جي وشال رستن تي نہ ڄاڻ من ۾ ڪهڙي سوچ سوچي، تن تنها اڪيلي نظر ايندي هئي.

حق ۽ سچ وارا ماڻهو منافقت کان ڪوهين ڏور هوندا آهن هن سچ جي پانڌياڻي سان منهنجي قرب ۽ محبت واري ڏور سالن کان ٻڌل هئي جنهن کي سندس محبت ۽ اخلاقي ڪردار ڪڏهن ٽٽڻ نہ ڏنو هن کي مون سدائين وڏڙن بزرگن جيان مهربان ٿيندي ڏٺو. مون کي ننڍين ڀائرن وانگر قرب ڏيندي هئي. صوفي شاهہ عنايت جو چيل جملو ڪٿي پڙهيو هئم تہ ”حق جي راهہ ۾ سر قربان ڪرڻ سان زندگي جو بنيادي مقصد پورو ڪرڻ جو ذمو لهي وڃي ٿو.“

سڌي سنئين واٽ هلڻ وارا ماڻهو پنهنجي لاءِ نہ جيئندا آهن پر هو تہ پنهنجو سمورو جيون ٻين کي ارپي وڃن ٿا. اها ڳالهہ مون خيرالنساءِ جعفري ۾ ڏٺي.

هن ڄڻ پنهنجي زندگي ٻين لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي جنهن جي لڪا هر ڪنهن کي نہ ڏيندي هئي هن کي احساس هو تہ جيڪا راحت ٻين جي مدد ڪندي ملي ٿي تنهن جي خبر هڪ بندي کي يا رب کي.

ماڻهن سان محبت ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ ئي اصل عبادت آهي. مون اهي سمورا گڻ هن فقيرياڻي ۾ ڏٺا، ڪنهن کي شل نہ ڪا پريشاني اچي بس هوءَ جهڙي تڙپي اٿندي هئي چوندي هئي ”شعبان اڄ سڄي رات ننڊ نہ آئي آهي، هوءَ پاڙي واري مائي آهي نہ! ان سان هيءَ ويٽن آهي جڏهن اڪين سان ڏٺم تہ روئي ويٺس پر اجان تہ من ڪڙهي رهيو آهي هن ويچاري کي ڪائڻ لاءِ تہ ڪجهہ بہ نہ هو ۽ هو هن جي جوان ڌيءَ ٿي. يي جهڙي بيماري ۾ تڙپي رهي آهي ڪوبہ ناهي جو هنن جو ڏک ڀائي ٿئي.“ مون کيس پنهنجون سونيون واليون وڪڻي غريبن جي مدد ڪندي ڏٺو.

هڪ سمي هن مون ڏانهن غمزده نيڻ کڻي نهاريندي چيو تہ شعبان! منهنجو وس پڄي ۽ جيڪر آئون امير هجان ها تہ هوند غريبن کي غريب ٿيڻ نہ ڏيان! نہ تہ منهنجو حال اهو آهي تہ پگهار ملڻ سان فقيرن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيندي آهيان مهيني جي وچ وارين تاريخن ۾ کين رڳو رپيو رپيو ڏيندي آهيان.

سندس انهيءَ انسانيت واري جذبي تي حيران ٿي ويس، الائي چو تنهن ويل مون کي امام زين العابدي جون هي سٽون من تي هُري آيون تہ ”اهي ماڻهو توهان کان جلد وسري ويندا، جن اوهان سان گڏ خوشين ۾ ٺهڪ ڏنا هوندا پر اهي ماڻهو توهان کان ڪڏهن بہ نہ وسرندا جن اوهان جي ڏکن ۾ اوهان سان گڏ لڙڪ هاريا هوندا.“

خيرالنساءِ جعفري نفسيات جي ڄاڻو هوندي ماڻهن جي من کي پرکي وٺندي هئي کيس خبر هوندي هئي انهن درد جي ماريلن جي ڪهڙي ۽ ڪيئن مدد ٿي سگهي ٿي. ان ڪري مسئلن ۾ گهيريل ڪيترائي ماڻهو سندس گهر ۽ آفيس ۾ موجود هوندا هئا ۽ اهي ڏک جيڪي هنن کان سليا نہ ٿيندا هئا اهي گڏي سان سلڻ ايندا هئا. شاهہ جي انهيءَ سٽ جيان تہ: اڇو سورن واريون ڪريون سور پچار.

هوءَ انهن جو وس آهر درد جو دارون ٻڌجي سندن جائز مدد سان سندن مسئلا حل ڪندي هئي ڪنهن غريب کي اٽو وٺي ڏيڻ، ڪنهن جي جاءِ جي مسواڙ ڀرڻ، ڪنهن جي ٻارن کي ڪتاب وٺي ڏيڻ. سندس اهڙي سخاوت ڏسي مون کي مائي خيري ياد ايندي هئي تہ هوءَ ڪالهہ جي حڪمران راڻي مائي خيري ۽ هيءَ اڄ جي فقيرياڻي هڪ يونيورسٽي جي استاد گڏي خيرو هئي.

هڪ ڀيري ڪلاس ۾ شاگرد کان پڇيم تہ مائي خيري جي باري ۾ ڪا ڄاڻ اٿئو تڏهن چيائين تہ ها سائين مائي خيري پنڻ واري مائي کي چوندا آهن. حيراني جي حد نہ رهي جڏهن اسان کي اسان جي تاريخ ۽ اهڙن تاريخي ڪردارن جي ڄاڻ ناهي، مائي خيري هئي تہ مير صوبدار خان جي راڻي جنهن ايترا تہ خير جا ڪم ڪرايا جو اڄ سوڌو پيو سندس نانءُ ڳائجي پر هيءَ خيرالنساءِ جعفري تہ هڪ سادي سودي غريب مائي جنهن بہ غريبن جون دليون ائين ڪٽي ورتيون آهن جو سندس نانءُ بہ هڪ ڏينهن مائي خيري وانگر پيو ڳائبو.

خيرالنساءِ جي سخاوت جو اهو عالم هو تہ سندس گهر جي دروازي تي منگتن ۽ گهر جائو ماڻهن جا تہ ميڙ روز هوندا هئا پر جمعي جي ڀلاري رات ۽ ڏينهن سندس در جي ٻاهران ماڻهن جا هجوم هوندا هئا. در جي ٻاهران اهڙن ماڻهن جي رش هوندي بہ ڪڏهن ارهي نہ ٿيندي هئي پر مون کي سندس مزاج ۽ فقيري تي رشڪ ايندو هو نہ ڄاڻ چو سندس انهيءَ فقيرياڻي روش تي شمشيرالحيدري جو اهو شعر منهنجي لبن تي هُري ايندو هو تہ:

جهان عشق جو سردار آخري آهيان،  
حضور حسن ۾ حاضر وري وري آهيان.  
ملنگ مست الستي قلندري آهيان،  
عجيب آهيان هزارن ۾ حيدري آهيان.

خيرالنساءِ جو ڪردار ڪيترن ئي روپن ۾ صاف شفاف شيشي جيان اسان جي سامهون آهي جو هوءَ هئي تہ بهرحال الله جي فقيرياڻي جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ڪاري لباس ۾ مون کي اها ملنگياڻي لڳندي هئي ۽ ائين لڳندو هو تہ فقيري جا سيئي روپ جهڙا هن ۾ سمايل هجن.

Regd. No: 3160

### حصو ٽيون

# روحانيت جي نفسيات

سنڌيڪار: پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ
ليکڪ: (ايچ بي ڊنيش)
پبلشر: پرادئم پبلشنگ ڪئناڊا 1988ع

اهڙي قسم جي ترقي اسان کي پنهنجي روحاني فطرت کان گهڻو پري ڪري ڇڏيو. هاڻي روحاني ڄاڻ جو حصول ڪافي مشڪل ٿي پيو آهي، ڇو تہ روحاني فطرت واري ماڻهو کي مايوس، بي همت، دقيانوسي يا وري مذهبي سمجهيو ويندو آهي. زندگي جو ڪو خالق آهي يا نہ پر زندگي جو مطلب علم، ارادي ۽ پيار کان ٻاهر ناهي ۽ اسان جي زندگي جو مطلب بہ اهو ئي آهي تہ پيار مخلوق لاءِ، علم ڏاهپ لاءِ ۽ ارادو خدمت ۽ سچائي خاطر برائي سان وڙهڻ لاءِ هئڻ گهرجي.

مون کي هڪ سائڪياٽرسٽ هئڻ ناتي، 30 سالن جي عرصي ۾ ڪيترن واقعن سان واسطو پيو جنهن مان ماڻهن جي ڪردار، غير اهم زندگي جي ڏک ۽ ماڻهو جي فطرت جي خبر پئي.

هاڻي اچو تہ وري زندگي جي ٻن اهم پهلوئن، هڪ مادي ٻيو روحاني پاسن تي غور ڪريون ۽ ڏسون تہ روز مره زندگي تي انهن جو اثر ڪهڙي ريت پوي ٿو.

**زندگي جوماديت پسندي وارو طريقو:**

ماديت پسند فلاسفي جي خيال ۾ انسان هڪ ترقي يافتہ جانور آهي جنهن کي ٿورڙي پاڻ تبديل ڪرڻ، ترقي وٺرائڻ جي صلاحيت ۽ طاقت موجود آهي، جنهن سان هو پنهنجي زندگي کي مختلف اثرن کان بچاءُ جي صلاحيت رکي ٿو. ان طريقي موجب زندگي جو ڪوبہ مقصد ناهي سواءِ پنهنجي خواهشن، احساسن ۽ جبلت کي پوري ڪرڻ جي. اهڙي قسم جو نقطهءِ نظر ماڻهو کي پنهنجي ذات جي خوشي ۽ ترقي لاءِ سندس صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿو. نتيجي طور ماڻهو ۾ لالچ، حوس، ناانصافي، جنونيت پيدا ٿيڻ اٽڙ آهي.

مادي فلسفو ماڻهو کي مقابلي لاءِ لالچ ڏياري ٿو تہ هو سوچ ويچار کان بغير ڌرتي جي وسيلن کي پاڻ لاءِ پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪري ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو جا پاڻ ۾ لڳ لاڳاپا متاثر ٿين ٿا. ماڻهو جو فطري پيار، همدردي، ڪهل، سنڀال، يا متاثر ٿئي ٿي يا وري غلط استعمال ٿئي ٿي. پيار وارا لڳ لاڳاپا خاص طور سان متاثر ٿين ٿا، ڇو تہ ماڻهو پنهنجي ذات ۾ گم ٿي ٻئي کي نظر انداز ڪندو ويندو آهي يا ٻي کي تنقيد جو نشانو بڻائيندو آهي.

انفرادي زندگي ۾ ماڻهو پنهنجي اندر جي داخلي تضادن جو شڪار ٿيڻ لڳندو آهي. ڇو تہ انسان ۾ قدرتي طور علم، پيار، همدردي، صبر، انصاف ۽ جمالياتي احساس پيدا ٿيندا آهن، جڏهن تہ مادي نقطهءِ نظر ۾ ماڻهو پنهنجي انهن سڀني جذبن کي دولت ۽ طاقت لاءِ استعمال ڪندو آهي. ان لاءِ انصاف، پيار، جماليات، همدردي ٻئي درجي جون شيون آهن. مادي دنيا جا رنگ بہ نرالا آهن، انسان سڄي زندگي، امن، پيار، سڪون، پنهنجائپ لاءِ پڇندو رهندو آهي، پر جيتري مادي ترقي ڪندو اوترو سندس سک، چين، امن، پيار ختم ٿيندو ويندو آهي. ڪجھ ماڻهو ٻئي گڏرا مٽ ۾ ڪرڻ چاهيندا آهن. هو چاهيندا آهن تہ روحانيت بہ هجي مادي دولت بہ هجي. اهي ماڻهو اڪثر دولت گڏ ڪرڻ ۾ تہ بي رحم هوندا آهن، پر وري مٺان ڪا خيرات پيا ڪندا، غريبن ۾ سيدو سامان پيا ورهائيندا يا مسجد يا مندر پيا ٺهرائيندا، ڪڏهن تبليغ تي نڪري پوندا، پر زندگي اهڙي روش سان مڪمل نہ پر اڌوري ئي رهجي وڃي ٿي. نتيجي طور نہ خدا ملا نہ وصال صنم وارو ڪم ٿيو پوي. مادي زندگي جي ڍنگ جو وڏو نقصان اهو ٿئي ٿو تہ اسان تخليقي ادب، تخليقي آرٽ، وجداني زندگي جا فني پهلو سڀ نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهيون، يا تہ انهن کي فضول ڪم سمجهندا آهيون، يا وري انهن کي بہ وڪر ٺاهي مارڪيٽ ۾ وڪڻي پئسا ڪمائيندا آهيون. پوءِ اهڙي طرح اسان شاهڪار ادب ان کي سمجهندا آهيون جيڪو مارڪيٽ ۾ وڌيڪ وڪجي. مادي دنيا جي حوس ۾ اسان پنهنجو پاڻ کي وندرائڻ لاءِ يا شاپنگ ڪندا آهيون يا شراب پيئندا آهيون يا وري گوڙ شور واريون پارٽيون ڪندا آهيون، ڪڏهن گوڙ وارو ميوزڪ ٻڌندا آهيون، ڪڏهن پنهنجي فيملي وٺي هوٽلنگ ڪندا آهيون. ڪجھ سرندي وارا عياشي لاءِ گهڻو ڪجھ ڪندا آهن، پر انهيءَ عمل ڪانپوءِ وري بہ سندن اندر خالي ۽ بي روح رهجي ويندو آهي. زندگي ظاهر آهي تہ محدود ۽ فاني آهي، مادي عياشين جي هڪ عمر ٿيندي آهي، جيئن جيئن ماڻهو جي عمر گذرندي آهستي آهستي ڊپريشن ۽ موت جو خوف اچي ورائيندو، مادي زندگي جبلت مرگ جي سماج کي پيدا ڪندي آهي. جنهن ۾ سائنس هجي يا فن سڀ موت پيدا ڪندڙ هوندا آهن. توهان غور ڪريو دنيا ۾ سڀ کان وڏو ڪاروبار هٿيارن جو آهي. جنگيون، سازشون، ايتري قدر جو فن، فيچر فلمون، ڪارٽون ۽ آرٽ جا سڀئي پهلو جنگ و جدل سان ڀرپور هوندا آهن، جنهن سان مجموعي طور ماڻهو ۾ يا خونخواري وڌندي آهي يا وري مايوسي ۽ لاچارگي وڌي ٿي. مادي زندگي وڙهي جيئڻ جو مقام آهي، جنهن ۾ پيار لذت لاء استعمال ٿئي ٿو، علم مارڪيٽ جو وکر، خوبصورتي عياشي لاءِ ۽ امن لاحاصل تصور بڻجي رهجي وڃي ٿو.

اهو مشڪل آهي تہ روحاني زندگي جي ڪنهن هڪ پهلو جي وصف ٻڌائي سگهجي. اهو لازمي ناهي تہ مذهبي زندگي گذارڻ وارو روحاني زندگي گذاري رهيو هجي. تمام گهڻا ماڻهو توهان کي ملندا جيڪي مذهبي هوندا آهن، انهن جو خدا ۽ آخرت تي بہ يقين هوندو، ان جي باوجود بہ هو مادي پرستي واري زندگي گذاري رهيا هوندا آهن. ٻيا اهڙا ماڻهو توهان کي ملندا جيڪي سماجي چئلينجن کي منهن نہ ڏئي سگهندا آهن، يا زندگي ۾ ناڪام ٿي چڪا هوندا آهن، اهي پاڻ کي سماج کان الڳ ڪري چڪا هوندا آهن، ذميدارين کان پري ڀڄندا آهن، ڪنهن بہ مادي

گهرج کان پري رهندا آهن، پر اسان سمجهندا آهيون اهي روحاني ماڻهو آهن، يا روحانيت جي زندگي گذارين ٿا، پر اها اسان جي غلط فهمي آهي، روحانيت صرف مادي پسندي جي مخالفت ڪرڻ ۾ ناهي. روحانيت هڪ سرگرم عمل آهي، جنهن ۾ ثابت قدمي آهي، جنهن جي نشونما بہ روحاني عمل سان ئي ٿيندي آهي. اسان روحانيت جي ذريعي بہ ترقي ڪري انساني رشتي ۾ هڪ ٿي سگهون ٿا ۽ دنيا جي عظيم تهذيب پيدا ڪري سگهون ٿا. انسان ذات روح ۽ مادي جو ميلاپ آهي، بلڪ انسان اهو جنڪشن آهي جتي روح ۽ مادي جو ميلاپ ٿئي ٿو. اسان جو هڪ پير جانورن جي دنيا ۾ آهي تہ ٻيو پير روحانيت جي دنيا ۾ آهي. بحيثيت انسان جي اسان کي قدرتي ارادي جي آزادي، علم ۽ پيار عطا ڪيل آهي، هاڻي اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ اسان انهن کي استعمال ڪيئن ٿا ڪريون. اسان چاهيون تہ پنهنجي علم کي جنگ لاءِ استعمال ڪريون، پر چاهيون تہ ان کي امن لاءِ بہ استعمال ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان امن جي چونڊ ڪريون ۽ ان لاءِ انسان جي بهتر مستقبل جو سوچون، اسان انسان لاءِ همدردي، پيار، سچائي، انصاف، تعاون، خدمت جيڪي سڀ روحاني عمل آهن چونڊي سگهون ٿا. اسان اهو مقصد ڳاهي سگهون ٿا تہ پنهنجي ذهن کي روحاني عملَ سکڻ لاءِ استعمال ڪريون، پر اهو سڀ ڪجهہ نہ ٿي رهيو آهي. روحاني زندگي جيون جي نشونما آهي، جنهن سان مقصد جڙيل آهي، جنهن کي هڪ ڊسيپلين ۾ رهڻو آهي، جنهن ۾ دور انديشي آهي، جنهن ۾ تخليقي صلاحيت آهي، جنهن ۾ سماجي عملَ جو وهنوار آهي، روحاني زندگي زمان و مڪان ۽ شخصي جدت کان بالاتر آهي، روحاني زندگي سچي زندگي جي عملن تي سوچ ويچار ۽ انهيءَ جو تجزيو ڪرڻ جي عمل تي آڌاريل آهي. اها نہ صرف اسان جي داخلي عمل جو تجزيو ڪري ٿي، پر اسان سان لڳ لاڳاپا بہ تجزيي هيٺ اچن ٿا، جن ۾ ماڻهو کان وٺي خدا سان رشتو بہ تجزيي هيٺ اچي ٿو. اهي سڀئي عمل اسان جي وجود کي ماورائي معنيٰ بخشين ٿا.

**اسان جي ذات جو تجربو:**

انساني فطرت جا سڀئي نظريا روز مره جي زندگي تي ضرور آزمائڻ گهرجن، پر اسان فطرت کي ڪيئن ڏسون ٿا؟ اسان جي روز مره زندگي اسان جي جسم ۽ ذهن لاءِ ڇا چوي ٿي؟ اسان جي جدوجهد جو بنيادي ماخذ ڇا آهي؟ اسان وٽ احساس ڇو آهن؟ اهڙا ئي ڪجهہ سوال آهن، جن جي جوابن جي ضرورت آهي.

**انساني تجربو ۽ انساني فطرت:**

انسان جي سچي فطرت کي سمجهڻ جو هڪ طريقو اسان جي روز مره زندگي جو تجربو آهي ۽ سوچو تہ اسان وٽ چونڊ لاءِ ٻيو متبادل ڇا هو. مثال آئون لکي رهيو آهيان تہ آئون پنهنجا هٿ استعمال ڪريان پيو، اکيون، دماغ سڀ استعمال ڪري رهيو آهيان. معنيٰ لکڻ جسماني تجربو آهي، ساڳئي وقت آئون لکڻ ۾ سوچيان بہ پيو معنيٰ آئون پنهنجي ذهن جي تجربي مان بہ گذران پيو. آئون انهن ماڻهن متعلق بہ ڄاڻان ٿو جيڪي هيءَ تحرير پڙهندا ساڳي وقت اها خوشي ٿئي پئي تہ ڪجهہ ماڻهو منهنجي تحرير کي پسند ڪندا، ڪجهہ وري ناپسند ڪندا تہ اهو خوف بہ ٿئي پيو. اهڙي طرح لکڻ هڪ جذباتي ۽ احساساتي عمل آهي، مون وٽ اها بہ چونڊ آهي تہ آئون ڇا لکان ڇا نہ لکان. آئون پنهنجي خيالن کي پنهنجي ۽ پڙهندڙ جي روح تي مرڪوز ڪريان ٿو. انهيءَ خيال کان تہ پڙهندڙ مون سان هم آهنگ ٿيندو ۽ اسان هڪٻئي کي سمجهي سگهنداسين.

ليکڪ ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ لفظن جي ذريعي هڪ وجداني رشتو قائم ٿيندو آهي جو پڙهندڙ ۽ لکڻ واري جي روح سان روح رابطي ۾ ايندو آهي. اهي لکڻ جا ڪجهہ سادا روحاني پهلو آهن. آئون پنهنجي ذهن جي طاقت جي ڪري اهو سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهيان، جيڪو جبلت کان ڪجهہ وڌي ڪري آهي، جنهن ۾ اسان روحاني طاقت ذريعي هڪٻئي کي سمجهون ٿا. انهيءَ ذريعي اسان کي پنهنجي زندگي جي معنيٰ ملي ٿي.

اچو تہ هڪ ٻيو مثال ڏسون، مثال طور: ٻانهن پٺي پوڻ ڪري سخت سور ٿئي ٿو، پر انهيءَ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪجي ٿو تہ جلدي علاج ڪرائجي. اسان جي پهرين ڪوشش اها هوندي تہ سور گهٽائجي ۽ اهڙو ڪم نہ ڪجي جنهن سان سور ٿئي يا وڌيڪ بي آرامي ٿئي. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو زلزلو ايندو آهي تہ ڪجهہ ماڻهو بچي ويندا آهن تہ ڪي زنده دفن ٿي ويندا آهن. ڪجهہ سخت زخمي ٿي ويندا آهن، اهڙين حالتن ۾ اسان وٽ جبلتي ڪيترائي موقعا هوندا آهن. اسان پاڻ کي بچائيندا آهيون، ڪجهہ وري انسان جي خدمت ۾ لڳي ويندا آهن، ڪجهہ وري اهڙن موقعن مان فائدا وٺي ماڻهن جي ملڪيت ڦٻائيندا آهن. اهڙي قسم جون خاصيتون سڀ جانوراڻي جبلت ۾ ناهن، اهي انساني عمل آهن. درد اسان جي جذباتي زندگي متعلق مختلف ڪيفيتن متعلق ٻڌائيندا آهن، جنهن مان پاڻ کي بچائڻ جو تجربو، همدردي، ويجهڙائپ، پيار ۽ وجداني ڪيفيت جهڙا تجربا ٿيندا آهن. جيڪڏهن اسان ڪو حادثو ٿيندي ڏسون ٿا، اسان ۾ همدردي پيدا ٿئي ٿي مدد ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. ان جو مطلب تہ اسان انسان جي رويي کي صرف جسماني ۽ نفسياتي طور مڪمل سمجهي نٿا سگهون. انهيءَ جو مطلب تہ انسان جا ڪجهہ روحاني پهلو اهڙا آهن جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. انسان جي روحانيت جا سڀئي پاسا وجود کي معنيٰ بخشين ٿا. ماضي، حال ۽ مستقبل کي هڪ وحدت ۾ پوئي ڇڏين ٿا. انسان جي اها وجداني صلاحيت انسان کي ماورائي طاقت بخشي ٿي تہ انسان پنهنجي جبلت ۽ زندگي جي تجربن کي علم، چونڊ ۽ تخليقي انداز سان مهذب بڻائي.

**ڌوئي (ڪثرت) کان جڙڻ (وحدت) تائين:**

انسان جو هڪ اهم چئلينج آهي جسم ۽ ذهن جي رشتي کي سمجهڻ. اسان سڀئي زندگي جي تجربن کي ٻنهي طريقن سان پرکيندا آهيون هڪ ڪثرتي رخ ۾ ٻيو وحدتي رخ ۾. مثال اسان پنهنجي جسم ۽ ذهن جي باري ۾ ڄاڻ رکون ٿا. اسان انهيءَ قابل آهيون تہ اسان ڇُري ڦري سگهون، اسان ڏسي سگهون، اسان چکي سگهون. ايتري قدر جو سمهي رهڻ ڪانپوءِ بہ اسان جا حواس ڪم ڪندا آهن، جو ڪير اسان کي ڇهي يا سڏ ڪري تہ اسان جاڳي پئون ٿا. ساڳئي وقت اسان ۾ اها صلاحيت آهي تہ اسان ڪائنات جو علم حاصل ڪري سگهون ٿا. اسان رياضي ذريعي ٻين ستارن

۽ گرهن جو علم حاصل ڪري سگهون ٿا. اهي ڪجهه تجربا اسان جي جسم ۽ ذهن جي ڏوئي جا آهن. اهڙي طرح اسان جي تجربي ۾ موت جو اهم تجربو آهي. هڪ وقت انسان پنهنجو اظهار زندگي جي ذريعي ڪري ٿو ٻئي وقت اهو انسان پنهنجي جسم ۾ موجود نہ آهي، پر اسان انهيءَ کي چئون ٿا تہ ان ۾ زندگي ڪونهي اهو صرف لاش آهي. اسان سمجهي وڃون ٿا تہ ماڻهو انتقال ڪري چڪو آهي، هاڻي جسم ائين آهي جيئن پڃرو خالي پکي جي. آخر ڇا ٿئي ٿو موت کانپوءِ جو جسم موجود آهي، پر ماڻهو موجود ناهي. اهو واضح اشارو آهي تہ ماڻهو ۾ جسم ۽ روح ٻئي موجود آهن. اسان ٿورو غور ڪنداسين تہ دنيا ڏوئي ۾ ئي ورهايل آهي. مثال: جتي روشني آهي اتي اونداهي آهي، جتي چڱائي آهي اتي خرابي آهي، جتي خير آهي اتي شر بہ آهي، جتي پيار آهي اتي نفرت بہ آهي، اهڙي طرح ٻہ حقيقتون اسان جي سامهون اچن ٿيون، هاڻي اسان ٿورو غور ڪريون تہ روشني ۽ اونداهي ٻہ حقيقتون تہ آهن، پر حقيقت ۾ وجود صرف روشني جو آهي ۽ اونداهي صرف روشني جي غير موجودگي جو نالو آهي. وري قدرن جي حوالي سان چڱائي جي غير موجودگي خرابي آهي، پر حقيقت ۾ چڱائي ۽ خرابي ٻئي قدر سماجي آهن انهن جي موجودگي فطرتي ڪانهي. انسان جي جڏهن ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ان لاءِ صرف چڱائي ئي آهي جيڪا سندس انساني هئڻ جو دليل آهي. قدرن جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ فطرتي طور تہ ڪابہ چڱائي يا خرابي وجود ئي نٿي رکي. اهي سڀ مسئلا انسان سان وابستہ آهن، پر اهي مثال ٻيائي کي ثابت ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهن. حقيقت ۾ سدائين هڪ سچائي آهي، جنهن جي غير موجودگي انهيءَ سچائي جي منفي پهلو کي ظاهر ڪري ٿي. انهيءَ سان پنهنجي ذهن جي مونجهاري کي اسان وڌائي ڇڏيندا آهيون تہ روح ۽ جسم جي ٻيائي ڪا الڳ حقيقت آهي، جڏهن تہ روحانيت کي انهيءَ بحث کان پري رکي اسان کي صرف هڪڙي حقيقت تسليم ڪرڻي پوندي تہ حقيقت صرف هڪ آهي، جيڪا ڪيترن ئي شڪلن ۾ ظاهر ٿئي ٿي. اهو سائنسي ۽ روحاني سچ آهي. مثال: سگهہ مادي حقيقت آهي جيڪا روشني، گرمي، طاقت، ٻڌي وغيره ۾ ظاهر ٿئي ٿي. اهڙي طرح شعور وري احسان، اميد ۽ خواهشن وغيره ۾ ظاهر ٿئي ٿو. هاڻي اهو سوچ ويچار وارو دليل آهي تہ سائنس، فلسفو ۽ مذهب انساني روح هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا شعور کي روح روان رکي ٿي. فزڪس جي ماهر جون وهيلر چيو هو تہ، ”دنيا ڪا وڏي مشين ناهي جنهن کي اڳ ۾ طئي ٿيل طبعي قانون تحت هلايو وڃي ٿو.“ وهيلر جو چوڻ هو تہ اسان شين کي ٻن ابتڙن جي ميلاپ سان سڃاڻون ٿا. انهيءَ مان صرف اها ڳالهہ ظاهر ضرور ٿئي ٿي تہ مادي کي اسان شعور ذريعي ظاهر ڪريون ٿا.

گهڻو وقت اڳ ڊيڪارٽ اها ڳالهہ هن ريت ڪئي هئي تہ، ”انسان جو جسم ۽ ذهن ٻہ الڳ الڳ حقيقتون آهن.“ 1930ع ۾ وري گلبرٽ رائل چيو هو تہ، ”انساني وجود ائين آهي جيئن مشين ۾ ڀوت هجي.“ جديد سائنس اهو ثابت ڪيو تہ نہ تہ انسان اندر ڀوت آهي نہ وري انسان مشين آهي. ساڳئي طرح گريگوري بيٽسن چيو تہ، ”ذهن جوش حيات جو بنيادي جوهر آهي، اها ئي انساني ذهن جي بنيادي حقيقت آهي.“ اهو جوهر انساني روح جي طاقت آهي. انساني وجود انهيءَ ڪري انساني وجود آهي تہ انهيءَ کي سندس هئڻ جي خبر آهي، انهيءَ کي اها خبر آهي تہ هن کي خبر آهي، هو ڄاڻڻ چاهي ٿو، اڃان وڌيڪ ڄاڻڻ چاهي ٿو. ڏٺو ويو آهي تہ انسان پيار ۽ علم جي لاءِ بغير ڪنهن زمان و مڪان جي واجهائي ٿو. سندس نہ پيار جي ڪا حد آهي نہ وري علم حاصل ڪرڻ جي ڪا حد آهي. انساني روح جو اهو سفر جاري آهي تہ هو جيڪي مليل ذريعا آهن، انهن ذريعي هو تخليق، دريافت، جا رستا کولي علم ۽ بصيرت حاصل ڪري.

انساني روح جي انهيءَ سفر ۾ ڪيس هڪ عجيب ۽ شاندار هٿيار مليل آهي جنهن جو نالو جسم آهي. انسان جي جسم جا مختلف حصا اوزارن وانگر انسان لاءِ ڪم ڪن ٿا، جن ذريعي انسان پيار، تخليق ۽ علم حاصل ڪري ٿو. مثال: اکيون روح جو اهو ذريعو آهن جيڪي جماليات جي وسيع دنيا جو ديدار ڪرائن ٿيون يا پرين جي خوبصورتي جي بصيرت ڏين ٿيون، جن ذريعي انسان دنيا ۽ فطرت جو حُسن ڄاڻي محسوس ڪري سگهي ٿو. وري ڪَن انسان جي روح جو اهو اوزار آهن جن ذريعي هو ڪائنات جي سر ۽ تال کي ٻڌي ٿو ۽ هڪ روح جي پيار جو پيغام ٻئي روح تائين پهچي ٿو. اهي ٻہ اهم مثال صرف انهيءَ لاءِ ڪافي آهن تہ اسان سمجهي سگهون تہ انساني جسم انساني روح جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي. انسان نہ صرف پنهنجي جسم کي استعمال ڪري ٿو بلڪ جسم کان علاوه بہ ٻيا اوزار ٺاهي پنهنجي روح جي سرگرمي کي روان دوان رکي ٿو.

هڪ روحاني اسڪالر ابواليءَ (1844_ 1921) هڪ اهم روحاني اسڪالر هو، جنهن انساني سچائي لاءِ چيو هو تہ حقيقت جا ڪيترائي نالا آهن، مختلف حالتن ۽ مختلف زمانن ۾ مسلسل ظاهر ٿيندي رهي آهي، پر ڇو تہ اها مادي لقاءَ سان جڙيل آهي، تنهنڪري ان کي مادي روپ سان سڃاتو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو انساني روح آهي جيڪو مختلف حالتن ۾ مختلف طرح ظاهر ٿيندو رهيو آهي. نوٽ: هتي ڀٽائي جو بيت بلڪل ٺهڪي اچي ٿو.

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سان درسن ڏارون ڏار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چئان.

روح جا ڪيترائي اصطلاح مروج آهن جن ۾ soul, mind, spirit شامل آهن ساڳي طرح نفس، دل ۽ شعور بہ اصطلاح طور استعمال ٿيندا رهيا آهن. نفس psyche يوناني ميٿالوجي ۾ هڪ ڪنواري ڇوڪري جو نالو آهي ۽ soul دراصل انساني تصور جو مجسمو آهي جنهن کي ايروز Eros چئبو آهي، جيڪو يوناني ميٿالوجي ۾ جنس جو ديوتا آهي اهو پيار ڪري ٿو. اڄڪلهہ اهي ٺئي اصطلاح نفس يا روح يا دل علم نفسيات ۾ ذهن، شعور يا لاشعور جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ انسان جي



حقيقت جي نمائندگي ڪن ٿيون. شعور وجود جي رياست آهي جنهن ۾ ذهن عمل پذير رهندو آهي، اهو عقلي طور هجي يا تجرباتي طور يا وري وجداني طور شعور ئي روح جو اظهار آهي.. ... (هلندڙ)...

رپورٽ

# ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ٽنڊو محمد خان

**شيخ سنڌي**

18 جنوري 2018 تي بدين ۾ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪندي وڏي فخر سان چيو هو تہ ”سنڌ جي ٻچي ٻچي کي خبر آهي تہ سنڌ جي ترقي لاءِ پيپلز پارٽي وڏو ڪم ڪيو آهي“ چيئرمين صاحب کي بدين ۾ تقرير يا 19 آڪٽوبر تي ٽنڊو محمد خان ۾ دل جي اسپتال جو افتتاح ڪندي اها خبر نہ هئي تہ بدين کان ڪجھ ميلن جي مفاصلي تي ٽنڊو محمد خان شهر جي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جو کھڙو حال آهي. جيڪڏهن بلاول صاحب کي ٽنڊو محمد خان جي عوام جا ووٽ حاصل ڪندڙ ايم پي اي، ايم اين اي صاحبان ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال متعلق صحيح صورتحال کان واقف ڪن ها تہ شايد نوجوان ليڊر دل جي مريضن جي قومي اداري نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز (اين آءِ سي وي ڊي) طرفان قائم ڪيل شهيد بينظير ڀٽو ڪارڊيڪ ڪيئر اسپتال جو افتتاح ڪرڻ بجاءِ سڌو ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جي اچي جاچ ڪري ها تہ ممڪن آهي سندس اکين مان لڙڪ لڙي پون ها پر افسوس عوام جي ووٽ تي چونڊجي آيل نمائندن فقط عمارتون ئي نهرايون آهن انهن جو اندر ڪاروهنوار عوام لاءِ ڪيتري حد تائين عملي طور تي ٺي رهيو آهي ان بابت ڪابہ جاچ نہ لڌي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو چيف جسٽس ثاقب نثار 7 جنوري تي سرڪار سڳوريءَ کي تنبيهہ ڪندي چيو هو تہ عوام جو پئسو اشتهارن تي خرچ ڪرڻ بدران عوام تي خرچ ڪري انهن کي صحت ۽ علم جون سهولتون ڏيو هن پنهنجي بيان ۾ چوندي هلڪو هٿ رکندي دڙڪو بہ ڏنو تہ جيڪڏهن اسپتالن اندر دوائن جي کوٽ ختم ڪرڻ، اسپتالن ۾ صفائي سٿرائي ۽ مريضن کي سيئي سهولتن متعلق صورتحال نہ سڌاري وئي تہ اورينج لائين سميت سمورا منصوبا روڪيندا سين، ان بيان ۾ شايد سنڌ جي ججن کي ڇاپا هڻڻ جو ڪو ڳجهو اشارو هو جو جج صاحبان تعليم ۽ صحت جي مرڪزن جي جاچ لهڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا انهن صاحبان سنڌ جي ليڊرن جي سڌارن متعلق جلسن ۾ ڪيل ڳالهين کي اکين سان ڪيئن ڏٺو ۽ اخبارن انهن ڇاپن يا دورن کي ڪيئن لکيو اسان فقط جنوري 2018 جي رڪارڊ ڪيل حقيقتن کي پڙهنداسين تہ دعويٰ ڪندڙ سياستدانن جي ساک پڌري نظر ايندي. سيڪنڊ سول جج ميرپورماٿيلو غلام پرور ملاح سول اسپتال گهوٽڪي جو اوچتو دورو ڪيو تہ صفائي جو انتظام درهم برهم ۽ دوائن جي کوٽ جي سلسلي ۾ مريضن جون جج صاحب کي داهون ٻڌيون پيون، دوڙ جي سرڪاري اسپتال تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ کي 15 جنوري تي رورل هيلٿ سينٽر تي ڇاپي دوران ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي 17 ملازمن مان فقط پنج ڄڻا ڊيوٽيءَ تي موجود مليا جسٽس صاحب کي ايڪسري پلانٽ، آپريشن ٿيٽر ۽ اسٽور بند ملڻ تي جڏهن ٻڌايو ويو تي ۽ ان کي کولڻ جو چيو ويو تہ اسٽاف جي مختلف بهانن ڪانپوءِ مجبورن تالا ٽوڙائڻ ڪانپوءِ جج صاحب اهو محسوس ڪيو تہ اهي ڪمرا يقينن سالن کان بند رهيا هوندا ڇاڪاڻ هر شيءِ تي سالن جي چڙهيل مٽي ڳالهائي رهي هئي. جسٽس صاحب کي افسوس ان وقت ٿيو جو ڪوڙ سارين دوائون عوام جي پلي ۾ اچڻ بجاءِ باٿ روم ۾ پيل هيون، 18 جنوري تي ايڊيشنل سيشن جج سکر البچايو گبول ٽيچنگ اسپتال سکر جو دورو ڪيو تہ ايڪسري مشين، ڊينٽل يونٽ مريضن لاءِ بي لاپ ٻڌيل هئا، جنوري جي مهيني ۾ سول جج ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ مورو شهر جي اسپتال ۾ ڇاپو هنيو تہ جج صاحبان کي دوائن جي کوٽ ۽ صفائي جو نظام انتهائي خراب نظر آيو قمبر جي سرڪاري اسپتال ۾ تہ سول جج آصف علي جمالي 9 ڀيرا ڇاپا هنيا پر سرائيڪي چوٽيءَ ”مصداق ميڏي مار مار، تيڏي اُها ئي ڪار“ جيئان ساڳا لاٽون ساڳا چگھ هجڻ ڪري آخر آصف علي جمالي صاحب رپورٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ اماڻي ڇڏي. اهڙي طرح جج صاحبان جي ڇاپن جو وڏو داستان آهي پر ٻيو تہ ڇهيو پر پيپلز پارٽي جي ڳڙهہ، ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۽ نئون ديرو هيلٿ سينٽر تي ڊي سي لاڙڪاڻو ڪاشف علي ٽنيو اوچتو دورو ڪيو تہ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ کان علاوه صفائيءَ جي اها صورتحال هئي جو واٽر ڪولر جي مٿان سيوَر جا تھ ڄميا پيا هئا اهڙين حالتن کي ئي ڏسندي شايد چيف جسٽس ثاقب نثار اهو سچ چيو هو تہ پارليامينٽيرين، ادارن ۾ کهڙا سڌارا آڻيندا، سنڌ جي اسپتالن جي انتهائي افسوس جوڳي رپورٽ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ هيلٿ ڪاتي



جي سيڪريٽري کي عدالت سگهوريءَ ۾ گهرائي ملندڙ رپورٽن جو آئينو ڏيکاريو، سنڌ جي اسپتالن جي انتظام تي افسوس ڪندي ڪيترا پيرا ڊاڪٽرز آرگنائيزيشن پاران احتجاج ڪري مطالبا ڪيا ويا آهن ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن کي سهولتون ڏيو اهڙي طرح ٽنڊي محمد خان جي عوام، سجاڳ ڌريون خاموش نه وينيون آهن منهنجي نظر مان ڪئين پيرا اخبارون گذريون آهن جن ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ صحت جي حوالي سان ٿيندڙ بي ڊياني خلاف عوام وقت بوقت پنهنجو آواز چونڊيل نمائندن جي ڪنن ۽ ايوانن تائين پهچائيندا رهيا آهن. ٽنڊو محمد خان جي هڪ صحافي ٻڌايو ته ٽنڊي محمد خان ۾ ڪنهن جي تڏي تي آيل صوبائي وزير منظور وساڻ کي هن ٽنڊو محمد خان جي 15 بي ايچ يوز تي ارڙي جو مڪمل ڪورس نه ملڻ ڪري چئن فوٽ ٿيل ٻارن جي واقعي ڪانسواءِ لڳ ڀڳ 40 ڪروڙن مان تعمير ٿيل ڊسٽرڪٽ هيلٿ اسپتال کي 5 سال گذرڻ باوجود خريد ڪيل 20 سيڪڙو سامان اڃان تائين نه لڳڻ ڪري لعل قلعي جو ڏيک ڏيندڙ ٽنڊو محمد خان جي مرڪزي اسپتال عوام لاءِ بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي. بقول ان






صحافي جي ته منظور وساڻ هن سان اهو واعدو ڪيو هو ته هو اهو مسئلو ايوان ۾ اٿاريندو، پر سرڪار سگهوريءَ ۽ چونڊيل عوامي نمائندن کي عوام سان ڪيل واعدا هميشه وسري ويندا آهن. اٺون جڏهن خود ٽنڊو محمد خان ويو هئس ۽ ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر ڏسڻ جو موقعو مليم ته منهنجو عقل دنگ رهجي ويو ۽ مون کي ياد آيو ته ٽنڊو محمد خان ۾ ٿيندڙ هيلٿ ڪانفرنس ۾ سڄي ملڪ مان آيل ڊاڪٽرن، پروفيسرن ۽ مهمانن کي مقامي ڪامورن فخر سان جڏهن اسپتال جي عمارت ڏيکاري ته هو اهو چوڻ تي مجبور ٿيا ته ڪراچي توڙي پاڪستان جي ٻين شهرن ۾ اهڙي عمارت مشڪل سان ملندي پر مهمانن کي اسپتال جو فنڪشنل ٿيون حصو نه ڏيکاريو ويو جنهن متعلق ڪنهن ٻڌايو ته 250 بسترن واري نئين عمارت جي فيز ون ۽ فيز 2 ۾ سامان ۽ مڪمل اسٽاف نه هجڻ ڪري سڄو ڪم او پي ڊي ۽ آفيس وغيره جو ڪم پراڻي عمارت ۾ ٿيندو آهي جيڪو حصو زمين کان 3

فوٽ هيٺ هجڻ ڪري برسات جو پاڻي ڪمرن اندر گهڙي اچڻ سان رڪارڊ، فرنيچر جي ترڻ سان گڏ عملو به تري مزو ماڻيندا آهي. 711 هجري ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ جنهن 1813 ۾ ترقي ڪري حيدرآباد جي تعلقي هجڻ جو درجو ماڻي، مير علي نواز خان ٽالپر جي ڪوشش سان 2005 ۾ ضلعي جي حيثيت ماڻي ورتي. 1733 ڪلو ميٽرن تي پکڙيل هن ضلعي جي 6 لک 77 هزار 228 جي آبادي جي صحت لاءِ 15 بيسڪ هيلٿ يونٽ، 1 ڊسپينسري، 3 رورل هيلٿ سينٽرن لاءِ 62 گريڊيڊ ليڊي ڊاڪٽرز، 87 گريڊيڊ ڊاڪٽرن کان علاوه پيرا ميڊيڪل جا فقط 129 ملازم ڪم ڪري رهيا آهن جيڪو اسٽاف پوري ضلعي جي هيلٿ مرڪزن لاءِ هرگز ڪافي ڪونهي، جنهن جي ڪيترائي مسئلا رونما ٿي اخبارن جي زينت بڻجندا رهيا آهن ۽ اڪثر ڪري ٽنڊو محمد خان جي 3 تعلقن جي رهندڙن کي ان وقت سخت تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو آهي جڏهن خطرناڪ حادثن ۾ زخمي مريضن کي ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ سهولت نه ملي سگهندي آهي جيڪا اسپتال ٻاهران ته خوبصورت نظر اچي ٿي پر سالن کان خريد ٿيل سامان استعمال ۾

اچڻ بدران اڄ به ڪوڪن ۾ بند پيل آهي انهن حالتن کي ڏسندي پاڻي ڪميشن جي چيئرمين امير مسلم هاني پاڻي ڪميشن جي دوري دوران صحافين سان گفتگو ڪندي چيو هو ته بد قسمتيءَ سان سنڌ ۾ ڪو نظام موجود نه آهي جو هتي هڪ هفتي جو ڪم 2 سالن ۾ به مڪمل نٿو ٿئي. اهي لفظ پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي جو ڪليل ثبوت آهن. جناب مسلم هاني جا اهي لفظ مون کي ايئن محسوس ٿيا ڄڻ هن اهي لفظ ٽنڊو محمد خان جي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال لاءِ چيا هجن، جنهن جو افتتاح اڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهه 13 فيبروري 2013 تي ڪيو هو جنهن عمارت کي 5 سالن کان مٽي عرصو ٿيو آهي پر برساتن ۾ نئين بلڊنگ جي ڇت وهڻ ڪري ڪيترو ئي نقصان ٿيندو رهيو آهي. هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪا فيز 1 ۽ فيز 2 يعني ٻن حصن ۾ ٺهيل آهي جنهن مان هڪڙي حصي جو هڪ، ٻه ڪمرو ڪو استعمال ۾ نظر آيو خاص طرح سان ان ڏينهن اڪين جي ڪئمپ

جي حوالي سان ٽيندڙ پروگرام ڪري ماڻهن جي چر پر نظر آئي نہ تہ هڪ مريض جي بقول تہ رات جو هن پاسي اچڻ کان بہ خوف ٿيندو آهي. ٻئي فيز جي خالي حصي هجڻ ڪري اهو بہ ڀوت بنگلو لڳي رهيو هو جنهن ۾ ماڻهن بدران اسپتال جو ردي، پڳل سامان يا اسپتال جو اهو سامان پيو هو جيڪو اڃان تائين نصب ٿي نہ سگهڻ ڪري سڙي رهيو آهي هڪ ڪمري ۾ نئين ايڪسري مشين نظر آئي جنهن جي مٿان جميل مٽي ٻڌائي رهي هئي تہ سالن کان اها مشين استعمال ۾ ئي ڪانہ آئي آهي جنهن سلسلي ۾ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ٻڌايو تہ ايڪسري مشين ڪي استعمال ڪرڻ لاءِ اسان ٽرانسفارمر جا پئسا جمع ڪرايا هئا پر ٻن سالن تائين ٽرانسفارمر لڳي نہ سگهيو آهي جنهن ڪري ايڪسري مشين بہ غير فعال آهي. هن ٻڌايو تہ جي لڳي بہ ها تہ اسان وٽ ايڪسري ٽيڪنيشن نہ هجڻ ڪري بي فائدو هجي ها هن حيرت ڏياريندڙ ڳالهہ ٻڌائي تہ هڪ ايڪسري ٽيڪنيشن هو جنهن ڪي رٽائر ٿئي بہ سال گذري ويا آهن پر سرڪار سڳوري اڄ تائين ڪو بہ ٽيڪنيشن ڀرتي نہ ڪيو آهي نہ ئي اسان وٽ صفائي ڪرڻ وارو ايترو عملو آهي جيڪو هنن شين جي چنڊ ڦوڪ ڪري سگهي هن. ٻڌايو تہ تازو 2 فيبروري تي ڊائريڪٽر هيلٿ حيدرآباد دوري دوران صفائي سترائي تي جڏهن ڇِنڊيءَ جو اظهار ڪيو تہ هن کي اسپتال جي صورتحال کان واقف ڪيو ويو تہ 5 ايڪڙن تي ٽن حصن ۾ ڦهليل عمارتن لاءِ فقط 3 خاڪروب آهن جيڪي سڄي ڏينهن ۾ بہ اسپتال جي مڪمل صفائي نٿا ڪري سگهن، ڊائريڪٽر کي ان ڳالهہ کان پڻ واقف ڪيو ويو تہ ٽن عمارتن لاءِ فقط 3 چوڪيدار هجڻ ڪري ڪيترا ڀيرا اسپتال مان آڪسيجن جون ٽارون ۽ ٻيو ڪيترو سامان چوري ٿي چڪو آهي. جنهن سڄي صورتحال ٻڌڻ بعد واعدو ڪيو هو تہ هو خاڪروب ۽ چوڪيدارن جي ڀرتي لاءِ وجهڻ سان اخبار ۾ اشتهار ڏياريندو پر "اڌي مئي اڌو ڄائو آسان اوهڙي جا اوهڙا " ذريعن کان معلوم ٿيو تہ اسپتال جي سڄي صورتحال کان پروجيڪٽ اينڊ ڊولپمينٽ (پي اينڊ ڊي) کي آگاهہ ڪيو ويو هو تہ اسپتال اپ گريڊ نہ ٿي سگهي آهي 20 سيڪڙو خريد ڪيل سامان لڳي نہ سگهيو آهي. اهڙي رپورٽ تي 2016 ۾ سيڪريٽري هيلٿ، ڊپٽي ڪمشنر، ڊائريڪٽر هيلٿ ڪانٽريڪٽر ۽ ٻيا متعلقہ ماڻهو آيا ۽ ميٽنگ ٿي هئي پر ڪوبہ ڪڙ تيل نڪري نہ سگهيو. اسپتال ۾ لڳندڙ لفٽ مشين جو سامان پيٽين ۾ بند پيو آهي جنهن جي لڳڻ جي امڪانن بابت ڪجهہ معلوم ٿيو پر لفٽ مشين جي لڳڻ سان مريضن جو علاج تہ نہ ٿيندو جيسين اسپتال کي ايس. اين. اِي (Sanctioned New Expenditure) نٿي ملي تيستائين تمام لڳندڙ مشينون بيڪار آهن. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ اسپتال لاءِ 405 ملازمن جي ايس. اين. اِي آهي جيڪا جيڪڏهن مڪمل ملي تہ فقط هڪ فيز ئي هلي سگهي ٿو پر ٻئي فيز شروع ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ملازم هجن تہ پوءِ يقينن ٽنڊي محمد خان جو ڪو بہ مريض حيدرآباد نہ موڪليو ويندو. ايم. ايس لياقت قمبراڻي ٻڌايو تہ 20 گريڊ جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي، نيورولاجسٽ، گائنا ڪالاجسٽ، آرٿوپيڊڪ سرجن، پيٿالاجسٽ، ڪيجولٽي ميڊيڪل آفيسر، اڪائونٽ آفيسر سميت 252 پوسٽون خالي آهن هن وقت فقط 153 ملازم ڪم ڪري رهيا آهن جن ۾ ڊاڪٽر ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف شامل آهي. ان سلسلي ۾ هڪ نجي ملاقات دوران اڳوڻي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نثار ميمڻ ٻڌايو تہ اسپتال جي عمارت جو جڏهن تعميراتي ڪم جاري هو ان دوران مون تڪ جي بااثر ماڻهن توڙي چونڊيل نمائندن کي چيو هو تہ ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال نهي راس ٿيڻ کان اڳ اسپتال جي ايس اين اِي منظور ڪرائڻ جي سلسلي ۾ هينئر کان ئي ڪوششون ڪريو، جي ايئن نہ ڪيو ويو تہ ٽنڊو محمد خان جي ٽنهي تعلقن جي عوام اسان کي بد دعائون ڏيندي. هن ٻڌايو تہ سندس گذارش ڪرڻ تي ان وقت جو ايم پي اي عبدالڪريم خواجہ ساٿس گڏجي اڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهہ سان ملاقات لاءِ ويو، جنهن ايس اين اِي جي حوالي سان لکيل درخواست وٺي ٻين پنن جي هيٺان رکندي ٽن ڏينهن جو واعدو ڪيو هو انهن ٽن ڏينهن کي 4 سال گذري ويا آهن هن حيرت وچان ٻڌايو تہ منهنجي ڳالهہ صحيح نڪتي جو اڄ پربت جيڏي هن عمارت ۾ اسٽاف مڪمل نہ آهي. هن افسوس ڪندي ٻڌايو تہ پوسٽ مارٽم لاءِ استعمال ۾ ايندڙ مارچري مشين ڪوڪن ۾ بند پيل آهي، سي. ٽي اسڪين مشين ۽ ٻيو ڪيترو سامان سڙي رهيو آهي جيڪا صورتحال مون اکين سان ڏٺي يا ٻڌي تہ عملو مڪمل نہ هجڻ ڪري ضلعي جي واحد اسپتال جيڪا نہ رڳو ضلعي جي ماڻهن کي پر ٻين ضلعن جي ماڻهن کي بہ فائدو رسائي سگهي ٿي بي فائدو آهي. صرف ٽي خاڪروب هجڻ ڪري اسپتال گندگي جو شڪار آهي. ڪروڙين رپين جي پيل سامان جي حفاظت لاءِ فقط ٽن چوڪيدارن هوندي ڪيترا ڀيرا سامان چوري ٿيندو رهيو آهي جنهن سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ٺيڪيدار منظور سومرو ٻڌايو تہ اسپتال جي تعميراتي ڪم دوران بہ هڪ ٻہ ڀيرا ٿيندڙ چوري خلاف هن ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي ان کري ايندڙ وقت ۾ بہ اهائي صورتحال وڏيڪ وقت رهي تہ جيڪب آباد جي اسپتال وانگر الٽراسائونڊ مشين، ايڪسري مشين جو سامان دل جي شعبي مان ايڪو مشين، ڊينٽل ايڪسري مشين، سي سي يو ايڪسري ٽيليويزن، ايئرڪنڊيشن، جنريٽر مطلب تہ ڪروڙين روپين جو سامان چوري ٿي ويو هو جنهن جون هاڻي فقط انڪوائريون پيو هلن. اهڙين انڪوائرين مان نہ ڪجهہ وريو آهي نہ ورندو. ٽنهنڪري نندڙڪو پيل ٽنڊو محمد خان جي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جو سامان تہ ڪنهن شاهينگ جي ور چڙهڻ کان اڳ سرڪار سڳوريءَ کي گهرجي تہ اليڪشن کان اڳ ٽنڊي محمد خان جي اسپتال کي مڪمل طور تي فعال ڪري اتان جي عوام جون دليون کٽي ۽ ايندڙ اليڪشن لاءِ مضبوط اميدوار پارٽي بڻجي وڃي. عوام سان ڪيل واعدا نڀائيندا تہ تاريخ جي ورقن ۾ انهن جي ڪارنامن کي سونهري اکرن سان لکيو ويندو. اهي منصوبا عوام جي پئسن مان ٺهن ٿا ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ انهن کي جيترو جلدي ٿي سگهي فعال ڪرڻ کپي. جي هنن عوام لاءِ وقت سر ڪجهہ نہ ڪيو تہ پوءِ شايد عوام دشمن قوتن جو سنڌ ۾ بہ حال اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو چين جي ماڻهن تڪ جي وڏيرن کي وٽن سان ٻڌي ماڪوڙين جي ٻرن ۾ پاٽي وجهي ڪيو ۽ جاپان



جي ماڻهن سان واعدا وفا نہ ڪندڙن جي قبرن کي جوتا هڻي انهن جي هڏين کي بہ سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري پنهنجي زمين ۾ بہ دفنائڻ پسند نہ ڪيو.

تجزيو۔ (حصو ٻيون)

# محمد عثمان ڏيپلائي جا ضبط ٿيل ڪتاب

گل محمد عمراڻي

ناوليٽ 1857ع جي آزادي واري جنگ محمد عثمان ڏيپلائي 1957 ۾ لکيو ۽ ان کي سرڪار سئو سالا "جشن" جي حوالي سان پترو ڪيو ڇاڪاڻ هندستان ۽ پاڪستان ۾ ان کي "جنگ آزادي" طور پيش ڪيو پئي ويو. انگريزي سرڪاري تاريخ نويسن اُن کي "بلوو" (Mutiny) يا "غدر" چئي ڪري "هڪ ناڪام بغاوت" جو نالو ڏئي نصابي ۾ پڙهائيندا رهيا. ٻيو ته ڇڏيو ويندي سال 2005 ۾ منهنجو گرما گرم بحث انهيءَ موضوع تي اسان جي ايڊمنسٽريٽر اسٽاف ڪاليج لاهور جي رٽائرڊ جنرل جاويد حسن سان ٿيو هو جنهن جو ضد هو ته اها "آزادي جي جنگ" نه پر هڪ "بلوو" يا "غدر" ۽ ناڪام بغاوت هئي جيڪا انگريزن کي فقط دهلي، C.P/U.P ۽ ڪجهه هندو رياستن ۾ ڏسڻي پئي ۽ "پنجابي وفادارن" ان کي هڪ سال ۾ دليري ۽ وفاداري سان چٿي، ملڪ کي برطانوي شهنشاهيت سان واڳيل رکيو ۽ اهڙي طرح افراتفري ۽ ڏڦيڙ کان نجات حاصل ڪئي. ڏيپلائي صاحب هي ڪتاب هڪ خاص مقصد سان لکيو جنهن جي تحت هن هندستان جي سئو سالا تاريخ جو مختصر پر نهايت جامع وچوڙ ڏنو آهي ۽ ناول جي ڍانچي يا پلاٽ ۾ هن کي "قوم پرستي" جي تصور کي ان وقت جي ون يونٽ اسڪيم جي رد ڪد ۾ پيش ڪرڻو هو. هو پاڻ چئي ٿو "هن ڪتاب ۾ ناوليت گهٽ آهي (يعني رومانوي ڪهاڻي ڪونهي) پر تاريخي معلومات گهڻي آهي ڇاڪاڻ ته اصل مقصد تاريخ آهي ۽ نه ڪا ناوليت". دراصل هي ناوليٽ روسي مارڪسي ادب کان متاثر ٿي لکيل آهي جنهن ۾ نظرياتي Propaganda (تشهير) جي ڪنهن ڪهاڻي يا قصي ذريعي عوامي پذيرائي ڪرائبي آهي ۽ انهي ضمن ۾ گورڪي جو مشهور ناول "ماءُ" (Mother) ڏيپلائي صاحب جي ذهن ۾ هو ۽ هن انهيءَ ڪلاسيڪي مارڪسوادي ناول جو سنڌي ۾ ترجمو به ڪيو هو. "آزادي واري جنگ" ناوليٽ جا ٻه حصا آهن ۽ پهرين حصي ۾ بغاوت واري سال 1857ع جي اهم واقعن جو تفصيل ڏئي ان جنگ يا بلوي جي مکيه ڪردارن جو تعارف ڪرائي ٿو جن ۾ پيش پيش جنرل بخت خان، تانتيا ٽوپي، راجڪماري، مينا ڪماري، مولانا احمد الله شاهه، سورياسين، راڻي لڪشمي ٻائي آف جهانسي، نانا صاحب، بابا گوردت سنگهه ۽ سردار ڀڳت سنگهه (ويهين صدي وارو) ۽ ٻيا مجاهد ۽ غدار، مغل شهنشاهه بهادر شاهه، ظفر ۽ انجا جا پٽ، پوٽا، زالون، حَرم، نوڪر، خادم اچيو وڃن. ناول جو ٻيو حصو 1857ع ڪانپوءِ جي دور بابت بيان ڪري ٿو جنهن جو اصل ڪهاڻي سان ڪوبه سڌو مرڪزي خيالي واسطو هرگز نه آهي پر هڪ طرح جو نصابي طويل ليڪچر آهي. عام قاري ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ جن کي شايد ايتري معلومات سنڌي ادب ۾ اجان تائين ادبي ۽ صحافتي فورم تان نه ملي سگهي هوندي. سائين جي ايم سيد وارا اهم ڪتاب اجان زير تحرير هئا ۽ جن ۾ يادگيرين ۽ تاريخ نويسي کي ڪمال فن سان يڪجا ڪري قوم پرستي جي تفصيلي داستان لکي وئي. 1957ع وارو هي ڪتاب انهيءَ ڏس ۾ هڪ ابتدائي ڪاوش آهي جنهن ۾ 1857 کان 1955 تائين جي دور جي خاص ۽ اهم "آلانڊيا" سطح جي تحريڪن ۽ ليڊرن جي بنيادي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي. اهي تاريخ ساز شخصيتون جديد هندستاني سياست ۽ سماج تي پنهنجا ڀرپور اثر ڇڏي رهيون هيون ۽ انهن ۾ وهابي تحريڪ، مجاهدين تحريڪ (شاهه اسماعيل شهيد (بالاڪوٽ) سيد احمد شهيد بريلوي، وليم هنٽر جي رپورٽ Our Indian Musalmans، سر سيد احمد خان ۽ علي ڳڙهه تحريڪ، آريا سماجي ۽ سوامي ديانند، انقلابي پارٽي، مسلم ليگ جو بُڻ بنياد، جنگ عظيم اول، قطع تعلقات، گانڌي هلچل، انگريزي چالاڪيون، حُر تحريڪ عرف ٻي جنگ آزادي (سورهيه بادشاهه) اسلامي احيائي تحريڪون (خاڪسار ۽ علامه مشرقي)، مولانا مودودي جي تحريڪ يا جماعت اسلامي ۽ مولانا محمد الياس واري تبليغي جماعت ۽ آخر ۾ غلام احمد پرويز واري تحريڪ طلوع اسلام عرف "منڪر حديث جماعت ۽ پاڪستان تحريڪ سوال؟ آخر هن ڪتاب ۾ اهڙي ڪهڙي قابل اعتراض ڳالهه هئي جو ون يونٽ سرڪار ان تي بندش هڪدم 1957 ۾ ئي مڙهي ڇڏي؟ جواب: ناول جو باب سترهون مصنف جي طرفان هڪ زبردست قومي شڪوه يا شڪايت آهي حڪومت پاڪستان سان اقبال جي شاعراڻي "شڪوه" جيان هئي شڪوه به حاڪم وقت کان برداشت ٿي نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته هن ۾ تڪيون ۽ تند تيز ڪريون ۽ بيباڪ حقيقتون پڌري پٽ بيان ڪيل آهن. هن باب جو عنوان "سنڌ جي عيد" آهي. هن کي ناول کان الڳ ڪري پڙهجي ته بهتر ڇاڪاڻ ته اصل ناول سان هن قصي جو ڪوبه ربط بلڪل ناهي پر هي هڪ سياسي ۽ قومي "واعظ" آهي ۽ هتي واعظ جي مثبت معنيٰ ئي سمجهڻ گهرجي، جيئن ته ڪو مدلل بيان يا ليڪچر فاضل مصنف بيان جي هڪ حصي ۾ چئي ٿو ته "اڄ 1857 کي سئو سال گذري ويا آهن، انگريزن کان آزادي حاصل ٿي چڪي آهي، پر سنڌين لاءِ اها آزادي جي سچي خوشي تڏهن ملهائجي سگهندي جڏهن سنڌن صوبو پنجاب جي قبضي کان آزاد ٿيندو ۽ آزاد پاڪستان ۾ هڪ خود مختيار صوبي جو درجو ماڻيندو. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته اسين ڪا قطعي مڪمل آزادي ڪانه ٿا گهرون، بلڪ اسين ته آزاد پاڪستان اندر هڪ اهڙو صوبو طلبيون ٿا جهڙو اسان جا ٻيا بنگالي ڀائر ٿا طلبين، جيڪڏهن بنگالين جو پنهنجي ٻولي کي سرڪاري ٻولي بنائڻ جو مطالبو جائز آهي ته اسان جو پنهنجي انهيءَ سنڌي ٻوليءَ کي صوبي اندر سرڪاري ٻولي بنائڻ جو مطالبو به هرگز ناجائز ناهي. اها ٻولي جيڪا هڪ ڪروڙ ماڻهو ڳالهائين ٿا، جنهن کي پنهنجي عاليشان ۽ مڪمل صورتخطي آهي ۽ جنهن ۾ اعليٰ ادب موجود آهي ۽ جنهن ۾ هر طرح جي صلاحيت آهي. جيڪڏهن بنگالي ڀائر پنهنجي بنگالي قوميت تي ناز ڪن ٿا ته اسان کي به پنهنجي انهيءَ سنڌي قوميت تي ناز آهي، جنهن کي اعليٰ درجي جي تهذيب ۽ ثقافت حاصل آهي. اسان جو مشرقي بنگال وانگر سنڌ صوبي جو مطالبو آئيني طرح جائز ۽ حق بجانب آهي (مطلب ته ون يونٽ ٽوڙيو). ان ڪري اسان کي پنهنجي طرفان ڪنهن به غير آئيني ڪارروائي جو ڪوبه ضرور ڪونهي، باقي جيڪي شخص اسان جو حق ڦٻائڻ تي ڪمر ڪشيندڙ آهن (چيلهه ٻڌل اٿن)، سي جيڪڏهن پاڻ وڏي اسان تي غير قانوني ڪارروايون ۽ ظلم ڪندا ته دنيا ضرور هنن تي لعنت وجهندي ۽ اسين نيٺ ڪامياب ٿينداسين ڇاڪاڻ ته اسين حق تي آهيون." هر سهندڙ نيٺ فاتح ٿئي ٿو بشرطيڪ هو حق تي هجي. اها ئي تلخ نوائي (ٻاڙي گفتگو) هئي جنهن هن بظاهر تاريخي ناوليٽ تي پابندي مڙهائي، تاريخ جي درستي جي حوالي سان اها بيان ڪرڻ ضروري آهي ته ان وقت تمام ٿورا دلير مصنف ۽ ليکڪ هئا جيڪي ون يونٽ جي مخالفت ۾ ايئن ظاهر ظهور لکي رهيا هئا، جڏهن ته سرڪاري نامور سنڌي جريده ته سرڪار کي خوش ڪرڻ ۾ ڏاڍي هٿي ڏهه، توڏي هٽي تيرانهه جي انڌي ٻوڙ ۾ اکيون ٻوٽي نوڪريون بچايو ۽ مال ڪمايو ۾ مصروف هئا. ڏيپلائي صاحب جو "انسان" رسالي ۾ هڪ بيباڪ ايڊيٽوريل ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کي به تنقيدي سراڻ تي پرکي ٿو جنهن ۾ هن کي مشورو ڏئي ٿو ته ون يونٽ جي حمايت ترڪ ڪري قومي واٽ وٺي ته بهتر آهي. ...(هلندڙ)...



# جديديت جو ظهور ۽ لوڪ ادب

**منظور ٿهيم**

جيڪڏهن اسان ڪي دنيا ۾ رهڻو آهي تہ ڏاهپ جي قدرن کي ملڪيت ۽ قيمت کان مٿي ڪري ڏسڻو پوندو. اهو ادراڪ ئي قومون ۽ ٻوليون بچائي ٿو. هڪ ٽري لوڪ گيت آهي تہ، توکي ڍاٽڻ اٺ جي سواري ۽ بستري جي ننڊ ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي تہ ان خيال ۽ ڏاهپ مان ٽر جي حقيقي زندگي ۽ ڏاهپ سمجهہ ۾ اچي ٿي، هي ڏاهپ ئي آهي جيڪا زندگي کي معنيٰ ڏئي ٿي. ڏاهپ ٺاهي يا تراشي ناهي ويندي هي تہ ماڻهن جي درد، غم، خوشين، سماجي وهنوار محبت ۽ رواجن جو اظهار هجي ٿي.



هر ماڻهو اندر قدرت هڪ ننڍڙي ڏاهپ رکي آهي يا هڪ فلسفي ويهاريو آهي. جيڪو هر وقت ڪجهہ نئون تلاش ڪندو رهي ٿو. انسان جو شعور ڪجهہ مختلف ڪرڻ چاهيندو آهي. اسان جو ائين هجڻ فطري آهي ڇاڪاڻ تہ اسين پنهنجي ڏاهپ جي ڪري سڃاتا وڃون ٿا. مان اوهان کي هي صداقت ٻڌايان ٿو تہ ڪٽڪ جو داڻو جڏهن زمين تي ڪري ٿو تہ اڪيلو ٿو هجي پر جڏهن هو زمين ۾ جزب تي زمين جي تعلق ۾ اچي ٿو ۽ ان جو حصو ٿي وڃي ٿو تڏهن هڪ مان هڪ هزار ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيئن نہ پوءِ هن ڪائنات ۽ ان جي تعلق جي معنيٰ سمجهائي وڃي ٿو، هي اهي خيال آهن جيڪي انسان کي نئين طرح سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. اسان جو هڪٻئي سان تعلق ئي اسان جي ڏاهپ جا باقي پوشيده در کولي سگهي ٿو. هي انساني معاشرا بہ ائين تبديل ٿيندا آهن، اهو بيحد ضروري آهي تہ جنهن سماج ۾ اسين ۽ اسان جا ٻار رهن ٿا، ان جا قدر انسان دوستي، برابري، محبت، عزت، وفاداري، سچائي، تهذيب، تمدن ۽ ڏاهپ تي مبني هجڻ گهرجن، پر ان کان بہ اڳتي سنڌ جي ماڻهن کي ان ڳالهہ تي پختو يقين ڪرڻو پوندو تہ هيسيل ۽ دٻايل ماڻهن جي دردن کي ڏاهپ جي مجموعي ۽ اجتماعي قدرن کانسواءِ ختم نٿو ڪري سگهجي. ڏاهپ ۽ ڪمٽمينٽ وارا رشتا پائيدار ٿين ٿا، پنهنجي خاندان، ٻارن ڏانهن ذميوار ٿيڻ انهن جي حقن جو خيال رکڻ، صاف گوئي ۽ صداقت سان پنهنجن خامين جو اعتراف ڪرڻ، زمين جي حيات جو قدر ڪرڻ ۽ ان کان بہ وڌيڪ انهن ماڻهن ۽ نظام خلاف مضبوط ٿي بيهڻ جيڪي سنڌو ماٿري جي تهذيب جي تاجي پيٽي رنگ نسل ذات مذهب جي نالي تي تبديل ڪرڻ چاهن ٿا.



اسان هن وقت جنهن دنيا ۾ رهون پيا ان کي آرٽ ۽ لٽريچر جي روشني ۾ جديديت جي ظهور جو دور چيو وڃي ٿو، جيڪو جمالياتي، خود شعوري، مجموعي شعوري، داخليت، انفراديت، ايجادات، مارڪيٽ، جنس، صنعتي هڪ هٽي، معاشرتي پيچ ڊاهہ، آبادي جي لڏپلاڻ، شهري زندگي ۾ ميگا سٽي جو وجود، ننڍن شهرن جو سڪڙجڻ ۽ انسان جي ضرورت کان وڌيڪ ان جي امير هجڻ واري تصور جي بنياد تي ٺهيو آهي. هي ئي دور آهي جنهن انسان جي بياني سگهہ يا اظهار جي صلاحيت کي خاموشي ۾ تبديل ڪرڻ جهڙو ڪم اهڙي طرح ڪري ڏيکاريو آهي جو اسين سڀ پنهنجي اندر کان بيچين هجڻ جي باوجود ڄڻ مطمئن آهيون. هي ئي دور آهي جنهن انسان کي پنهنجي اندر کان، پنهنجو پاڻ کان ۽ سماج کان ڌار ڪري ويهاريو آهي. اسين جي غور ڪريون تہ اسان جي اوسي پاسي اطلاعات جي ذريعن جو جنهن طرح ڄار اُڻيو ويو آهي، تنهن اسان کي انسانيت جي مجموعي سوالن کان ڪيڏو پري ڪري ڇڏيو آهي. روسي ادب ۾ وولگا نديءَ کي وڏي اهميت آهي. ڇاڪاڻ تہ ان هڪ ئي وقت ۾ پوري يورپ جي تهذيب کي هڪٻئي سان جوڙي رکيو آهي، بالشويڪ انقلاب ڪانپوءِ بہ هي نندي سمورن جي اڄ اجهائي ٿي جو ان تي سڀني جو حق تسليم ڪيو ويو ان جو بہ جيڪي روس کان ڌار ٿيا. تهذيبون ۽ عوامي انقلاب هميشہ زندگي کي جلا ڏيندا آهن ۽ ان قسم جا رويا پيدا ڪندا آهن. دور جديديت ۾ شين کي انهن جي قيمت (پرائيس) جي حساب سان ڏٺو وڃي ٿو کان جڏهن تہ لوڪ ادب شين کي بيان ڪندو آهي پنهنجي قدر، ڏاهپ، سمجهہ ۽ سچائي کان. هن بدلجندڙ سماج ۾ انسان جو قدر بہ هاڻ قيمت جي بنياد تي ٿيندو، ڏاهپ، ڪلچر بہ انهن ۾ شامل هوندا ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ ڏهاڪا اڳ لوڪ ادب جو مالڪ سماج هو. سماج جا اهي رشتا هئا جيڪي زمين جي رشتي سان جڙيل هئا، پر جديديت جي ظهور انهن سمورن رشتن کي ٽوڙي انهن کي ڄڻ يتيم ڪري ڇڏيو. سمورا ماڻهو هاڻ ماڻهن لاءِ نہ سماج لاءِ نہ ڪمپنين ۽ ڪارپوريشن لاءِ ڪم ڪن ٿا. جي ڏسجي تہ سنڌ ۽ پوري پاڪستان ۾ لوڪ ادب، هنر، ٻولي، زمين هي سڀ هاڻ ايتري اهميت نٿا رکن جيترو ملڪي مفاد اهم آهي. جي ڏسجي تہ ملڪي مفاد ان کان اڳتي ڪجهہ بہ ناهي تہ آمريتن جي بنياد تي ماڻهن جا بنيادي حق غضب ڪري انهن کي جهالت ۽ مذهبي جنون ۾ مبتلا ڪري انهن جي هڪٻئي سان تعلق کي ختم ڪري تنها، نراسيت ۾ مبتلا رکجي، مثال طور مقامي ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو نہ ڏيڻ جو سبب آهي تہ ماڻهن کي پنهنجي آفاقي انساني رشتن کان ٽوڙي الڳ ڪجي اسان جو سمورو لوڪ ادب انسانيت، پيار، محبت، انقلاب، رواداري ۽ تهذيب جي قدرن سان سرشار آهي.

ماڻهن کي ڏاهپ جو ذريعو سمجهڻ، اها لوڪ ڏاهپ ئي آهي جيڪا پوشيده انساني رازن مٿان پردو هٽائيندي وڃي ٿي ۽ اهڙو ڪجهہ بيان ڪري وڃي ٿي جيڪو حيرت جي حد تائين شاندار هجي ٿو. ڏاهپ جو قدر مجموعي ۽ اجتماعي هجي ٿو. ان کي ڪنهن ڪمپني ۽ ڪارپوريشن جو ڪيئن ٿو ڪري سگهجي. هي بيحد اهم آهي تہ

# سائين عبدالحڪيم ارشد جي ياد ۾

منور علي "منور" ڪيهر

چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان، نيڻ ملائي
وينو آ،
هيڏي ساري محفل ۾ ڪو پاڻ ڦرائي وينو آ.

تعلقي سڪرنڊ جي ننڍڙي ڳوٺ ڪبڙ لڪمير ۾ 13 جون 1939ع جي گرم موسم ۾ ڇنڇر جي ڏينهن حاجي يار محمد لڪمير جي گهر هڪ نينگر جنم ورتو گهر ۾ خوشيءَ جو سما هو، ڇهين ڏينهن ڇوڪر جي ڇٺي ڪئي وئي. ابهم کي ڪارا سڳڙا ٻانهن ۾ ٻڌي نرڙ تي نظر بد کان بچڻ لاءِ سرمي جو ڪارو ٽڪو لڳايو ويو. ڇوڪرو اڃ ننڍو سياڻ وڏو گهر جي ڪشادي اڱڻ تي ٻانبڙا پائيندي ڪبڙن جا پيرون ۽ پسون ڪائيندي پنجن سالن جو ٿيو ته ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ هٿ ۾ ڪاٺ جي پٽي پڪڙائي موڪليو ويو. ڇوڪرو ڏاڍو ذهين نڪتو، اسڪول ۾ پڙهڻ دوران مسجد جي مولوي کان قرآن شريف پڙهي ۽ فارسي ڪريمان، گلستان، بوستان، يوسف زليخا ۽ بهادر دانش فارسيءَ جا ڪتاب ۽ عربيءَ جي صرف ونحوَ پڙهيو پر مولوي ڪونه ٿيو. چار درجا پرائمري جا پاس ڪري سنڌي فائنل ورنيڪيولر سٺن نمبرن سان پاس ڪري وڃي ماستري جو آرڊر وٺي پڙهائڻ جو پيغمبري پيشو اختيار ڪيائين. هاڻي سندس لاڙو سنڌي ۽ اردو رسالن ۽ فلم جي چوپڙين پڙهڻ ڏانهن ٿيو. ڪيس اردو شاعري ڏاڍي وڻندي هئي. ايئن سندس لاڙو لکڻ طرف ٿيو ۽ شروع شروع ۾ گنگنائي شاعري لکڻ شروع ڪيائين جيڪا ڪنهن سنڌي رسالي ڏانهن موڪليائين ۽ اها جڏهن شايع ٿي ته سندس شاعري لکڻ جو چاهه وڌي ويو هئس.

ها! اهو ڇوڪرو عبدالحڪيم هو جيڪو هاڻي عبدالحڪيم ارشد ٿي چڪو هو. عبدالحڪيم ارشد لکڻ جي شروعات 1954ع کان ڪري چڏي هئي سندس عمر اجان 15 سال هئي. پاڻ امن پسند انسان هو، سماج جي اڻبرابرين ۽ قومي جبر جي ڪري بيتاب رهندو هو. ويتر جوانيءَ ۾ جو عشق جي چوٽ لڳس ته سندس شاعري ۾ نکار ۽ پختگي اچي وئي. سندس شاعريءَ ۾ محبت، امن ۽ شانتي آهي ئي آهي پر زندگي جي ڏکين ڏونگرن تي پنڌ ڪرڻ لاءِ به دڳ سلامتيءَ سان اڪرڻ لاءِ ڏسيو ويو آهي.

سندس شاعري مختلف رسالن ۾ ڇپجڻ کان علاوه 1976ع ۾ پهريون ڪتاب "ڏيئا ذات جا" ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو ته جلد ئي هٿوهٿ وڪامي ويو ۽ ڪافي هٿن تائين اهو ڪتاب پهچي نه سگهيو تنهنڪري سندس دوستن 1997ع ۾ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو پڌرو ڪرايو. سندس ٻيو ڪتاب "آچي جي گيت جهڙي شاعري" (قومي شاعري) 2011 ۾ منظر عام تي آيو. سندس ٽيون ڪتاب "مون نينهن نڀايو ڏرتيءَ سان" (تقريرون ۽ مقالا) 2012 ۾ ڇپيو ۽ سندس چوٿو ڪتاب "ٽٽل عڪس سونهن جا" (رومانوي شاعري) 2013 ۾ شايع ٿيو.

سندس شاعري کي ڪيترن ئي گلوڪارن ڳايو آهي پر وحيد علي جي آواز ۾ ڳايل گيت "چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملائي وينو آ" عوام ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. اڪثر ڪري قومي ڪارڪن سندس ڪلام ڪورس جي انداز ۾ ڳائيندا هئا ۽ "چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملائي وينو آ" جي طرز تي ڪافي ڪلام ڳاهيا ويا، ان مان هڪ هي به هو:

سنڌي ماڻهو سورهيه ماڻهو سيس نمايون وينا هن،
پڙوا ماڻهو ياڙي تي هٿ دلال گهرايو وينا هن.

سندس شاعري جي ڪجهه جهلڪ هيٺ ڏجي ٿي:

عشق جي آغوش ۾ يار کي ياد ڪندي چوي ٿو:

پل پل تنهنجا پور پون،
روح رهاڻيون ياد اچن.
ريتن رسمن کان آزاد،
عاشق پنهنجي واٽ وٺن.
عشق جي ارشد ڳالهه نه پڇ،
نيزن آڏو نيهن نچن.

هنن سٽن ۾ عاشق جي آخري التجا ۽ انسان کي عظيم سمجهندي ڪيئن نه مخاطب آهي:

ساهه چپن تي، هاڻ ته آءُ،
چند گهڙين جو هان مهمان.
دل کي سمجهان عرش عظيم،
پرور جو آ پاڪ مڪان.
ڪين سجاتو چا ٿي پيو،
ايندڙ نسلون، ڏينديون مان.
ڪنهن کي "ارشد" گهٽ نه ڄاڻ،
هرڪو ماڻهو آ مهان.

ابراهيم منشي چيو هو:

"مون پڪ سڃاتا پنهنجا ها کي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾"

عبدالحڪيم ارشد ساڳي واٽ وٺندي چوي ٿو:

ڏارين تي ڪا ناهه ميار،
شامل پنهنجو آهه غدار.
دوزخ ڌرتي چيخ پڪار،
درد ئي درد آ ناهه قرار.
تنها تنها روح اداس،
يادن جو هو "ارشد" يار.

صوفي رنگ کي اجاگر ڪندي چوي ٿو:

مسجد مندر، گرجا ۾،
ڪنڌ جهڪائي وينو هان.
توکي ڳولڻ نڪتو هئس،
پاڻ وڃائي وينو هان.

اهو عبدالحڪيم جيڪو پوءِ ارشد ٿي ويو هو. پنهنجا اباڻا ڪڪ ڇڏي وڃي ڪراچي جي موسيٰ لائين ۾ آباد ٿيو هو. اسان کان 08 فيبروري 2018 تي هميشه لاءِ وڇائجي ويو.



پر ياءُ عبدالحڪيم تون ته ارشد آهين، تون اسان کان وڇائجي نٿو سگهين. پنهنجين تقريرن، مقالن، نثر ۽ شاعري ۾ اسان سان سدائين گڏ آهين.

ها هي تنهنجون ئي سٽون آهن:

اسان جيءُ پنهنجو جلائي ڇڏيو
مگر نينهن ناتو نڀائي ڇڏيو.

پئنل انٽرويو

# لعل بخش جسڪاڻي سان ڳالهه ٻولهه

منظور ٿهيم، ڊاڪٽر اشو ٿامام، زاهده ابڙو

تعارف: آئون خيرپور ضلعي جي ڳوٺ جسڪاڻي ۾ پيدا ٿيو هئس، ڪلهوڙن جي دور جو ڳوٺ آهي. اسان جا وڏا ميرن سان گڏ هئا. اسان جي ڳوٺ ۾ شهيدن جو قبرستان آهي، جنهن ۾ پنج سئو شهيدن جون قبرون آهن. اسان جو ٽڙ ڏاڏو مير علي مراد جو وزير هو. خيرپور رياست ۾ اسان جي وڏڙن جي ڪرسي هوندي هئي، ڪوٽڏيجي پرائمري اسڪول مان چار درجا پڙهيم. ڪوٽڏيجي هاءِ اسڪول مان 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم. پوءِ حيدرآباد آيس ۽ سچل ڪاليج ۾ پڙهيس. 1973ع ۾ ڀُٽي صاحب هڪ اسڪيم شروع ڪئي جنهن ۾ اپرنٽس ليڪچرار مقرر ٿيس. 1974ع ۾ ريگيولر ٿيس.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: توهان خيرپور ڇڏي حيدرآباد ڪيئن آيا؟

لعل بخش جسڪاڻي: 1955ع کان اڳ خيرپور ممتاز ڪاليج ۾ ڇهه پي. ايڇ. ڊي پروفيسر موجود هئا. انگلش جو پروفيسر قرار حسين بہ اتي هو، فزڪس ڪيميسٽري اسان ڪوٽڏيجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهياسين. اسان جا ڪيمسٽري ۽ فزڪس جا ٽيچر سڀ ڪراچي مان ايندا هئا. ننڍي هوندي کان ئي حيدرآباد اچڻ جو شوق هئم، ننڍي هوندي ڏيپلائي صاحب جا ڪتاب وي. پي ذريعي ڳوٺ گهرائيندو هئس. جنهن شعور ڏنو تہ ڪلچرل حب حيدرآباد ۾ وڃي تعليم حاصل ڪريان. 1968ع ۾ بي. اي ڪيم، ڪاليج دور کان ئي مون کي شوق ٿيو تہ مان ٽيچر ٿيان. اينٽي ون يونٽ تحريڪ اڪين جي اڳيان هلي. يونيورسٽي جي زماني ۾ ون يونٽ خلاف ۽ ٻوليءَ جي اشو تي تحريڪون هليون، اقبال ترين اسان جو ليڊر هوندو هو، روز جلسا جلوس ٿيندا هئا. گهڻو ڪري اورينٽ هوٽل تي ڪاوڙ هوندي هئي روز شيشا ٽوڙيندا هئاسين.

منظور ٿهيم: پاڪستان ٺهڻ وقت ميرن جو ڇا تاثر هو؟ ڇا ڪين اها سوچ هئي تہ رياست سندن هٿن مان ڦرجي ويندي، ان خلاف ڪا مزاحمت ڪئي وڃي؟

لعل بخش جسڪاڻي: هنن عملي طور تي ڪوبہ مزاحمتي قدم نہ کنيو جنهن سان عوام کي اٿاري سگهن، پر انهن کي ان ڳالهہ تي افسوس ضرور هو. خيرپور رياست تمام گهڻي خوشحال ۽ پرامن هئي، اتي ملون ۽ ڪارخانا هوندا هئا، ماڻهن کي روزگار هو، معيشيت تمام مضبوط هئي ڇو تہ اتي ڪئنال نيٽ ورڪ موجود هئا. ميرن جو بہ اهو خيال هو تہ اها رياست خود مختيار هجڻ کپي ۽ وٽن هجڻ کپي. هز هائنس مير علي مراد جيڪو پاڻ کي جارج پنجون بہ سڏرائيندو هو، هو پاڻ بہ ڪنهن حد تائين مذهبي انتها پسندي جو شڪار هو ۽ هن پاڪستان جي وجود کي بنا ڪنهن چون چران جي قبول ڪري ورتو. عام ماڻهن جو اهو ئي خيال هو تہ خيرپور رياست کي خود مختيار هجڻ کپي. حالانڪ اتي تمام گهڻو پڙهيل لکيل ماڻهن جو تعداد موجود هو، پر انهن بہ رياست جي پاڪستان سان الحاق تي ڪو خاص رد عمل نہ ڏيکاريو.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: خيرپور رياست ۾ انگريزن جو اچڻ ۽ پاڪستان سان الحاق، ان وقت ۾ توهان جي شعوري سگهہ ڪيتري هئي ۽ توهان انهن سڀني شين کي ڪيئن پئي ڏٺو.

لعل بخش جسڪاڻي: اسان جي اندر ۾ تہ وڏي آنڌ مانڌ هئي تہ ڪا تبديلي اچي نئون ڪو جهان جوڙجي. جڏهن حيدرآباد آيس تہ ڪيترن ئي ماڻهن سان ملاقات ٿي جيڪي تقريبن سڀ تبديلي جا خواهشمند هئا. ان وقت ۾ ماڻهن جي مجبوري اها هئي تہ رابطو ڏاڍو ڏکيو ٿيندو هو. ون يونٽ جي تحريڪ اسان جي اکين اڳيان هلي، ان ڪانپوءِ ڀٽي جو دور آيو. مان ترقي پسند سوچ رکندڙ ماڻهن سان گڏ بيٺل هئس،



قومپرستن سان بہ منهنجون همدرديون هيون. جيئن تہ سنڌي ماڻهو ڪافي مسئلن ۾ قائل هئا، منهنجون همدرديون انهن سان گڏ بہ هيون پر آئون گهڻو روشن خيال ماڻهن سان گڏ بيٺل هئس. ڪيفي راحت ۾ وڃي ويهندا هئاسين جتي شام جو ڏيپلائي صاحب اچي ويهندو هو ان سان ڪچهريون ٿينديون هيون. اهو ئي دور هو جڏهن حيدر بخش جتوئي جا جلسا بہ ٿيندا هئا ۽ اسان ان جي جلسن ۾ڀرپور طريقي سان شرڪت ڪندا هئاسين.

زاهده ابڙو: توهان سوشيالاجي مضمون جي چونڊ ڇو ڪئي؟

لعل بخش جسڪاڻي: ان وقت ۾ اهو نئون سبجيڪٽ متعارف ٿيو هو، دنيا ۾ جيڪي بہ بحث مباحثا ٿين ٿا، شهري ڪلچر ۽ ان ۾ سيڪيولرائيزيشن سڀ سوشيالاجي جي ڪري ئي آئي آهي. ان سبجيڪٽ ۾ هڪ طاقت آهي جيڪو جاڳرتا پيدا ٿو ڪري.

زاهده ابڙو: توهان اهو دور ڏٺو جڏهن جاڪوڙي ۽ سچا رهنما بہ موجود هئا پر سنڌ جي سماج ۾اها تبديلي نہ اچي سگهي جنهن جي ان وقت ۾ اميد بہ ڪئي پئي وئي ۽ اچي بہ سگهي ٿي ائين ڇو ٿيو.

لعل بخش جسڪاڻي: مارڪس هڪڙو نظريو ڏنو آهي جنهن ڪي اڄ ڏينهن تائين ڪير بہ چئلينج نٿو ڪري سگهي، پر ان ڪي لينن مليو، جنهن ان جي خوابن ڪي سچ ڪري ڏيکاريو. سنڌ ڪي اڃان اهڙو لينن ڪونہ مليو آهي جيڪو تاريخ جا رخ موڙي عوام جا خواب ساڀيان ڪري سگهي. ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهو منهنجي ان ڳالهہ مان مايوسي جو اندازو لڳائين پر مان وري بہ چوندس تہ اڃان تائين تہ اهڙو ليڊر نظر نٿو اچي، ٿي سگهي ٿو تہ مستقبل ۾ ڪو اچي وڃي ۽ اسان ڪي ڪنهن روشن پاسي وٺي وڃي.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: ان وقت جي عملي سياست ڪان ڪنارا ڪشي ڪري توهان علمي ۽ ادبي پاسي وڌيڪ لاڙو ڏيکاريو ان جا ڪي خاص سبب هئا يا ڪي تلخ تجربا ٿيا.

لعل بخش جسڪاڻي: همسريءَ جي ذريعي مان ان ڳالهہ جو اقرار ٿو ڪريان تہ ڪجهہ مجبوريون هيون جن جي ڪري مون ڪي اهو فيصلو ڪرڻو پيو. بس پوءِ مون ادبي پاسي ڪم ڪرڻ ڪي بهتر سمجهيو. شايد منهنجي طبيعت جو لاڙو بہ عملي سياست جي بجاءِ ادبي ڪم ڪرڻ ڏانهن هو. توهان چئي سگهو ٿا تہ ڪجهہ اهڙا تجربا ٿيا جنهن جي ڪري ٿورو ڊڄي بہ ويس. مون ڪي ضياءُالحق جي دور ۾ ايجنسين وارا ڪڻي ويا هئا، يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو هئس، سٽيزن ڪالوني ۾ منهنجو گهر هو اتان مون ڪي کنيو ويو، ڪينٽونمينٽ ۾ کڻي آيا، مون ڪي چيائون تہ توکي خبر آهي تہ اسين ماڻهن ڪي ماري ڇڏيندا آهيون، مون جواب ڏنومان، ”ها مون ڪي خبر آهي“ مون کين چيو، ”جيڪي پاڪستان ڪي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ آهن انهن ڪي تہ ڪجهہ توهان چئو نٿا، مون تہ پاڪستان ڪي ڪوبہ نقصان پهچائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. مون ڪي ڪو ثبوت ڏيو ٻڌايو تہ مون ڇا ڪيو آهي“، جنهن تي هنن جواب ڏنو تہ جيڪي اهڙا ڪم ڪندا آهن انهن جا جواب تنهنجي جواب جهڙا ئي هوندا آهن. مقرم نالي جهلم جو هڪ ميجر هو، ڪافي عرصي تائين پوءِ رابطي ۾ بہ رهيو ۽ ساڻس دعا سلام ٿيندي رهندي هئي. ٿيو ائين جو 78-1977ع جي ڳالهہ آهي تہ حميده کهڙو جو انڊيا مان هڪڙو ڪلاس فيلو جيڪو ساڻس آڪسفورڊ ۾ گڏ پڙهيو هو، پاڪستان ڪائونسليٽ ۾ بہ رهي چڪو هو ساڻس ملڻ آيو. حميده کهڙو مون ڪي چيو تہ مان کيس يونيورسٽي جو رائونڊ ڪرايان. مهتاب راشدي سان بہ ملرايو مانس، اردو ڳالهائيندڙ استاد بہ موجود هئا. ان جي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مون ڪي ايجنسين وارا کڻي ويا ۽ مون ڪي چيائون تہ بهتر اهو آهي تہ آئون هڪ سٺو پاڪستاني ٿي وڃان، مون ڪي پاڻ سان گڏ ماني بہ کارايائون، اڪثر مون سان اهو ميجر فون تي ڳالهائيندو بہ رهندو هو. اهو بہ هڪڙو فيڪٽر هو جنهنڪري مون پنهنجو رخ لکڻ پڙهڻ پاسي موڙي ڇڏيو.

زاهده ابڙو: اڄ جون قومپرست پارٽيون ڇا واقعي نوجوانن جي سياسي تربيت ڪري رهيون آهن؟ توهان جي ڇا راءِ آهي.

لعل بخش جسڪاڻي: پوسٽ ڊجيٽل ريوليوشن دور نوجوانن ڪي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. اڄ جو نوجوان مطالعو بلڪل نٿو ڪري ۽ عملي طور تي بہ ڪافي سست نظر اچي ٿو. ان ڪانسواءِ قومپرست سياسي پارٽيون بہ پنهنجي قول ۽ فعل ۾ تضاد رکن ٿيون، جنهن جي ڪري نوجوان ڪي انهن ۾ ڪابہ ڪشش نظر نٿي اچي ۽ هو کين سنجيدگيءَ سان نٿو ڏسي، جيڪي نوجوان انهن سان گڏ بيٺل آهن انهن ڪي ڪابہ سياسي تربيت نٿي ڏني وڃي، نہ اسٽڊي سرڪل ٿين ٿا نہ ئي کين عملي سياست جي اصولن ڪان آگاهہ ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري اهو چئي سگهون ٿا تہ قومپرست سياست ۾ ڪو بہ جوڳو ڪم نہ ٿي رهيو آهي. اڄڪلهہ جو نوجوان نہ پنهنجي ڪيريئر لاءِ گهڻو سنجيده نظر اچي ٿو نہ ئي وري سياست جي لاءِ.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: هڪ سماجي ماهر جي حيثيت سان ٻڌايو تہ کهڙين ڳالهين اسان ڪي معاشري ڪي اندران ڪان اڌوهي وانگر کائي ڇڏيو آهي.

لعل بخش جسڪاڻي: پهرين تہ آئون سنڌ يونيورسٽي جي دنيا ڪي هڪ مثال جي طور تي وٺان تہ اتان جا جيڪي بہ استاد هئا انهن جو خيال هو تہ سنڌ ۾ ڪو انقلاب ايندو ۽ ڪا نئين سنڌ اڏبي، اهو هڪ خواب هو، جيڪو اڳتي هلي ڏاڍي خراب طريقي سان ڀڄي ڀُري پيو. جنهن جي نتيجي ۾ شاگرد ۽ استاد جو رشتو ڏاڍو ڪمزور ٿي پيو ۽ ڏاڍو روايتي انداز ۾ وڌڻ لڳو. جنهن جي ڪري عام رواجي شاگرد ۽ ليڊر پيدا ٿيڻ لڳا، سياسي پاڪٽس ٺهڻ شروع ٿيا جن ڪي مالي امداد ملندي هئي. پڙهڻ لکڻ وارن شاگردن ڪي ڏاڍو ڀوڳڻو پيو. انهن سڀني حالتن اسان جي استاد ڪي ڏاڍو ڇيهو رسايو جو هو پنهنجي اصل مقصد ڪان هٽي ويو. جيئن چوڻي آهي تہ استاد ڪي پڙهيل لکيل هجڻ کپي، افسوس تہ اسان وٽ سڀ استاد پڙهيل لکيل ڪونہ آهن. هن وقت اسان جي سماج جي تباهي جو اصل سبب تعليم جي بربادي آهي، جيڪڏهن ڪو ڪم ڪٿي ٿي رهيو آهي تہ اهو انفرادي حيثيت ۾ ٿي رهيو آهي. ادارا پنهنجو شاندار ماضي پنٺتي ڇڏي آيا آهن، ادارن ڪي وري پنهنجو پاڻ ڪي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. قوم جو هر فرد جنهن ۾ خاص طور تي استاد وڌيڪ ذميدار هوندو آهي، ان ڪي پنهنجي ذميدارين ڪي پورو ڪرڻ لاءِ سنجيدگي جي ضرورت آهي.



ڊاڪٽر اشو ٿاما: تعليمي ادارن ۾ حالتن خراب ٿيڻ جا ڪهڙا سبب هئا ۽ ڪهڙين شخصيتن کي انهن جو ذميدار قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

لعل بخش جسڪاڻي: 1972-73 ڪانپوءِ يونيورسٽين ۾ جهيڙا ۽ خون ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ ويڙها گروپ پيدا ٿيا، ڇوڪرا جيئي سنڌ ۾ شامل ٿيا ۽ پوءِ جيئي سنڌ جي شاگردن يونيورسٽي جي سياست تي قبضو ڪري ورتو. 1968-69 کان يڪو اهي سياست تي قابض رهيا. جنهن ڪانپوءِ ون يونٽ جو معاملو شروع ٿيو، ٻوليءَ تان جهيڙا شروع ٿيا، انهن حالتن پڙهڻ وارن شاگردن کي پڙهائي کان پري ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ داداگير، ڦورو ۽ قاتل پيدا ٿيا. جنهن سماج ۾ ماڻهن کي صحيح مقام نه ملندو ته اهي باغي ٿي پوندا، نشي جو شڪار ٿي ويندا آهن يا وري دهشتگردي جي ور چڙهي ويندا آهن. شيخ اياز جيترو به وقت يونيورسٽي ۾ رهيو، پڙهائي لڪائي جو سڄو ماحول ختم ٿي ويو. منهنجي خيال ۾ شيخ اياز کي جوائن نه ڪرڻ کپندو هو ان وقت ۾ سپاف به زور هئي ۽ جيئي سنڌ جي به جياپي جو سوال هو، جنهنڪري ڇوڪرا روز پيا وڙهندا هئا، هڪٻئي کي قتل پيا ڪندا هئا ۽ يورنيوسٽي ۾ هڙتال جو دور شروع ٿي ويو، ڪلاسن جا بائيڪاٽ ٿيندا هئا، اهڙي صورتحال ۾ تعليم جو ٻيڙو ته ٻڏڻو هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين تري نه سگهيو آهي.

زاهده ابڙو: قومپرست سياست جي شڪست جو سبب ڪٿي اهو ته ناهي جو اسان جا نظريا غلط هئا يا صحيح طرح سان ان کي پنهنجي طاقت نه بڻائي سگهياسين.

لعل بخش جسڪاڻي: مان توهان جي ان ڳالهه سان متفق آهيان ڇو جو اسان جي انهن تحريڪن جي نتيجي ۾ هڪ شڪست خورده نوجوانن جو جٿو قوم اندر پيدا ٿي پيو، هاڻي اهي سيئي گروپ هڪٻئي پٺيان ڪات کهاڙا کنيو بيٺا آهن ۽ ڪنهن هڪ مقصد تائين نه رسي سگهيا آهن. سنڌ جي تعليم کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪٿي نه ڪٿي ڪا پلاننگ ٿيل آهي. اسڪولن کان وٺي يونيورسٽي تائين استاد نوڪرين تي نٿا پهچن، ڪي استاد اهڙا آهن جيڪي ملڪ کان ٻاهر ويٺا آهن پگهارون کڻن پيا ۽ تعليم جو ٻيڙو ٻڏي رهيو آهي. اسان جو سڄو سماجي تاڃي پيٽو جنهن ۾ اسان جا قدر اچن ٿا اهو سڄو تباهه ٿي چڪو آهي. هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته ان جي پٺيان ڪنهن جو هٿ آهي، اسان ننڍيون ننڍيون حاصلات به نٿا ڪري سگهون ته شاندار ڪاميابي اسان کي اوستائين نصيب نه ٿيندي، جيستائين اسان جو سرشتو اصل حالت ۾ نه ايندو. ايجنسين جا ماڻهو هر جاءِ تي ويٺا آهن، ترقي پسند تحريڪن ۾ به انهن جا ماڻهو ويٺا آهن، صورتحال تمام گهڻي ڳنڀير آهي. سنڌ ۾ ڪنهن به اديب کي نوبيل پرائز نه ملي سگهيو آهي، صحت ۽ صفائي جي ميدان ۾ اسان جي ڪا به ڪارڪردگي ڪونهي، منهنجي خيال ۾ ته انهن سڀني شين جي پٺيان

ڪا هٿرادو گهٽ ۽ ٻوسٽ پيدا ڪيل آهي، جو ماڻهو پنهنجي ولوڙ جي باوجود به ڪجهه ڪري نه پيا سگهن. لڳي ٿو سڀني حالتن جي مطابق هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. ذاتي خوشحالي کي ئي اسان قومي خوشحالي تصور ڪريون ٿا. اسان جا دانشور به رڳو ڊرائنگ روم ۾ ويهي ڳالهين ڪرڻ جي حد تائين دلچسپي رکن ٿا. ماڻهن کي ٻي غرض ٿيڻو پوندو، طبقاتي جدوجهد جي ضرورت آهي، جيڪي وڏيرا اڄ سياست تي قابض آهن اهي ساڳيا ماڻهو آهن جن انگريزن جي دور کان وٺي فائدا ورتا آهن، انهن کان مراعتون به ورتيون. جڏهن سر چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته انهن پوري سنڌ ۾ هُلايو ته اچو اسين توهان کي جائيدادون ۽ جاگيرون ڏينداسين. ان کان پهرين اهڙي طريقي سان جاگيرون ڪنهن به حڪمران ايئن نه ورهايون هيون، پر وفاداري شرط هئي. پارت پنهنجي آئين ۾ تبديلي ڪري وڏيرا شاهي جو خاتمو آڻي ڇڏيو، پر پاڪستان جي سڄي زمين پنج سيڪڙو آبادي جي قبضي هيٺ آهي. سنڌ ۾ 10/12 سيڪڙو ماڻهن وٽ زمينون آهن.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ هڪ تبديلي آئي ۽ ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين مان وڏن شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ٿي ماڻهن زراعت تان پاڙڻ گهٽ ڪيو ۽ ٻين ڪاروبارن ۾ اچڻ لڳا ان سڄي تبديلي جو توهان ڪيئن تجزيو ڪندا.

لعل بخش جسڪاڻي: ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اسان جو ماڻهو تمام گهڻو باصلاحيت آهي، تبديلي کي قبول ٿو ڪري ۽ پاڻ به تبديل ٿئي ٿو، پر اسان طبقاتي مفادن ۾ ڦاٿل آهيون. جيستائين جاگيرداري ختم نه ٿيندي تيستائين تبديلي نه اچڻ برابر رهندي. ماڻهن جي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ هڪ سٺو عمل آهي، پر ان سان ننڍن شهرن جي ترقي تي به اثر پوي ٿو. ٿيڻ ته ايئن گهرجي ته ننڍن شهرن کي آهستي آهستي وڏن شهرن جي پيٽ ۾ آڻي ٻيهاريجي، پر هن وقت وڏن شهرن مٿان آبادي جو بار وڌي رهيو آهي. ننڍا ننڍا شهر اجان وڌيڪ تباهه ٿي رهيا آهن، ان کي آئون حڪومت جي ناڪام منصوبا بندي تصور ڪريان ٿو. ننڍن شهرن ۾ تعليم جي تباهي تمام تيزيءَ سان ٿي رهي آهي. وڏو صوبو ننڍن صوبن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ڪمزور ڪري ويٺو آهي. اسان وٽ يونيورسٽي مان هر ڊپارٽيمينٽ ۾ چار پنج ٽاپر نڪرن ٿا باقي ٻين جو حال پورو آهي. ٻهراڙين مان ايندڙ شاگردن جو حال تمام خراب آهي، انگريزي ته ڇا پر انهن کي سنڌي به پوري نٿي اچي، ان جو سنئون سڌو تعلق غربت سان آهي. تعليمي نظام جي ناڪامي جي ڪري غربت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سماجي سرشتي کي مضبوط ڪيو وڃي، شهرن ۽ ٻهراڙين جي وچ ۾ فرق ختم ڪيو وڃي. ترقي يافته ملڪن ۾ توهان کي اهو فرق نظر نه ايندو، اتي ساڳيون شهرن واريون سهولتون ٻهراڙي ۾ توهان کي نظر اينديون. جيستائين اهڙي پلاننگ نه ڪئي ويندي تيستائين توهان ماڻهن کي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ کان نٿا روڪي سگهو.

منظور ٿهيم: ورهاڱي کان پهرين ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ جي سنڌ جي معاشي حالتن کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو.

لعل بخش جسڪاڻي: صنعتي انقلاب 1760ع کان شروع ٿي 1880-90ع تائين هلي ٿو. جنهن ۾ ٻاڦ جي انجڻ آئي، ريل جا رستا ٺهيا، تنهن ڪانپوءِ



ننڍي ڪنڊ جو ورهاڱو ٿيو. اسان وٽ گهريلو صنعتون بند ٿي ويون ۽ جيڪو مال ننڍين ننڍين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٺهندو هو اهو ٺهڻ بند ٿي ويو. سنڌ ۾ تمام سٺو فرنيچر ٺهندو هو، اڪبر جي دربار ۾ به سنڌ جو ٺهيل فرنيچر استعمال ٿيندو هو. هاڻي اهي سمورا ورڪشاپ پوري دنيا ۾ ماڊرن طريقي سان هلايا پيا وڃن. اسان وٽ اڃان تائين شيون مڪمل طور تي ماڊرن نه ٿيون آهن جنهن جي ڪري اسان جو ڪرافٽ ختم ٿي رهيو آهي. اسان جي حڪومت جون پاليسيون هنرمند دوست نه آهن. صدين کان هلندڙ هنر اهڙين پاليسين جي ڪري تباهي جو شڪار آهن. اجرڪ، جيڪو اسان جو قومي ورثو آهي، هاڻي هٿ تي ٺهندڙ اجرڪ جا ڪارخانا بند ٿي رهيا آهن. هن وقت اجرڪ مشين تي ٺهي رهي آهي. ميرن سٺو خاندان انڊيا مان گهرايا هئا جيڪي بنارسي ڪپڙو ٺاهيندا هئا، جنهن جي تمام وڏي مارڪيٽ هئي. جنهن جو ڪچو مال چين مان ايندو هو، هن وقت اهو اچڻ بند ٿي ويو آهي جنهن جي ڪري اها انڊسٽري تباهه ٿي چڪي آهي، ايتري وڏي انڊسٽري کي حڪومت تباهي جي ور چاڙهي ڇڏيو ان جي بچاءُ لاءِ ڪابه پلاننگ نه ڪئي وئي. ٻين ملڪن ۾ گهريلو صنعت ۽ ڪرافٽ کي بچائڻ لاءِ تمام گهڻيون سهولتون ڏنيون ٿيون وڃن، جنهن سان نه رڳو مزدور کي فائدو ملي ٿو پر ملڪ کي به پرڏيهي ناڻو ملي ٿو.

زاهده ابڙو: سنڌ ۾ موهن جي دڙي سان گڏوگڏ ٻيا به ڪيترائي قديم آثارن جا اهڃاڻ مليا آهن، حڪومت سنڌ انهن کي بچائڻ لاءِ ڪيتري سنجيده آهي.

لعل بخش جسڪاڻي: اڻلي جي ويلري هڪ قديم آثارن جي ماهر، ڀنڀور جي کوٽائي مان ڪجهه نيون شيون دريافت ڪيون آهن. ڀنڀور جي باري ۾ اسان کي لوڪ داستانن مان گهڻي معلومات ملي ٿي. سندس مطابق هي تمام وڏو شهر هو. هن وقت ثقافت جو وزير سردار شاهه تمام دلچسپي سان قديم آثارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هتان جي قديم آثارن مان مندرن جا آثار نڪتا ملن، سنڌي پنهنجي مزاج ۾ دراوڙن کان وٺي سيڪيولر مزاج رکن ٿا. سنڌ ۾ قديم آثار تمام گهڻي تعداد ۾ موجود آهن، حڪومت چاهي ته انهن کي سياحت جي واڌاري لاءِ به استعمال ڪري سگهي ٿي، جتي جتي اهڙا آثار موجود آهن انهن کي سياحت لاءِ کوليو وڃي انهن جاين کي ترقي ڏياري وڃي. پنجاب ۾ اهڙين جڳهين تي حڪومت طرفان ڪافي سهولتون مهيا ڪيل آهن. رستا ۽ روڊ سٺا آهن، ننڍيون وڏيون هوٽلون موجود آهن، تنهنڪري ماڻهو اتي سياحت لاءِ وڃڻ وڃن ٿا. پنجاب ۾ اهڙن مقامن کي ديوارون ڏيئي تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي. هتي اسان وٽ ماڻهو موٽرسائيڪلن تي پيا هلن انهن کي تباهي کان روڪڻ لاءِ ڪابه منصوبا بندي ناهي ٿيل. هاڻي ٻڌو آهي ته مڪلي، موهن جي دڙي ۽ ڀنڀور کي به ديوار پيا ڏيارين. مڪلي هڪ وڏو قبرستان آهي جتي ڪيترائي مقبرا آهن، هتي ڄام ننڍو ۽ دولهه دريا خان جهڙا بهادر به دفن آهن ته غدار به دفن آهن.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: ڀڳت ڪنور رام جي قتل جي تاريخ ڇا آهي، ان لاءِ ڪيترائي تصور موجود آهن ڪجهه ماڻهو پير پاڳاري جو نالو به وٺن ٿا، توهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي.

لعل بخش جسڪاڻي: 1939ع ۾ سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهايو ويو، اهو مسلم ليگ جو منصوبو هو. جي ايم سيد کي استعمال ڪيو ويو، اهو ڪيس هڪ انگريز وٽ ويو جنهن ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. حالانڪ ان سڄي فساد جي، جي. ايم سيد اڳواڻي ڪئي هئي. جنهن ۾ ڪيترائي هندو ۽ مسلمان مري ويا، ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو، ان دوران سکر ۾ ڦرون ٿيون، مسجد منزل گاهه معصوم شاهه بکري جي درياهه تي اوطاق هئي، نه اها مسجد هئي نه مندر هو، اتي اچي هو ماڻهن سان ملندو هو. اڳتي هلي ان پلاٽ تي هندن قبضو ڪري هڪ مندر اڏيو ۽ مسلمانن مسجد جوڙي. 1939ع جي واقعي ڪانپوءِ سنڌ مان هندن لڏڻ شروع ڪيو، جيڪو اڳيان هلي ڪنور ڀڳت رام جي قتل جو سبب به بڻجو، پرچونڊي جي گادي وارن ڪيس قتل ڪرايو. پرچونڊي واري پيرن جو ڪجهه هندو چوڪرن سان جهيڙو ٿي پيو، جنهن جو بدلو انهن ڀڳت ڪنور رام کي رڪ جي اسٽيشن تي شهيد ڪرائي ورتو. سورهيه بادشاهه هڪڙو سچو ماڻهو هو جنهن جو نعرو هو "وطن يا ڪفن". سندس ان ڪيس سان ڪوبه تعلق نه هو.

زاهده ابڙو: ملڪ ۾ وڌندڙ مذهبي انتها پسندي جي باري ۾ توهان جي راءِ ڇا آهي.

لعل بخش جسڪاڻي: اهو ٻج ضياءُالحق جي دور ۾ روس جي خلاف پوکيو ويو، جنهن ۾ آمريڪا پاڪستان کي استعمال ڪيو. هينئر پي. ٽي. آءِ مولانا سميع الحق کي مالي امداد به ڏني آهي. مولانا فضل الرحمان ۽ مولانا سميع الحق طالبان سان گڏ بيٺل هئا، افغانستان جا چڪر هڻندا هئا. سيد احمد سنڌ ۾ ميرن وٽ به آيو هو ته اسان کي مالي امداد فراهم ڪريو ته اسين سِکن سان وڙهنداسين، ميرن کين رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائون ته اسان جو سِکن سان ڪوبه جهيڙو ڪونهي، اهو ميرن جو سيڪيولر رويو هو جيڪا تاريخ جي هڪ وڏي حقيقت آهي. سائين جي. ايم سيد، سنڌ مسلم ليگ جو ٻه دفعا صدر رهيو ۽ هو سائين سورهيه بادشاهه وٽ سندس انٽرويو ڪرڻ ويو هو ۽ ڪيس چيو هئائين ته اوهان مسلم ليگ ۾ ڇو نٿا شامل ٿيو. سورهيه بادشاهه کيس جواب ڏنو ته مان توکي صلاح ڏيندس ته تون ڪانگريس ۾ شامل ٿي، سنڌين جو مستقبل ان ۾ آهي ته هي ملڪ نه ٺهي، ملڪ ٺهيو ته سنڌي تمام گهڻي تڪليف ۾ اچي ويندا. ان ڳالهه کي سائين جي. ايم سيد پنهنجي ڪتاب "سنڌ اسپيڪس" ۾ به لکيو آهي. سائين جي. ايم سيد سان نظرياتي طور تي ڪيترا به اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر هو تعليم جي معاملي ۾ تمام گهڻو سنجيده هوندو هو ۽ سيني کي چوندو هو ته تعليم حاصل ڪريو. نياڻين جي لاءِ به سن ۾ اسڪول کولرايائين. سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي پراڻي مزاج تي وري واپس وڃڻو پوندو ۽ مذهبي انتها پسندي جو مقابلو ڪرڻو پوندو.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: ڇا توهان جي معلومات ۾ اها ڳالهه آهي ته سائين جي. ايم سيد ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڪا ڳالهه ڪئي هجي.

لعل بخش جسڪاڻي: منهنجي معلومات ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪونهي، جيڪڏهن ڪو اهڙي ڳالهه ڪري ٿو ته اهو مٿس الزام آهي. ايوب کهڙي به ان ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي هئي. هينئر اعجاز شيخ جو لکيل ڪتاب "ڪراچيءَ جو ڪيس" توهان پڙهي ڏسو ان مان توهان کي ڪافي حقيقتن جي خبر پوندي.



ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

### حصو پنجون

# فلورينس ڏانهن روانگي

اعجاز منگي

نالو ڏاڍو وڻندڙ آهي، "فلورينس." ڪنهن نوخيز، خوبصورت گل جيان وڻندڙ ناري جهڙو. "فلورينس" کي اٽالين ۾ فرينزي (Firenze) چون ٿا. فلورينس شايد انگريزي ۾ چوندا آهن. سو فلورينس جي نوخيزي ڏسڻ لاءِ صبح جو سوير ٽرين پڪڙڻي هئي.
روم ۽ فلورينس جي وچ ۾ فاصلو تقريبن 278 ڪلو ميٽرن جو آهي. صبح جو اٿڻ لاءِ الارم لڳائي سمهي پيس. 6:30 وڳي جو الارم لڳايم، اکيون ٻوٽي سمهڻ جي ڪوشش ڪيم ننڊ پنهنجي جهولي ۾ جلد کڻي وئي الارم جي آواز تي اک کلي ته ائين لڳو ڄڻ هاڻي ستو آهيان. پر جسم جي توانائي مان محسوس ٿيو ته ننڊ پوري ٿي چڪي آهي.
هتان روم وڃڻ لاءِ ٻه اسٽيشنون آهن هڪ فراسڪاتي جي ٻي جو نالو آهي توروورگاتا. سو رات جو اهو سوچي سمهيو هئس ته توروورگاتا کان وڃڻو آهي، انٽرنيٽ تي چيڪ ڪيو هئم صبح جو 10:30 وڳي ٽرين نڪرندي. هونئن ته هر اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ٽرين ايندي آهي، پر اهو سوچيم ته 10:00 وڳي هتان نڪربو ته 10:30 وڳي وڃي پهچبو. توروورگاتا مان روم لاءِ ٽرين ٻه هر اڌ مُني ڪلاڪ جي وقفي ڪانپوءِ وڃي ٿي. هڪ ٽرين 8:12 منٽن تي هتان نڪرڻي هئي ۽ هڪ 8:35 منٽن تي هئي جنهن کي روم جي اسٽيشن تي ڇڏڻو هو. ٽائيم مطابق ڪمرا ڇڏياسين، هونئن ته هر اسٽيشن تي ٽرين جي ٽڪيٽ ڏيڻ لاءِ مشينون ۽ ڪائونٽر آهن پر هن اسٽيشن لاءِ اسان کي ٽڪيٽ بار مان وٺڻي پوندي آهي. بار اسٽيشن جي پرسان ئي آهي سردي وڌي وئي آهي ان لاءِ صبح جو هر هڪ شيءِ ننڍاڪڙي پئي نظر اچي. ڇنڇر ڏينهن هئي ٻه موڪل آهي سو خاموشي هئي، روڊن تي ٽريفڪ ٻه معمول کان گهٽ هئي.
سڄ پنهنجا ڪرڻا پکيڙي ڇڏيا هئا. فراسڪاتي پهاڙي تي ٺهيل آهي ۽ روم هيٺ، سڄ جا ڪرڻا جڏهن روم تي پون پيا ته ائين پيو لڳي ڄڻ ڪنهن سون پگهاري شهر مٿان هاري ڇڏيو هجي، ڪنهن سون ورني محبوبا جي ڳلن جهڙو روم جو نظارو پيو نظر اچي.
بار مان ٽڪيٽ ورتي، جيڪا ڏيڍ يورو جي هئي، اسان جي رپئي جي مطابق پوڻا ٻه سئو ٿيندا، ٽڪيٽون وٺي انهن کي اسٽيشن تي لڳل هڪ مشين ۾ اندر وجهڻو پوندو آهي، جيڪا مشين انهن تي تاريخون هڻي ڏيندي آهي. جيڪڏهن ٽڪيٽ ان مشين ۾ نٿي وجهجي ته ان تي ڪافي ڏنڊ آهي.
8 ٿيا هئا اسان انتظار ۾ هئاسين ته ٽرين ٽائيم تي ايندي پر ٽائيم گذري ويو گاڏي جو پتو ئي نه هو ايئن ٿيندو نه آهي جو مقرر ٿيل ٽائيم کان ٽرين هوڏي هيڏي ٿئي، پر مان انٽرنيٽ تي ٻيهر چيڪ ڪيو ته ٽائيم 9 لڳي 4 منٽ پيو اچي پوءِ مون کي شڪ پيو ته هوٽل مان جيڪو ٽائيم ٽيبل مليو هو ان ۾ ۽ موجوده ٽرين جي ٽائيم ۾ فرق آهي. شايد هوٽل مان مليل ٽائيم ٽيبل پراڻو هو مجبوري هئي، پليٽ فارم تي ئي انتظار ڪرڻو پئجي ويو. سردي هئي، ان ڪري منهنجي دوست جو ته ڳالهائڻ نه پيو نڪري. خير اسٽيشن کان ٿورو ٻاهر نڪري گپ شپ ڪرڻ لڳاسين ته جيئن وقت گذري، اتي ويٺا هئاسين ته اتي هڪ اطالوي نوجوان نيڪر ۾ اچي نڪتو، همراهه اطالوي ۾ ئي پڇڻ لڳو ته ٽرين ڪهڙي وقت ايندي. ڪيس ٽائيم ٻڌايم ته سندس منهن ئي لهي ويو. خير اسان وري پاڻ ۾ گپ شپ ڪرڻ لڳاسين ڪجهه مسافر گڏ ٿيڻ شروع ٿيا ته اسان کي ٻه حوصلو ٿيو ته ٽرين ٽائيم تي ئي ايندي، نه ته سڄي ڏينهن جو روٽين ئي خراب ٿي وڃي ها.
ٺيڪ 9 لڳي 4 منٽن تي ٽرين پهتي اسان ٻه وڃي دريءَ واري پاسي کان ويٺاسين، جيئن ٻاهر جو نظارو نيڪ طريقي سان ڪري سگهجي. ٻاهر جون سر سبز ٻنيون ڏسندا اچي روم اسٽيشن تي پهتاسين. ٽڙ تڪڙ ۾ مشين مان ٽيڪٽون ورتيوسين هڪ ٽڪيٽ جي قيمت 43 يورو هئي، يعني تقريبن ساڍا چار هزار رپيا پاڪستاني. اڄڪلهه يورو 126 رپين جو آهي. ٽرينون ٻن قسمن جون آهن هڪ سلو ٽرين آهي جنهن جي ٽڪيٽ تقريبن 21 يورو آهي، پر اها ٽائيم تمام گهڻو ٿي وٺي تقريبن ساڍا چار ڪلاڪ، ٻي فاسٽ ٽرين آهي جيڪا ڏيڍ ڪلاڪ ٿي وٺي، ڪنهن نيڪ چيو آهي ته وقت ۽ پئسي جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. وڌيڪ پئسو ڏيئي وقت بچايو ۽ وڌيڪ وقت ڏيئي پئسو بچايو، توهان جي پسند آهي جيئن وڻي ائين ڪريو يا ائين ڪڻي چئجي ته جهڙو ناڻو تهڙو سودو. ٽڪيٽ تي بوگي ۽ سيٽ نمبر لکيل هو. اچي سيٽن تي ويٺاسين، اصل ۾ منهنجي دوست پهرين ٽڪيٽ ورتي ان لاءِ کيس الڳ بوگي ۽ سيٽ نمبر مليو ۽ مون بعد ۾ ورتي ته مون کي الڳ نمبر مليو، پنهنجي سيٽن تي اچي ويٺاسين ٽرين هلڻ شروع ڪيو ان جي اسپيڊ 300 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ هئي.



ٻاهر جا نظارا ڏسڻ شروع ڪيم سر سبز پهاڙيون، خوبصورت چراگاهه، ساوڪ ئي ساوڪ نظر پئي آئي. ننڍا ننڍا ڳوٺ، پر سهڻي نموني ٺهيل، ترتيب سان اڏيل ڪو ڪچو گهر نظر نه پئي آيو ۽ انهن ڳوٺن ۾ زندگي جي هر سهولت موجود هوندي آهي. اصل ۾ اقتصادي حالتون بهتر آهن، ماڻهو پڙهيل لکيل آهن ان ڪري اهي سهولتون عام آهن. علم وڏو هٿيار آهي، جنهن سان توهان وڏي ۾ وڏي جنگ امن سان وڙهي ۽ کٽي سگهو ٿا. اسان جي سنڌ ته هر طرح سان مالا مال آهي هر وسيلو ۽ ذريعو ٻه موجود آهي، شاهوڪار خطو آهي پر اسان وٽ علم جي دولت جي کمي آهي، جنهن سان اسان پاڻ سنواري پاڻ کي هٿيار بند بڻائي وقت ۽ حالتن جو مقابلو نه ڪري سگهيا آهيون. سنڌ جي روڊن تي جڏهن گاڏي هلندي آهي ۽ ٻاهر نظر پوندي آهي ته ائين لڳندو آهي، ڄڻ سالن کان ڪنهن جنگي صورتحال ۾ هجون، سياستدانن ۽ ٻين ڳڙجي ملڪ کي صفا تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ...(هلندڙ)...

## ناول ـ قسط اوڻيهين

# رنگَ گِرهڻ

**ضراب حيدر**

فائزا اڪثر منهنجي فليٽ تي ايندي هئي يا وري مون کي پنهنجي گاڏي جي اڳئين سيٽ تي ويهاري شهر جي روڊن تي رولاڪيون ڪندي هئي. هوءَ اڪثر شام جو دير سان ايندي هئي ۽ رات جو مون کي منهنجي فليٽ تي ڇڏيندي هئي. گهڻو ڪري ته هوءَ مون کي پنهنجي گهر وٺي ويندي هئي ۽ اسين دير تائين ڳالهيون ڪندا هئاسين. ائين به ٿيو ته هوءَ ڪيترا ڀيرا منهنجي فليٽ تي ئي ترسي پوندي هئي.

مان جڏهن سندس گهر وڃي رهندو هئس ته هوءَ مون کي شراب جو هڪڙو پيگ آڇي ڏيندي هئي، وڌي اسرار ڪانپوءِ هوءَ ٻيو پيگ ڏيندي هئي. مون کي حيرت آهي ته هُن جيڪو پنهنجي هڪ سهيلي جي گهران جنهن جو مُڙس ڪسٽم ۾ آفيسر هو وٽان مون لاءِ امپورٽيڊ شراب جي بوتل ورتي هئي سا ته ڪڏهن جو ختم ٿي چُڪي هئي، پوءِ هوءَ مون کي سدائين ساڳئي شراب جا ٻه پيگ ڪٿان پياريندي هئي.

مون ڪائنس ڪيترا ڀيرا پُڇيو هو ته هوءَ منهنجي خواهشن جو ايڏو خيال ڇا لاءِ ڪندي آهي؟

ته هوءَ مُرڪي بس ايترو ئي چوندي هئي ته،

”مون کي سُٺو لڳندو آهي.

مون ڪائنس اِهو به پُڇيو هو ته هوءَ مون کي شراب پيئڻ کان روڪڻ باوجود، سدائين شراب جا ٻه پيگ ڇو پياريندي آهي؟

تڏهن به هوءَ ساڳيو جواب ڏيندي هئي، بس رڳو هڪ لفظ جو اضافو ڪندي هئي ته،

”مون کي ڏاڍو سُٺو لڳندو آهي.“

مان زور ڪندو هئس ته ٻڌاءِ.

”ڇو سٺو لڳندو آهي.....؟“

هوءَ اِهو چئي ٽاري ڇڏيندي هئي ته

”ڪڏهن وقت اچڻ تي توکي ضرور ٻڌائيندس.“

هوءَ جڏهن به مون وٽ ايندي هئي ۽ اسين گاڏي تي رولاڪيون ڪندي عجيب و غريب ويران جاين تي وڃي ويهندا هئاسين. ڪجهه ڏينهن اڳ اسان روڊ تي گاڏي بيهاري هڪ پارڪ ۾ وڃي ويٺا هئاسين، اُهو پارڪ به ڪو ايڏو آباد ڪونه هو، بس ڦٽل پارڪ هو، جنهن جي لوهي ڪِرل سامهون هڪڙو ننڍڙو قبرستان پٿاريو پيو هو، ائين جيئن مسجد جي محراب ۾ مُصلو وڇايل هوندو آهي. جيتوڻيڪ اُن ڏينهن اجا ايڏي دير ڪونه ٿي هئي. بَس ڪجهه ئي ساعتون اڳ نما شام پاڻ کي رات جي شال ۾ ويڙهيو هو. اُن ننڍڙي پارڪ ۽ مختصر قبرستان جي جوڙجڪ ٽِڪندي هئي، ٻه ڪنڊون پارڪ جون ۽ هڪ محرابي ڪنڊ قبرستان جي.

قبرستان جي آخر ۾ ڪي ٻه چار وڻ بيٺل هئا، جيڪي هلڪي روشنيءَ ڪري سڃاڻپ نٿي سگهيا. ها پر پارڪ ۾ هڪڙو سُڪل ناريل ۽ اڌ سائو املتاس بيٺل هو، ڇپر سار سنڀال نه هئڻ ڪري ڪُسي وئي هئي جيئن وار ڪُسي ڇنيون تي پوندا آهن.

مون کي الائي ڇو اُن ڏينهن پنهنجي ڳوٺ وارو قبرستان ياد آيو هو، جنهن جو ذڪر امان ڪندي هئي ۽ مان امان جو ٻڌايل اُهو قصو ياد ڪندي اندر ۾ ڇڻ هيسجي رهيو هئس، هلڪو هلڪو خوف سياندي جيان اندر ۾ سيسراٽيون ٻڌجي رهيو هو.

منهنجي اُن ڪيفيت کي شايد فائزا سمجهي وئي هئي، تنهن ڪري مون کان پُڇيو هئائين،

”ڊپ ته ٿيئہ نه.....!“

مون پاڻ سنڀاليندي ڪيس چيو هو ”ها ٿورو ٿورو... هَلڪو هَلڪو“

هُن هڪڙو ٽهڪ ڏنو هو.

”ڇا مطلب، ٿورو ٿورو...؟“

”مطلب ته مون کي خبرناهي، پر شايد تنهنجي موجودگيءَ ۾ اُهو ٿورو ٿورو ٿو لڳي، ٿي سگهي ٿو گهڻو هُجي.....!“

هن وري هڪڙو وڏو ٽهڪ ڏنو هو....

”ملهار! خوف ماڻهوءَ جي پنهنجي اندر جي پيداوار هوندو آهي....“

مون کيس ڏٺو... ٿورو مُرڪيس ۽ چيم،

”ها مون کي اندازو آهي... پر اُن جو ڪو تسلسل ڪو ڳانڍاپو ضرور هوندو آهي...“

اُن لمحي سندس اکين ۾ ڄڻ هڪڙو اسرار لهي آيو. هُن مون کي چِتائي نهاريو، مون نه چاهيندي به موضوع کي بدلايو.

”فائزا، توکي قبرستان ڪيئن لڳندا آهن...“

هُن سوچيندي چيو،

”اِهو ته مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونهي ته قبرستان مون کي ڪيئن لڳندا آهن. ها پر مون کي قبرستانن کان ڪڏهن به خوف ناهي ٿيو....“

هوءَ ڳالهائيندي قبرستان ڏانهن ڏسي رهي هئي. مون پنهنجو هٿ آهستي سندس هٿ مٿان رکيو، هوءَ ٿورو ڇرڪي وئي.... ۽ پنهنجو هَٿ هٽائي ڇڏيائين، مون ڪيس چيو،

”فائزا جيڪڏهن سامهون قبرستان مان ڪو روح ٻتي ڪٽي گذرندي ڏسين ته تنهنجي ڇا ڪيفيت هوندي؟“

مون محسوس ڪيو ته هُن ڇرڪي پري ڪيل پنهنجو هٿ منهنجي هٿ مٿان رکي ڇڏيو ۽ چيائين،

”شايد مون کي حيرت ٿئي، پر ان کان وڌيڪ مان پنهنجي خيال يا وسوسي تي سوچيندس....“

”سو ڪيئن فائزا؟“

”اِن لاءِ جو مون جيترو پڙهيو ۽ سمجهيو آهي ته روح ڪنهن به ريت ٻتيون ڪٽي نه هلندا آهن....“

مون هڪڙو ٽهڪ ڏنو،

”فائزا تون جيتري هوشيار ۽ چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪرين ٿي ايتري هوشيار يا چالاڪ آهين ڪونه.“

هُن مُرڪي مون ڏانهن نهاريو پر سندس چهري تي خوف جي لهر ڇانئيل هئي.

”اِهو ڇا لاءِ ٿو چوين؟ مون کهڙي چالاڪي يا هوشياري توسان ڪئي آهي.“

”نه نه، منهنجو مطلب اِهو هرگز نه هو، پر هن لمحي تون پنهنجي ڪيفيت کي لِڪائڻ لاءِ چالاڪيءَ کان ڪم وٺي رهي آهين. پر خوف ڪنهن پاڇي جيان تنهنجي چهري تي واضح آهي.....“

هُن اکيون کڻي مون ڏانهن نِهاريو، هلڪي مُنّم روشنيءَ ۾ سندس خُماريل اکين ۾ خوف تحليل ٿي رهيو هو. هُن هڪڙو ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيائين،

”ها، ملهار! مون کي ڊپ ٿو ٿئي!“

مون به هڪڙو اچاترو ٽهڪ ڏنو.

”ائين چئو نه.....!“

”پر ملهار، مون کي هِن ماحول يا هِن قبرستان مان ڊپ نٿو ٿئي، مان ته پنهنجي اندر جي ماحول ۽ احساسن کان خوفزده آهيان، جيڪي هڪ وڏي قبرستان ۾ ويڙهجي ويا آهن.“

”مون سمجهيو نه فائزا...!؟“

”تون سمجهي به نه سگهندين ملهار!“

هُن جيڪو هٿ منهنجي هٿ مٿان رکيو هو سو منهنجي هٿ ۾ جڪڙي ڇڏيائين

”ملهار! مون کي اِهو خوف ۽ ڊپ کائي رهيو آهي ته ڪٿي مون کي ڇڏي نه هليو وڃين....

مون کي موقعو ملي ويو، چيومانس...

”تو مون کي يا مون توکي ڳڌيو ئي ڪٿي آهي جو ڇڏي وڃڻ جو خوف ٿئي.....!؟“

هن هڪ صدا ۽ التجا واري گهور سان مون کي نهاريو ۽ خاموش ٿي وئي، ڪئين ساعتون قبرستان ڏانهن نهاريندي رهي.

”ملهار تنهنجي شڪايت شايد صحيح آهي، پر مان ڇا ڪريان تون جيئن مون سان گڏجڻ چاهين ٿو سو منهنجي وس ۾ ڪونهي.“

”فائزا! تون ڪٿي ڇا به چئو، مان نه مڃيندس. تون سڀ ڪجهه ڄاڻي واڻي پئي ڪرين..“

هوءَ خاموش رهي پر سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ مضبوطي سان جڪڙيل هو، منهنجي ڳالهه تي هُن پنهنجو احساس زور سان محسوس ڪرايو، مون وري ڪيس چيو،

”ڏس فائزا! مان اِها ڳالهه پنهنجي حوالي سان نه پيو ڪريان.“

”پوءِ ڪهڙي حوالي سان پيو چوين؟“

”مان تنهنجي ۽ تنهنجي ذات جي حوالي سان پيو چوان.“

”منهنجي ذات جو ڪوبه حوالو ڪونهي ملهار! منهنجو اندر ته وادي سلام ڪان به وڏو قبرستان بڻيل آهي.“

”تون ضدي به ڏاڍي آهين.“

هوءَ خاموش ٿي وئي وٽس ڪو جواب نه هو يا شايد ڪيس ڏک ٿيو هو. ڪن پل ڪانپوءِ چيائين،

”منهنجي خيال ۾ هاڻي هلڻ گهرجي...“

هوءَ منهنجي ورندي بنا ئي اُٿي پئي ۽ اسين پارڪ مان نڪري آياسين. مختلف رستن تان هلندا فائزا جي گهر آياسين، هن رستي تان ڪائڻ لاءِ ڪجهه ورتو هو، جيڪو بورچي خاني ۾ رکڻ لاءِ هلي وئي.

مان ڊرائنگ روم جي صوفي تي ويهي رهيس، هوءَ جيئن واپس آئي ته مون کي ڏسندي چيائين،

”هتي ويهي رهين ڇو؟ هل ڪمري ۾ ٿا هلي ويهون...“

هوءَ پنهنجي بيڊروم ڏانهن هلي وئي، مان ساڳئي جاءِ تي ويٺو رهيس، ڪجهه لمحن ۾ هوءَ ڪپڙا مٽائي موٽي آئي،

”تون، اڃا هتي ويٺو آهين؟“

”ها بس! دل چيو ته هتي ئي ويهي رهان...“

”هل ته ڪمري ۾ هلي ويهون...؟“

”هي ڪمرو ناهي ڇا؟“ مون مُرڪي چيو،

”بلڪل آهي پر...“

هن اڃان جملو پورو ئي نه ڪيو ته مون چيو،

”اصل ۾ فائزا، تنهنجو بيڊروم ڳرو آهي“

هُن ڪان بي ساخته ٽهڪ نڪري ويو.

”سو وري ڪيئن...“

مان جيستائين جواب ڏيان تيستائين هُن پاڻ ئي وراڻيو،

”مون جهڙي جنڙي تي اُن ۾ رهي تڏهن نه!؟“

مون مُرڪندي چيو،

”نه! تون ته پري آهين فائزا... اڃان به جيڪڏهن ڪا معصوم گڏي چوان توکي ته وڌاءُ نه ٿيندو...“

هو خوش ٿيندي به جڻ خوش نه ٿي، ۽ اِهو ڄاڻڻ جي تجُسس ۾ هئي ته مون سندس ڪمري کي ڳرو ڇو چيو هو...

”ٻڌاءِ نه، منهنجو ڪمرو ڳرو ڇو آهي؟“

ٻيهر سندس سوال تي مان به ڳنڀير ٿي ويس، الائي ڇو مون کي ائين لڳو ته مون، ڪيس ڄاڻي واڻي ائين چيو هو يا وري منهنجي لاشعور منهنجي شعور کي جڪڙي جواب ڏنو هو.

مان ڪن پل خاموش رهيس، سگريٽ ڪڍي ڏکاير ۽ ڪش هنيم... دونهين جي دائرن ۾ جواب ڳولهڻ لڳس. فائزا جي ڪمري جو سمورو منظر منهنجي خيال ۾ اچي ويو. سندس ڪمري ۾ رکيل سنگ مرمر جي ٽيبل ۽ اُن تي رکيل ننڍڙا ڍارا ۽ مورتيون، آخري خالي پٽ تي ٽنگيل وڏو پردو ۽ اُن پُٺيان ڍڪيل مون واري پينٽنگ جو اِن لارج ٿيل فوٽو، مان پنهنجي خيال ۾ اڃا گم ئي هئس ته وري فائزا چيو،

”ٻڌائين ڇو نٿو ته ڪيئن منهنجو ڪمرو ڳرو آهي؟“

”الائي مون کي خبرناهي ته تنهنجو ڪمرو ڇو ڳرو آهي“ مون بي ڌيانيءَ ۾ جواب ڏنو.

”اِهو به ڪو جواب آهي؟ ڳري شيءِ يا جاءِ ته اُها هوندي آهي جنهن ۾ ڪو جن ڀُوت يا سايو هجي“

مان هڪ لمحي لاءِ ڄڻ ڇرڪي ويس، لفظ سايو منهنجي سوچ ۽ ذهن ۾ اٽڪي بيهي رهيو. هوءَ مون ڏانهن مسلسل نِهاريندي رهي ۽ منهنجي جواب جي منتظر هئي، مون ڳالهه مٽائڻ لاءِ ڪيس چيو،

”ڇو ڀلا! ڪا خاطر تواضع نه ڪندين ڇا جو اجائي ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي بيهي رهي آهين؟“

هُن ڄڻ اُٽڪاڻ ٿيندي چيو،

”ڪهڙي خاطر تواضع؟“

”هڪ اسٽرانگ پيگ شراب جو، ٻي ڪهڙي خاطر تواضع!“

”پر اُن لاءِ هڪڙو شرط آهي.“

”شرط وري ڪهڙو؟ اڳ ته ڪڏهن شرط شروط نه هوندا هئا!“ هُن هلڪڙو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين،

”اڳ ۾ تون به ته ڪڏهن هتي اچي نه ويٺو آهين!؟“ مان مُرڪي پيس.

”ته اِها ڳالهه آهي...“ هوءَ به کِلي پئي،

”چئبو ته سمجهي وئين.“

هوءَ مُرڪندي هلي وئي ۽ مان اُٿي فائزا جي ڪمري ۾ هليو آيس.

سنگ مرمر جي ٽيبل سان رکيل صوفي تي ويهي رهيس، سامهون واري ديوار تي منهنجي اِن لارج ٿيل پينٽنگ لڳل هئي. مون پينٽنگ کي ڏسڻ شروع ڪيو. فائزا جي چيل لفظ منهنجي سوچ ۽ خيال کي جڪڙي ڇڏيو هو جنهنڪري پنهنجي پينٽنگ ۾ ڄڻ ڪو سايو ڳولڻ لڳس. سدائين جيان مون کي ڄڻ ڪو ڪِليو مليو هو جنهن آڌار پينٽنگ جي سحر ۾ لُڙهي ويس، فائزا جيستائين مون لاءِ پيگ آڻي تيستائين مون تي ڄڻ هلڪا خمار ڇانئجي ويا.

مان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اُن پينٽنگ کي فضول سمجهندو هئس ۽ ڪڏهن وري پينٽنگ کي عجيب محسوس ڪندو هئس. منهنجي اُها پينٽنگ جيڪا ڪنهن لاشعوري ڪيفيت ۾ مون کان ٺهي وئي هئي تنهن کي سمجهڻ لاءِ منهنجو شعور عاجز ۽ مجبور هو. جيتوڻيڪ ڪيترائي ڪِليو مون کي ملندا هئا جن جي آڌار مان پينٽنگ جي اسرار کي سمجهڻ گهرندو هئس پر جلد ئي اُهي سمورا ڪِليو ڄڻ بي معنيٰ ٿي پوندا هئا. مان مسلسل پينٽنگ کي تڪيندو رهيس. پينٽنگ ۾ جيڪا غيرواضح ڇوڪري هئي اُن جا رت هاڻا مُرڪندڙ چپ مون کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي رهيا هئا، الائي ڇو محسوس ٿي رهيو هو ته منهنجي اُنهن چپن سان ڪا شناسائي آهي پهريون ڀيرو ائين پئي محسوس ٿيم ته پينٽنگ واري غيرواضح ڇوڪريءَ جا چپ مون کي سڏي رهيا آهن جن جا سڏ پڙاڏا سموري ڪمري ۾ گونجي رهيا آهن.

مان اڃا اِن خيال گُمان ۾ هئس ته فائزا هڪڙو پيگ آڻي ٽيبل تي رکيو. مون پيگ وارو گلاس کڻي ڏنو ۽ پوءِ فائزا ڏانهن نِهاريم، فائزا جون خماريل اکيون منهنجي اندر ۾ مڏجيان لهي ويون جنهنڪري مون پيگ يڪ ساهي پاڻيءَ جيان پي ڇڏيو. گلاس ٽيبل تي رکيم ته فائزا پريشان ٿي وئي،

”تو هي ڇا ڪيو؟“

”ڇا ڪيم!؟“

”ايڏو تکڙو پيگ پي وئين؟“

”ها فائزا تنهنجي نيڻن جي سحر ۾ گُم ٿيڻ کان ته بهتر آهي ته مان شراب جي نشي ۾ الوٽ ٿي وڃان.“

”ملهار، اَڄ تون مسلسل مون سان شڪايت واري انداز ۾ پيو ڳالهائين، مسئلو ڪهڙو آهي؟“

مان خاموش رهيس گلاس کڻي فائزا ڏي وڌايم

”پليز... هڪڙو اسٽرانگ ٻيو به.“

هوءَ نه چاهيندي به گلاس کڻي هلي وئي.



مون محسوس ڪيو ته لسي ڪيل پيگ منهنجي حواسن کي قابو ڪري چُڪو هو. هوءَ موٽي آئي ۽ پيگ مون کي ڏنائين مون اُهو پيگ به پاڻيءَ جيان اوتي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ مون کي ڪابه خبر ڪونه پئي ته مان ڪهڙي دنيا ۾ هليو ويس! جنهن مهل سُجاڳي ٿي ته گهڙيال ۾ ٻارنهن ٿيا هئا. فائزا ڪمري ۾ موجود ڪونه هئي. مان تکڙو اُٿيس ۽ ڊرائنگ روم ۾ آيس، فائزا صوفي تي سُتل هئي. ...(هلندڙ)...

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

# Sukkur IBA University

**Airport Road, Sukkur.**
www.iba-suk.edu.pk

# TENDER NOTICE

## Tender # PROC/172

Sealed bids are invited from reputable firms / manufacturers/ contractors (Registered with PEC / Sales Tax / Income Tax departments) on **"Single stage two envelope basis"** having vast experience in respective field & having all equipment and tools for execution of following works at the Project "**Benazir Bhutto Shaheed Institute of Management Sciences, Dadu**".

| S.# | Works | Earnest Money | Tender Fee (Non-Refundable) |
|---|---|---|---|
| 01 | HVAC Works | 2% | Rs. 1000/- |
| 02 | Furniture and Fixture | 2% | Rs. 1000/- |

Detailed specifications, layout drawings and quantities are mentioned in the tender documents, which can be obtained on provision of demand draft/pay order of **Rs. 1000/-** (Non-refundable, for each item) from the office of **Project Director**, Benazir Bhutto Shaheed Institute of Management Sciences, Dadu on any working day from **31st January 2018 to 15th February 2018**. Last date is **16th February 2018** for the submission of bids at Project Director Office, Sukkur IBA University, Airport Road Sukkur Sindh **upto 1400 Hours**. The technical bids will be opened on the same day at **1430 Hours** at Sukkur IBA University, Airport Road Sukkur Sindh in the presence of bidders or their authorized representatives ( who may choose to be present). The financial proposals of only technically eligible firms will be accepted/opened. Bid security i-e **2%** of tender amount (refundable) in the shape of bank draft/pay order in the name of **Sukkur IBA University** must be attached with bid documents. The Sukkur IBA University reserves the right to accept or reject any or all bids as per SPPRA/PPRA rules provision.

**Please send your queries: aftab.pmu@iba-suk.edu.pk**

**PROJECT DIRECTOR**
**Benazir Bhutto Shaheed Institute of Management Sciences**
Project Office at IBA Community College, Najam Colony, Dadu. Tel: 025-4551552

PID(H)100439/18

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

# اکري سئو وکري

## بيت۔ شاهہ لطيف

**همسري**

کَنَ کَٽ1، کاپَٽ2، کاپڙي، کَنوٽيا3، کَنَ چيرَ4،
سَدا وهَن سامُهان، عاشِق اُترَ5 هيرَ،
تَسا ڏيئي تَنَ کي، ساڙِيائُون سَرِيرَ،
جي فنا ٿِيا فَقِيرَ، هَلو! تَکِيا6 پَسوُن تِنجا.

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

(1) کن کٽ- کن چيرائيندڙ. (2) کاپٽ- جوڳين جو فرقو. (3) کنوٽيا- کن وڍيل (کنڊل پيل). (4) کن چير- کن چيريل. (5) اُترَ- اتر جي سرد هوا. (6) تکيا- آستان.

******

## پهاکو

**همسري**

**حَنوُد کاسائي واري ڳڻ:**

حنود کاسائي واري ڳڻ مان مطلب آهي: اها خوفناڪ اونهي ڳڻ، جا پرجي ئي نہ.

******

## مختصر ڪهاڻي

**ڪتاب گهر**

**اقبال بلوچ**

دوست جي فون آئي، ڪتابن جو دڪان اڄا بند پيو اٿئي. ڪيڏي مهل ڪتاب گهر کوليندين. ڇيم ادبي ڪتابن کي کير وٺي کونہ سو آرام سان ٿو اچان. ڇيائين توسان ملڻ آيو آهيان، تنهنجو کوليل ڪتاب گهر بہ ڏسان، مون چيومانس ترس تہ مارڪيٽ جي چوڪيدار کي ٿو چوان تہ هو توکي دڪان کولي ويهاريندو، تيستائين آئون بہ اچي ويندس. چوڪيدار وٽ هڪ چابي آهي. آئون پهتس تہ دعا سلام کان پوءِ چيائين، قصو وڏيو، پر ڏنڊو ڏاڍي تہ ٿيندو ئي کونہ هوندئي، ويتر جو چابي چوڪيدار کي ڏني اٿئي، هن تي اعتبار اٿئي ڇا؟ کو ڪتاب چوري ڪري وڃئي تہ..! مون چيو، ادبي ڪتاب آهن، جي چوري ڪيائين بہ تہ هن کان کير وٺندو، اڌ قيمت ۾ مون کان بہ کير کونہ ٿو وٺي، جي پڙهڻ لاءِ چوري ڪيائين تہ مون کان گهري بہ پڙهي سگهي ٿو، جي چوري ڪري ڪنهن کي پڙهڻ لاءِ ڏنائين تہ بہ مون کي خوشي ٿيندي تہ ڪنهن ڪتاب پڙهيو تہ سهي...!!

******

## مختصر ڪهاڻي

**امڙ جي دعا!**

**سليم چنا**

ڪار ورتائين تہ لکرايائين امڙ جي دعا، گهر ٺهرايائين ٺالي واري تختيءَ جي مٿان لکرايائين امڙ جي دعا، سندس بيروزگار ننڍي ڀاءُ کي ڳالهہ نہ وڻي، سو رات جو وجهہ وٺي رنگ سان ڪار جي شيشي ۽ گهر جي ٺالي واري تختيءَ تي لکيائين: ”امڙ کي ڪپي دوا“.

*****

## نثري نظم

**راشد شر**

هڪ معصوم نينگر
شهر مان
ڪچري جي
ڍير تان
سُڪل مانيون
اوبر ٿيل ڀاڄيون
ميڙيندي
پنهنجي بُکئي پيٽ تي
هٿ رکي
چيو
اي خدا
اڄ ميڄيم
تہ
تون رازق
آهين
پر اڄ اها
بہ
پڪ ٿي
وئي
تہ
تنهنجي
رزق جي
ورهاست
بہ
اسان جي سماج
جيئن
ڪرپشن جو شڪار
بڻجي
چُڪي آهي

******

## هيلٿ ٽپ

**برف جو ٿڌو پاڻي**

گرم ڏينهن ۾ ٿڌي پاڻي جو گلاس ڪنهن نعمت کان گهٽ نہ هوندو آهي، پر توهان کي خبر هجڻ کپي تہ تمام ٿڌو پاڻي صحت لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهي ٿو. تمام گهڻو ٿڌو پاڻي توهان جي هاضمي جي سرشتي کي ڊانواڊول ڪري، جسم جي سڄي توانائي کي ڇڪي وڃي ٿو، پيٽ ۾ سور ۽ اوڪارن جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو. ان کان علاوه سائنس (Sinuses) ۽ هڏن جي بيمارين جو سبب بہ بڻجي ٿو. ٿڌو پاڻي دل جي رفتار کي گهٽائي ڇڏي ٿو. ان کانسواءِ قبض جو سبب بہ بڻجي ٿو. مٿين اثرن کان علاوه مٿي ۾ سور پوڻ جو سبب بہ بڻجي ٿو، ان لاءِ ضروري آهي تہ پاڻي ڪمري جي گرمي پد تي ٿڌو پيئڻ گهرجي يا نيم گرم پيئڻ گهرجي جيڪو صحت لاءِ تمام مفيد آهي.

ڪيريئر ڪائونسلنگ

# اسڪولن ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت

سرمد کوسو

ڪنهن به معاشري جي ترقي ۾ نوجوانن جو وڏو ڪردار هوندو آهي، پر انتهائي ڏک جي ڳالهه آهي ته اسان جو نوجوان ٽئلنٽ ۽ موقعا نه ملڻ ۽ صحيح رهنمائي نه هجڻ ڪري بيروزگاري جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهي. اسان وٽ نوڪري پيشه نوجوانن جي گهڻائي به پنهنجي پيشي مان خوش ناهي هوندي، هر ٽن نوجوانن مان هڪ ته اسان کي پنهنجي نوڪري مان بيزار نظر ايندو. هونئن به جتي نوجوانن لاءِ راندين جا ميدان مثبت عملي سرگرميون ۽ لائبريريون نه هونديون، اتي نوجوان ذهني ۽ جسماني طور بيمارين جي ور چڙهيل هوندا آهن.

مان جڏهن ان مسئلي تي سوچيندو آهيان ته آخر ائين ڇو آهي



جو گهڻا نوجوان پنهنجي پيشي مان بيزار آهن ته مون کي وڏو سبب سندن ڪيريئر ڪائونسلنگ جو نه هجڻ لڳندو آهي. مون ذاتي تجربي ۾ ڪوڙ شاگرد ڏٺا آهن جيڪي انٽر پاس ڪرڻ کانپوءِ سوچيندا آهن ته هاڻي ڇا ڪجي؟ پوءِ سندن مائٽ، استاد يا دوست جيڪا صلاح ڏيندا آهن، هو ها ۾ ها ملائي، انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ داخلا وٺندا آهن ۽ اهو ناهن سوچيندا ته ان ميدان ۾ زندگي ڪين گذارڻي آهي ۽ ڪم ڪين ڪرڻو آهي. اها جيئن تيئن ڪري حاصل ڪيل ڊگري هٿ ۾ اچڻ کانپوءِ وري اهو نوجوان نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان هوندو آهي. نتيجي ۾ ايم بي اي ڪيل نوجوان اسڪول ۾ پيو پڙهائيندو آهي ۽ انجنيئرنگ جي ڊگري ورتل پيو صحافت ڪندو آهي. اسان وٽ مختلف شعبن ۾ ڪم جو معيار به ان ڪري بهتر ناهي جو مناسب ماڻهو مناسب جڳهه تي ڪم ڪندي نظر نٿو اچي. ڪي نوجوان ته ماڳهين يونيورسٽي مان ڊگري وٺي پوءِ صلاحون پيا وٺندا آهن ته هاڻي ڇا ڪن؟ ان ڪري ڪين وڏي پريشاني جو منهن ڏسڻو ٿو پوي ۽ پوءِ هو مطمئن ناهن ٿيندا ته هر ڇهين مهيني پيا نوڪري ۽ ادارا تبديل ڪندا آهن.

منهنجي خيال ۾ انهن مسئلن کان بچڻ جو بهترين حل اهو آهي ته ٻارن جي هاءِ اسڪول جي تعليم دوران ئي ڪيريئر ڪائونسلنگ ڪئي وڃي ته جيئن ڪاليج تائين پهچندي ڪين مختلف شعبن جي ڄاڻ به ملي وڃي ۽ هو پنهنجي مزاج موجب پنهنجي پسند جي ميدان جي چونڊ ڪري وٺن ته جيئن ڪين يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ به مسئلو نه ٿئي ۽ نوڪري به آساني سان ۽ سندن مزاج وٽان ملي سگهي. انهي ۾ استاد جو اهم ڪردار آهي ته هو ٻار جي نفسيات موجب تربيت ڪري ۽ ٻار کي سندس پسند جي ميدان ۾ وڃڻ لاءِ هر جائز ۽ گهربل مدد ۽ رهنمائي ڪري. ان سان گڏوگڏ والدين تي به فرض ٿئي ٿو ته هو پنهنجي مرضي ٻارن تي نه مڙهين پر ٻارن جي سندن پسند جي ميدان ۾ وڃڻ لاءِ راهه هموار ڪن ته جيئن ٻار سڪون سان پڙهي به سگهي ۽ سماج جو بهتر فرد ٿي سگهي. اسان وٽ وڏو ظلم ته اهو ٿيندو آهي جو ٻار کي رڳو ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿيڻ بابت ٻڌايو ويندو آهي، ٻين شعبن جي ڪين ڄاڻ ئي ناهي ڏني ويندي.

هر ٻار منفرد ۽ خاص آهي، ان ڪري ان جي نفسيات جو خيال ڪرڻ لازمي آهي. ڪي ٻار هر ڪنهن کان پيا صلاحون وٺندا آهن ۽ پوءِ ڪين ڪڏهن صحيح صلاحون ملنديون آهن ۽ ڪڏهن وري غلط. ڪي ٻار وري اهڙا هوندا آهن جو هو پنهنجون خواهشون ۽ خواب ڪنهن سان به ناهن ونڊيندا. نتيجي ۾ اهڙن ٻارن جو ٽئلنٽ اندر ئي اندر ۾ مري وڃي ٿو. ان ڪري استادن ۽ والدين جي اها ذميواري ٿئي ٿي ته هو ٻار لاءِ آسانيون پيدا ڪن، جيئن هو مايوسي جو شڪار نه ٿين.

حڪومت کي به ان سلسلي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ اسڪول ۽ ڪاليج سطح تي مقرر ڪرڻ گهرجن جيڪي شاگردن جي رهنمائي ڪري سگهن ته جيئن مڪمل پلاننگ سان انساني وسيلن کي استعمال ڪيو وڃي. اسان جي نصاب ۾ به ان حوالي سان مواد شامل ڪيو وڃي جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته پوءِ اهي انساني وسيلا ضايع ٿيندا رهندا جيڪو فردن ۽ قوم جو ذيان آهي.



khososarmad@ymail.com

ڪهاڻي

# ٽڪيٽ

شميم مري



جڏهن ڪان پوتار اليڪشن وڙهڻ جو سوچڻ شروع ڪيو ته ڳوٺ جي هارين نارين ۽ آسپاس جي غريب غربي شڪر ادا ڪيو ۽ گهڻن ته دعائون به ڪرڻ شروع ڪيون هيون ته من ڪٿان پوتار کي ٽڪيٽ ملي. هنن سيني کي بس اها آس هئي ته ٽڪيٽ مليس ته جيئن ڳوٺ مٿان چوويهه ڪلاڪ عزرائيل بيٺل پوتار مان ڪين ڪجهه وقت نجات ملندي. ٻڌو هئائون ته ٽڪيٽ تي چونڊجڻ بعد گهڻي ڀاڱي پوتار راڄڌاني ۾ وڃي رهندو ۽ ڳوٺ اچڻ سندس وٽن سان ڍڪيل گهرن ۽ هوٽلن منجهه سينٽن، عطرن ۽ پينٽ شرٽن وارين ماين سان رهڻ پسند ڪن ۽ ڳوٺ مڙئي مرٽي پرٽي ئي پيرو پڄن ايستائين جيستائين وري نئين اليڪشن ٿئي سو هنن به سوچيو ته هيڪر پنجن سالن لاءِ ڪين ۽ سندن ٻارن ٻچن کي سک جو ساهه کڻڻ جو موقعو ملندو. رحيمان ته سيني کان وڌيڪ خوش هئي جو هاڻ هوءَ شايد کي سک جا ڏينهن ڏسي نه ته پوتار جي ڪري گذريل پنجن سالن کان لاڳيتو چوٽون پيرو پيٽ پريل هئس. هڪ سال لاءِ به ساهي نه ملي هئس. سال سال ٻار ڪري ڪري نه صرف ٻرندڙ جواني پئي جهڪي ٿيس پر پاڻ ڪمزور به ٿيندي پئي وئي. گذريل ويم تي ڊاڪٽرياڻي مٿس چڙي به پئي هئي ته ڪجهه ساهي به پٽ انسان تي. پاڻ جي ڪمزور تي مري وئين ته هن ڍير ٻچن جو چا ٿيندو هوءَ ڪچي جهڙي پت پلا چوي به ته ڇا چوي. مڙس جي ڳڻتي نه هئس پر پوتار جي حوس کي ڪير روڪي؟ اوطاق ته اوطاق پر هو ته ڪيس ٻني تي به ڪٿي ڏسندو هو ته ڊاهيندو.... ڪلهه جي ڳالهه آ مڙسس سان گڏ صبح صبح بصر جو گڏ پئي ڪڍيائين ته پوتار اتان اچي لنگهيو. ايندي ئي مڙسس کي اوطاق تي ڪنهن ڪم لاءِ موڪلي ڇڏيائين. ماڻهو نه هو ڪتي جو ڦر هو جتي مائي ڏسي (ننڍي وڏي، شادي واري ڪا ڪنواري) اتي نه ڇڏيندو هو. ڪا ڪنواري ڦرجي ته شهر ۾ ڊاڪٽر ڏي ڪمدار سان موڪليو ڇڏيس. پنجن هزارن ۾ ڊاڪٽرياڻيون ڦر کي پيٽ مان ڪڍي ڊسٽ بن ۾ ڦٽو ڪنديون هيون ڪتن جي کاڄ لاءِ. باقي شادي شده ماين جو ڦر قرض وانگيان پيو چڙهندو هو سندس مڙسن جي ڪاتي ۾. مڙس به وري اهڙا ڀاڙيا جو ڳچن اهڙو جهڙي پت. سڀ ڀال جا ڀاڙيا، لوسي. پوتار لڪ ۾ رئيس وڏي جي شڪار جي دعوت رکي. دعوت ته بس بهانو هو اصل ته ڪيس پرپائٽو هو ٽڪيٽ لاءِ. دعوت جي خبر هڪ رئيس ۽ ان جي سڄڻن کي ٻيو پوتار جي رازدارن کي. رئيس لاءِ نه صرف هتان هَتان جهلي جهلي تتر جهنگ ۾ ڇڏيا ويا پر طرحين طرحين طعام به پچرايا ويا. هر ملڪ جو اسمگل ٿيل ڪڙو پاڻي به رکيو ويو. رئيس جي شغل ڪاڻ رئيس جي فرمائش تي رئيس جي تيل ٽڪور لاءِ پر واري ڳوٺ جي ڪولهڻ نينگري جيڪا هاڻ هاڻ ساماڻي هئي رئيس جي ڪمري ۾ ڇڏي وئي (رئيس تر جي ڪولهڻين جي هاڪ ٻڌي هئي). رئيس رات سڄي شغل ڪري صبح ساجهر انداري ۾ ٿيو روانو. ٻئي ڏينهن ساڄاهه وندن اخبار ۾ ٻه خبرون ڏنيون هڪ اخبار جي فرنٽ پيج تي پوتار کي ٽڪيٽ ملڻ جي خبر ۽ ٻي اخبار جي ٻئي پاسي ننڍي خبر ته پندرهن سالن جي ڪولهڻ نينگري گهرو ناچاڪين سبب کوهه ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ ماريو.



## ڪهاڻي

# بَلي

**فضا قريشي**

سڄي رات هو فاطيءَ کي خواب ۾ ايندو رهيو ۽ جڏهن صبح جو هوءَ اٿي تہ کيس، منجهانئس بليءَ جي مهڪ پئي آئي. هوءَ اهو سڄو ڏينهن ان خمار ۽ احساس ۾ رهي پر ان ڪانپوءِ بہ ڪيترا ڏينهن پيار گاڏڙ غم واري احساس ۾ گذريس. بلي تہ هوءَ کيس پيار مان ڪوٺيندي هئي، سندس اصل نالو تہ پنهنجي ڏاڏي جي نالي پٺيان رکيل هو. هو سرزمين سنڌ جي زرخيز مٽيءَ جو ڄائو هو، صوفياڻي ۽ درويشي ماحول جو نيپاڄ هو، تڏهن تہ سندس مزاج ۾ رومي وارو درويش پڻو بہ هو تہ شمس تبريز وارو جاه و جلال بہ! ترنگ ۽ ترنم تہ سندس هر انگ انگ ۾، هر روپ ۽ رنگ ۾ رچيل ۽ وسيل هئا. هو صرف شڪل ۽ شبيهہ جو حسين ڪونہ هو، پر سندس آواز جي گهرائي ۽ گونج، ٻڌندڙن جي ڪنن ۾ ڪا ڇمار پئي گونجندي هئي. سندس نهار جي خمار ڪيئي گهائي وڌا هئا، سندس ڪچهري، قرب، ساٿ ۽ سنگت سندس زندگيءَ جو تہ سرمايو هئا ئي، پر ڪانئس وڌيڪ سندس سنگتين جا هئا. سموري ڄمار ۾ هن سواءِ دوستن جي ٻيو ناهيو بہ ڇا هو. مڙس ڇا هو، بس محفل جو مور هو. فاطيءَ جي لڪئي جو ليک هو! بليءَ سان سندس واسطو اتفاقي ٿيو هو. هو سندس انتهائي ويجهي ساهيڙي جي دوست جو دوست هو. هڪڙي ڀيري جڏهن فاطي ۽ سندس ساهہ کان بہ ويجهي ساهيڙي انعم سنڌ يونيورسٽي مان جلدي ڪلاس ختم ٿيڻ ڪري ساجهر واري پوائنٽ ۾ واپس پئي موٽيون تہ انعم اوچتو فاطيءَ تي زور ڀريو، "يار! شاهہ سان ملڻ جو موڊ پيو ٿئي، هو اڄ صبح ئي ڳوٺان پهتو آهي، سوير فون بہ ڪئي هئائين. پر آئون اڪيلي ڪانہ ٿي وڃان، ڪير ڏسي نہ وٺي، تون بہ گڏ هل نہ! بس ڪلاڪ هڪڙو ويهي ڪچهري ڪري نڪرنداسين. ساڳئي پنهنجي وقت تي گهر هونداسين!" فاطيءَ کي بہ احمد شاهہ کي ڏسڻ جو شوق هو، سو ڪٽي هائوڪارڪيائين. پوائنٽ مان مين روڊ تي لهي سڌو اچي احمد شاهہ جي در تي لٿيون، جڻ سڌيون شاهہ صدر تي لٿيون! نوڪر حاجي اچي در کوليو. انعم کي جڻ اڳيئي سڃاڻندو هو، سو کلي کيکاريائين. ڊرائنگ روم کولي، ٻتيون ٻاري، چيائين تہ "سائين مٿي آهي، ٻڌايانس ٿو، اوهان ويهو." پنجن منٽن اندر ئي احمد شاهہ پنهنجي هڪ دوست سميت ڪمري ۾ داخل ٿيو. کين ڏسڻ شرط انعم اٿي بيٺي تہ مجبورن فاطيءَ کي بہ اٿڻو پئجي ويو. بهرحال، سيني هڪٻئي کي کلي کيکاريو. احمد شاهہ پنهنجي دوست جو نالو وٺي تعارف ڪرايو. اهو پهريون ڀيرو هو جو فاطي ۽ بلي هڪٻئي کي ڏٺو هو. ٿوري دير گپ شپ ڪرڻ ۽ ٿڌي پيئڻ ڪانپوءِ انعم ، فاطيءَ کي چيو تہ "اوهان ڪچهري ڪريو، اسين گهڙي کن ۾ اچون ٿا." ائين چئي انعم ۽ احمد شاهہ ڪمري مان نڪري هليا ويا. بلي، فاطيءَ سان ائين ڪچهري ڪرڻ لڳو جڻ هو سالن پڄاڻان کي دوست رهيا هجن. فاطيءَ کي بہ سندس انداز وڻيو هو. هنن پاڻ بابت، پنهنجن گهرن، راڄن ۽ ڳوٺن بابت ڳالهايو. بليءَ کيس احمد شاهہ جو سڄو گهر بہ گهمايو ۽ مٿي ڇت تي چڪر ڏيارڻ لاءِ بہ وٺي ويو. فاطيءَ کي پهرئين ملاقات ۾ ئي بليءَ ڏانهن هڪ عجيب ڇڪ محسوس ٿي هئي. ان ۾ غريب فاطيءَ جو ڀلا ڪهڙو ڏوهہ؟ بليءَ جي شخصيت هئي ئي سحر انگيز! خاص طور عورتن جي مامري ۾ تہ سندس ستارو اوج تي هو. هر ننڍي وڏي عورت تي سندس جادو ڪم ڪندو هو. اهو شايد ان ڪري بہ هو تہ سندس شخصيت ۾ اڻڳي مردانگيءَ بدران نفيس نسوانيت جي جهلڪ هئي. عورتن کي شايد سندس روپ ۾ پنهنجي ڪا ساهيڙي نظر ايندي هئي. بس اهو ڏينهن هو جو اهو اڻ ڪٽ سلسلو شروع ٿيو. پهرين فون، پوءِ ملاقات ۽ پوءِ ملاقاتون، اڻڪٽ ڊگهيون راتيون ۽ ان کان بہ ڊگهيون ڳالهيون. ٻنهي ڄڻ هڪٻئي جي روپ ۾ ڪي سچا ساٿي ڳولي لڌا هئا. ٻنهي جي زندگين جو اهڙو ڪهڙو راز هو، جيڪو باقي راز رهيو هجي! اڳي فاطي پنهنجون بيباڪ سوچون ڄڻ پاڻ کان بہ پئي لڪائيندي هئي، اڪثر اهي سوچون جيڪي بستري تي ليٽڻ ساڻ اچي کيس ورائينديون هيون، پر هاڻ هو پنهنجي زندگي ۽ سوچن جو اڇو پڇو هڪٻئي سان پيا سليندا هئا. هو جڏهن مڏ پيئندي، ڪچهري ڪندي، هڪٻئي ۾ گم ٿي ويندا هئا تہ هو ڄڻ هن جهان مان ئي نڪري ويندا هئا. هو پنهنجو جهان جوڙي چڪا هئا، جتي هو هڪٻئي جو هٿ جهلي مختلف جنتن جا سير پيا ڪندا هئا. سندن ڪچهريءَ جو محور ماڻهو نہ پرسندن پنهنجي ذات، نت نوان خيال، قسمين قسمين سوچون، اوچيون اڏامون، نظريا، ادب، آرٽ، موسيقي ۽ پيار هئا. هاڻي سندن زندگين ۾ ڪا کوٽ ڪانہ رهي هئي پر بليءَ جي اندر شمس تبريز واري وجدانگي ۽ بي چيني سمايل هئي. هو وهندڙ درياهہ هو، جنهن لاءِ هڪ هنڌ بيهڻ موت مثل هو. هنن ٻنهي شايد هڪٻئي کي سنگهرون وجهڻ چاهيون بہ ڪونہ هيون. نہ چاهيندي بہ سدائين ميلان ڪنديرا جي ناول لافانيت جي ڪردارن جيان خوامخواهہ جي روشن خياليءَ ۾ اچي، هڪٻئي کي گهٽي چوٽ ڏنائون ۽ خبر ناهي ڪيئن، ڪهڙي مهل، ٿورو روئيندي، گهٽوڪلندي، رلندي ملندي جڏهن بلي، فاطيءَ کي شاديءَ کان انڪار ڪيو تہ فاطيءَ بہ وڃي ڪاشف سان سڱ ڪيو ۽ نئين زندگي شروع ڪيائين. پر هو ڪو ڳچ عرصو گڏ رهيا هئا ۽ هڪٻئي کي ساهہ کان بہ ويجهو رهيا هئا جو کين اندازو ئي نہ هو تہ ائين ڪرڻ سان ڪو سچ پچ هو ايترو پرتي هليا ويندا. هڪڙو وقت هو جو هو هڪٻئي جي ڳلي جو هار هئا ۽ هاڻي هو هڪٻئي کي ڏسي بہ نٿي سگهيا. "اڳي ائين هياس جو پنهون ڌوتم ڪپڙا، هاڻ ايئن ٿياس جو جت نہ نينم پاڻ سين"، هو ڀٽائي لطيف جون اهي سٽون پڙهي پيا هڪٻئي کي ساريندا هئا ۽ لوڪان لڪي پيا هنجون هاريندا هئا. هنن ڇرين الائي ڇو اهو پئي سمجهيو تہ سندن ساٿ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ سدائين رهندو. هنن جا ذهن اها حقيقت سمجهڻ کان قاصر هئا تہ هو هڪٻئي کان ڪو ايترو



ونندي هئي. بلي سندس وجود جو اڻٽٽ انگ بڻجي چڪو هو. پر جڏهن هوءَ ڪيس خواب ۾ ڏسي اٿندي هئي تہ ڪيس سندس ڇهاءُ، سندس ڀاڪر ۽ چمين جي گرمي ۽ لهس ڪو وقت پيو محسوس ٿيندو هو، بلڪل ائين ڄڻ تہ هو خواب ۾ نہ پر حقيقت ۾ وٽس رات رهي ويو هجي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو تيئن تيئن اها آنڌ مانڌ وڌندي ٿي ويئي. ست سمنڊ پار، هوءَ روز پئي ڪيس سڏ ڪندي هئي تہ "يار بلي، موٽي آءُ"، "پيار بنا ڊولا ناهي مزو ملڪ ۾." بليءَ کان سواءِ دنيا جو تصور فاطيءَ لاءِ محال هو. فاطيءَ پاڻ کي اڪيلو ٿي محسوس ڪيو ۽ جڏهن جڏهن سندس اڪيلائي وڌي ويندي هئي، تہ بلي سندس خواب ۾ اچي سندس روح کي ريجهائيندو هو. هو بہ جسم هڪ جان هئا.

فاطي اڄ بہ سندس اوسيئڙي ۾ آهي. ڪيس الائي ڇو يقين آهي تہ هو سندس سڏ ضرور ورنائيندو. اهو سوال ڪيئن ٿو پيدا ٿئي تہ فاطي سڏي ۽ بلي نہ اچي!

"تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور"، فاطي آڪاش جون سٽون ڄڻ بليءَ کي گوش گذار پئي ڪندي هئي. ها هوءَ چري ٿي چڪي هئي جو بليءَ جي موت کي ڪنهن بہ ريت قبولڻ لاءِ تيار نہ هئي. قبولي بہ ڪيئن؟ هو تہ سندس من ۾ ديرو ڄمايو ويٺو هو. اڄ سندس پنجين ورسي هئي. فاطي جڏهن سندس موت جي خبر ٻڌي هئي تہ هوءَ بت بڻي بيٺي رهي هئي. نہ روئي سگهي، نہ رڙي سگهي. ڪجھ وقت گذرڻ کانپوءِ هن جي اکڙين جا بند ٽٽا ۽ ائين ٽٽا جو اڄ ڏينهن تائين بہ نٽا اڏجن. سندس اکيون نير وهائين ٿيون ۽ سندس دل رت روئي ٿي. اها خبر بليءَ کي بہ هوندي تہ مئو هو نہ آهي، مري تہ فاطي ويئي آهي.

هوءَ چرين وانگي بليءَ کي ڳولي پئي، هوڪيس ڪڏهن ڪنهن جي اکين ۽ نهار ۾، ڪڏهن ڪنهن جي وارن ۽ چپن ۾، ڪڏهن ڪنهن جي آوازۂ ڪل ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن جي قد ۽ هلڻي ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن جي لوڏ ۽ هوڏ ۾ ليئا پائيندي نظر اچي ٿو. خدا تي ڪو گهڻو يقين نہ هوندي بہ سندس دل ٻئي جنم ۾ بليءَ سان گڏ هئڻ جا پور پچائي ٿي. هوءَ بہ امرتا پريتم جيان پنهنجي پيار کي ٻيهر جنمڻ چاهي ٿي. هاڻ تہ ڪيس ائين محسوس ٿئي ٿو تہ بلي بہ ڪيس ساري ٿو ۽ سڏ ڪري ٿو. هوءَ جلدي وٽس وڃڻ چاهي ٿي پر هن بليءَ کان ڪجھ وقت جي مهلت ورتي آهي تہ جيئن هوءَ بليءَ کي جنمي دنيا آڏو بيهاري پنهنجي يقين کي ثابت ڪري تہ "ڏسو! مون چيو هو نہ تہ منهنجو بلي موٽي ايندو".



پري بہ وڃي سگهن ٿا. شايد علم طبعيات جي نيوٽن واري قانون موجب انسان جنهن حالت ۾ رهندو آهي تہ سندس ذهن سمجهندو آهي تہ هو ڪو هميشہ ان ئي حالت ۾ رهندو ۽ اها شيءِ يا لقا ڪو سدائين ائين ئي رهندا. خبر ناهي ڇو پيار ڪندڙ ڇريون دليون دنياوي حقيقتن کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ ٿينديون آهن.

فاطيءَ سان شادي نہ ڪرڻ جو بليءَ وٽ فقط هڪ ئي سبب هو، سندس زال سونهن، جيڪا سندس ٻارن جي ماءُ بہ هئي. بليءَ کي پڪ هئي تہ جيڪڏهن هو ٻي شادي ڪندو تہ سونهن يا تہ پاڻ کي ماري ڇڏيندي يا ڪانئس هميشہ لاءِ الڳ ٿي ويندي ۽ ڪيس ٻارن لاءِ بہ سڪائي ڇڏيندي. هن پنهنجي من موجي طبيعت جي ڪري سونهن کي ڪي گهڻا سک بہ ڪونہ ڏنا هئا. اها ڳالھ بہ ڪيس اندر ۾ ڇهنڊڙي پئي هڻندي هئي. ان ڪري هو فاطيءَ سان شاديءَ جي ست نہ ساري سگهيو ۽ ڪيس پنهنجو گهر وسائڻ جي موڪل ڏنائين. ڪهڙي دل سان ڏنائين سا تہ ڪيس ئي خبر هوندي.

فاطي شاديءَ کان پوءِ پنهنجي مڙس سان لڏي وڃي دبئي رهي هئي. هو جڏهن بہ سمنڊ ڪناري تي ڪاشف سان گڏ گهمڻ ويندي هئي يا هو مرينا واڪ تي چڪر لڳائيندا هئا تہ هوءَ پاڻ کي بليءَ سان گڏ محسوس ڪندي هئي. جتي جتي هنن ٻنهي گڏ گهمڻ جا خواب ڏٺا هئا، اڄ اتي ڪنهن ٻئي ساڻ هوندي بہ هوءَ فقط ۽ فقط بليءَ ساڻ هئي. اهڙو ڪهڙو ڏينهن هو، جو فاطيءَ ڪيس ياد نہ ڪيو هجي. ڏينهن تہ ڇا، هن جو هر لمحو، هر لحظو، هر پل ۽ هر گهڙي بليءَ جي نانءُ هئي. هوءَ تہ ڄڻ ڪيس سڄو ڏينهن گڏ ڪنيو پئي هلندي هئي، ساڻس رهاڻيون پئي ڪندي هئي، ڪانئس هر معاملي ۾ صلاح مصلحت پئي

ڪهاڻي

# قانون جو لاشو...

**عرفان ميمڻ**

"پُٽ! هڪ دفعو وري سوچي وٺ، تمام وڏو فيصلو آهي." گُلڻ زمين جي ڪاغذن تي آڱوٺو لڳائڻ کان پهرين پنهنجي پُٽ قاسم ڏانهن نهاريو.

"وڏي سوچ ۽ سمجهه کانپوءِ اِهو فيصلو ڪيو آهي بابا! اوهان بس زمين جي ڪاغذن تي آڱوٺو لڳايو، هن زمين جي بدلي ڪيترائي ايڪڙ وٺي ڏيندس." قاسم پيءُ جي ڪنڌ تي هٿ رکندي چيو.

"شاهه صاحب ته چيو پئي ته ٻاهرين ملڪن ۾ به اڄڪلهه هتي وارو ئي حساب ٿي ويو آهي، ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن کي ئي وڏي مشڪل سان ٿي نوڪري ملي، تون ته وري به بس اٺ درجا پڙهيل آهين. توکي پلا اُتي ڪيئن نوڪري ملندي؟ ۽ مٿان وري تون وڃين به ته غير قانوني طور پيو!"

"شاهه صاحب جو پنهنجو پٽ به ته جاپان ۾ آهي، اُهو وري هتي ڪهڙو ڊاڪٽري پڙهيل هو، سيڌي سامان جو دڪان هلائيندو هو." قاسم طنز واري لهجي ۾ پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو.

"قاسم! ٺهنجي ۽ تنهنجي پيڻ جي شادي ڪرڻ کانپوءِ بس اِهو ئي ٿورو زمين جو ٽڪرو بچيو آهي پاڻ وٽ، عزت سان ٻن وقتن جي دال ماني کائون پيا ته پوءِ توکي ٻاهر وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، جو تون جان جوکم ۾ وجهي ٻاهر ٿو وڃين، اسان کي نٿا کپن اهڙا ڊالر!"

"ڏوڙ پئي عزت سان ملي بابا! اوهان جي سامهون ته آهي سڀ ڪجهه، پورو مهينو گڏهه وانگر ڪم ٿا ڪريون، تڏهن وڃي مشڪل سان گهر جو گاڏو ٿو هلي ۽ جان جوکم ۾ وجهڻ جو ڇا مطلب آهي اوهان جو؟ صرف بارڊر پار ڪرڻي آهي، باقي سمورو سفر جهاز ۾ آهي."

"اُتي وڃي به توکي ڪم ئي ته ڪرڻو آهي، سو ته هتي به ڪري سگهين ٿو، توکي اُتي وري ڪهڙي آفيسري ملندي." گُلڻ قاسم کي مخاطب ٿيندي چيو.

"اڙي بابا، اُتي گڏهه وانگر ڪم ڪرڻو نه پوندو آهي جيئن هتي ٿا ڪريون، سڄو ڪم ته اتي مشينون ڪنديون آهن. بس رڳو ٿوري نظرداري ڪرڻي پوندي آهي، بدلي ۾ پئسو هِتان کان ڏهوڻو ملندو، ڪجهه ئي مهينن ۾ ايترو ڪمائي وٺندس جيترو هتي سڄي عمر ڪمائي نه سگهندس."

"الائي ڇو منهنجي دل نٿي مڃي، ڏاڍو ڪُتڪو ٿو ٿئي پُٽ." گلڻ ڪاغذ پويان ڪندي قاسم کي چيو.

"بابا! اوهان صرف زمين وڪرو ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه چئي رهيا آهيو نه؟ اوهان پنهنجي زمين پاڻ وٽ رکو آئون پنهنجي حساب سان پئسا هٿ ڪري هليو ويندس، پر هڪ ڳالهه اوهان ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو ته آئون هاڻي هتي نه رهندس." قاسم ڪاوڙ ۾ ورندي ڏيندي چيو.

"زمين جي ڪنهن کي پرواهه آهي پٽ، مون کي ته صرف تنهنجي ڳڻتي آهي. هل پلا ائين ڪر تون هيءَ زمين وڪڻي هتي ئي ڪو ننڍو وڏو ڪاروبار شروع ڪر، شاهه صاحب چيو پئي ته ٻاهرين ملڪ ۾ غير قانوني طريقي سان وڃڻ تي ڪير به ڪم نه ڏيندو آهي ۽ رهائش به نه ملندي. اگر جهلجي پئي ته سزا الڳ آهي."

"وري اهو ئي شاهه صاحب! توهان شاهه صاحب جي ڳالهين تي نه لڳو، ماڻهو ڪڏهن به نه سوچيندا ته ڪو اسان پنهنجي وارا ٿيون."

قاسم ڪاوڙ ۾ پنهنجي پيءُ جي ڳالهه ڪٽيندي چيو.

"اوهان ڇو ضد ڪريو ويٺا آهيو، هڪ ئي ته پُٽ آهي اسان جو، اگر اسان کان پري وڃڻ ۾ ان جي خوشي آهي ته اها زمين وڪڻي ان کي پئسا ڏئي ڇڏيو، هي پنهنجا خواب پورا ڪري پلي"، قاسم جي ماءُ پنهنجي رَئي سان ڳوڙها اگهندي پنهنجي مُڙس کي چيو.

"ها، امان، سيني جي پلائي لاءِ ته آئون ٻاهر وڃان پيو، بابو اِها ڳالهه نٿو سمجهي."

گُلڻ، قاسم جي ننڍڙن ٻارن طرف اشارو ڪندي چيو،

"هي هيڏا معصوم ڇڏي ويندي، توکي احساس نٿو ٿئي."

پر قاسم ڪنهن جي هڪ به نه ٻڌي، پنهنجي ضد تي اڙيل رهيو، سندس پيءُ ڪيس روڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر قاسم کي ڪُٺي ڪنيو بيٺي هئي.

زمين وڪڻڻ کانپوءِ قاسم ايجنٽ کي طئي ٿيل پئسا ايڊوانس طور ڏئي ٻاهر وڃڻ لاءِ ٽڪري پيو. باقي پئسا ٻاهر پهچڻ کانپوءِ ايجنٽ کي ڏيڻا هئا. طئي اهو ٿيو ته ٻاهر پهچي هو فون ڪندو ۽ باقي پئسا ايجنٽ کي ڏيڻا پوندا.

آخرڪار هڪ ڏينهن قاسم جي فون آئي، "آئون خيريت سان ٻاهر پهچي ويو آهيان اوهان بقايا پئسا ايجنٽ کي ڏئي ڇڏيو، آئون پوءِ فون ڪريان ٿو هتي ڪال ڏاڍي مهانگي ٿي پوي."

بس ايتري ڳالهه کانپوءِ فون ڪٽجي وئي. قاسم ته گهر وارن کان اِهو به نه پُڇيو ته توهان جا ڪهڙا حال آهن. قاسم جي فون کانپوءِ پيءُ جي لهجي ۾ ڏک هو، شام جو ايجنٽ اچي بقايا پئسا به وٺي ويو.

هاڻي سڀ گهر وارا قاسم جي ٻيهر فون اچڻ جي انتظار ۾ هئا، پر انتظار، انتظار ئي رهيو. قاسم جي فون نه آئي. انتظار هميشه لاءِ انتظار ئي رهجي ويو ۽ اُهو انتظار ائين ختم ٿيو جو ڪجهه پوليس وارا قاسم جو گولين لڳل لاش کڻي ڳوٺ پهتا. پوليس آفيسر لاش وارثن حوالي ڪندي چيو:

"هي لاش بلوچستان ۾ بارڊر واري علائقي مان مِليو آهي، شُڪر آهي جو سندس کيسي ۾ سندس شناختي ڪارڊ رکيل هو، جنهن آڌار لاش کڻائي توهان تائين پهتا آهيون..."

گُلڻ جا هوش حواس گم ٿي ويا ۽ پُٽ جي لاش سان مخاطب ٿيندي چيائين،

"پُٽ قاسم پر تو ته چيو هو ته مان خير سان ٻاهرين مُلڪ پهچي ويو آهيان..."

ساڳئي آفيسر ڏک واري انداز ۾ چيو،

"پوڙها، هاڻي اِهو ڌنڌو به عام ٿي پيو آهي، وڏيون مافيائون اَڻ ڄاڻ ماڻهن کي ٻاهر موڪلڻ جون لالچون ڏيئي، غير قانوني اهو ڪم ڪن ٿيون، بدلي ۾ پئسا وٺي ماڻهوءَ کي ماري گم ڪريو ڇڏين... شڪر ڪر جو پُٽهين جو لاش مليئي، نه ته اِن لاءِ سڄي عمر سِڪندو رهين ها."

وچ ۾ هڪ ٻئي پوليس واري چيو، "ها پوڙها! تون سڄي عمر اهو سوچيندو رهين ها ته، پُٽهين ٻاهرين مُلڪ ۾ ڪمائي پيو ۽ توهان کي وساري ويٺو آهي."

گُلڻ اونڌي مُنهن لاش تي ڪِري پيو ۽ رانيان ڪري چوندو رهيو، "توکي چيو هئم نه ٻچا ته، رُکي سُکي پنهجي گهر جي پنهنجي در جي چڱي، لالچ ۾ اچي پنهنجي گهر ۽ ديس کي ڇڏيئي، غير قانوني هر ڪم جو ڪي وارو هوندو آهي توکي چيو هئم نه!؟ نتيجو پرايئي نه! پر توکي ڇا تون ته لالچ جو شڪار ٿي وئين، سور ته سموري عمر جو اسان کي ڏئي وئين، اسان جو داد فرياد هاڻي ڪير ڪندو؟"



سموري گهر ۾ روڄ ۽ راڙو مچي ويو.. پوليس آفيسر سميت پوليس وارا، قاسم جو لاش ڇڏي چپ چاپ قانون جو لاشو پاڻ سان کڻي روانا ٿي ويا.

ڪهاڻي

# ڪامورو

نظير ملڪاڻي

ابا سارنگ اتي اڄ ٻڪريون توکي ڀهرائيون آهن!. سارنگ ماءُ، پٽ جي منهن تان رلي لاهيندي چيو.
”ڇو امان، بابا ڪيڏانهن ويو آهي!“ سارنگ اکيون مهٽيندي پڇيو.
”ابا پڇهين کي رات بخار اچي ويو ۽ اڃان تائين ڪونہ لٿو اٿس، سو اڄ ٻڪرين ۾ وڃڻ جهڙو ڪونهي!“
”آئون پاڻ ئي ٿو ٻڪرين ۾ وڃان، سارنگ کي ڇڏ تہ پنهنجي پڙهائي ڪري!“ بخار ۾ ورتل سارنگ جي پيءُ پريان ڪنگهندي چيو.
”نہ بابا آئون پاڻ ٿو ٻڪريون ڀهرايان، توهان آرام ڪريو!“
”نہ پٽ تون پڙهائيءَ کان ڪوٺي نہ ٿيءُ، منهنجو بخار لهي ويو آهي، پاڻ ٿو ٻڪرين سان وڃان!“
”بابا جيڪا توهان جي مرضي، پر ٻڪرين سان ڪيڏانهن پري نہ وڃجو!“
”نہ نہ آئون اتي ويجهي سِم ۾ هوندس، جنهن مهل ٿڪس تہ ٻڪريون ڪاهي گهر موٽي ايندس!“ پيءُ ايئن چوندي اٿيو ۽ منهن ڌوئي راتوڪي ٻچيل مانيءَ جو ٽڪرو چانهہ سان کائڻ لڳو. ماني کائي هن ٻڪرين کي واڙ مان ڪڍيو ۽ انهن کي ڳنڪاريندو جهنگ ڏانهن روانو ٿي ويو. سارنگ بہ چانهہ جو ڪوپ پي، تياري ڪري ڪتاب هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪتو ۽ شهر وڃڻ لاءِ سوچي سوزوڪي پڪ اپ ۾ ويٺو.
سارنگ پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ هو، ان ڪري ڏاڍو لاڏلو هو. سندس پيءُ جي ڪل موڙي ويهارو کن ٻڪريون هيون، جن مان غريبي حال سارو گذر سفر ٿيندو هئس. سارنگ جي پيءُ کي ٻڪرين چارڻ واري ڪرت پنهنجي پيءُ کان ورثي ۾ ملي هئي، پر هن اها وراثت پنهنجي پٽ ڏانهن منتقل ڪرڻ نٿي گهري، تنهنڪري اڪيلي پٽ کي پڙهائڻ جو فيصلو ڪيائين. غريبي حال هوندي بہ هن پرائمريءَ کان وٺي ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ تائين پٽ جي پڙهائيءَ جا سمورا خرچ برداشت ڪيا. سارنگ بہ پڙهائيءَ ۾ پاڻ کي ذهين ثابت ڪيو ۽ پوري ڌيان ۽ محنت سان پڙهندو رهيو. ننڍپڻ ۾ هو ڪڏهن ڪڏهن پيءُ سان گڏ ٻڪرين ۾ ويندو هو، پر مئٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ مائٽن ڪيس گهر جي سمورين ذميوارين کان آجو ڪري ڇڏيو تہ جيئن سندس ڌيان رڳو پڙهائيءَ تي رهي. پيءُ اڪثر چوندو هو تہ ”سارنگ ٻڪرار نہ پر ڪامورو ٿيندو!“
گريجوئيشن ڪرڻ ڪانپوءِ سارنگ سي. ايس. ايس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، لاڳيتا ٻہ سال تياري ڪرڻ ڪانپوءِ هو سي. ايس. ايس جي امتحان ۾ ويٺو. پنهنجي محنت، ذهانت ۽ اعتماد ذريعي هو امتحان ۾ سوڀارو ٿيو ۽ سول سروس ۾ مقرريءَ لاءِ پاڻ کي اهل ثابت ڪيائين. مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن مان ڪي سندس ڪاميابيءَ تي ڏاڍا خوش ٿيا تہ ڪي وري حسد ۽ ساڙ وچان سندس گلائون ڪرڻ لڳا. نوڪري ۾ گهڙڻ کان اڳ هڪ ٽي. وي چئنل جي نمائندي کي انٽرويو ڏيندي هن چيو تہ:
آئون پنهنجي قوم جي مسڪين ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي خدمت ڪرڻ گهران ٿو ۽ ان ئي جذبي سان نوڪري ڪندس. منهنجي آفيس جو در غريب غربي لاءِ سدائين کليل رهندو.
سندس ماءُ پيءُ جيڪي هن جي ڪاميابيءَ تي تہ بيحد خوش هئا پر پٽ جي جدائي سهڻ بہ هنن لاءِ ڏکي ڳالهہ هئي، سو هڪ ڏينهن پيءُ چيس:
”ٻيلي سارنگ شهر ۾ نوڪري وٺي اسان کي وساري نہ ويهين، اسان جو توکان سواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونهي!“
”نہ بابا اوهين دلجاءِ رکو، اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ امان بابا کي وساري سگهجي!“
”پر پٽ اسان جي اکين اڳيان تون ئي هڪڙو آهين، سو جي تون اسان کان پري هوندين تہ اسان جو ساهہ هر ويل تو ۾ اٽڪيل هوندو!“ ماءُ چيس.
”امان تون ڪوبہ الڪو نہ ڪر، آئون اوهان کان پري ٿورو ئي هوندس، بس رڳو تنهنجي دعا کپي!“
”ابا شال سدائين سک ماڻين، ڪڏهن ڪوسو واءُ نہ لڳئي!“ ماءُ ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو.
لازمي تربيت پوري ڪري هو جيئن ئي هڪ انتظامي آفيسر جي حيثيت سان ڪرسيءَ تي ويٺو تہ ڄڻ هڪ نئين جهان ۾ پهچي ويو. ڪيس هر پاسي کان مبارڪون ملڻ لڳيون ۽ ڪيترا خوشامدڙيا ۽ موقعي پرست ڪيس ويجها ٿيڻ لڳا ۽ سندس دعوتون ٿيڻ لڳيون. اهڙي ماحول ۾ رهندي هن آهستي آهستي تبديل ٿيڻ شروع ڪيو. نوڪري تي چڙهڻ ڪانپوءِ ڇهن مهينن اندر هن سڀ کان وڏو ڪم اهو ڪيو تہ ڳوٺ جي هڪ غريب گهراڻي جي ڇوڪريءَ سان ٿيل مڱڻو ٽوڙي ڇڏيائين.
ملازمت دوران مختلف هنڌن تي رهندي ۽ مختلف ماڻهن سان ملندي هن گهڻو ڪجهہ سکي ورتو هو. هن اهو بہ سکي ورتو تہ پنهنجن مٿين عملدارن کي ڪيئن راضي رکبو آهي. اٺن سالن ڪانپوءِ ڪيس مٿئين گريڊ ۾ ترقي ڏيئي هڪ اهم انتظامي عهدي تي مقرر ڪيو ويو ۽ هن پنهنجي سرڪاري پوتارن کي انهيءَ عهدي لاءِ اهل ثابت ڪري ڏيکاريو. وٽس گاڏي تہ اڳ ئي هئي، پر ترقي ملڻ ڪانپوءِ شهر ۾ بہ سٺو گزن جو بنگلو وٺي ان ۾ رهڻ لڳو. ان ڪانپوءِ هڪ شهري ڇوڪريءَ سان پسند جي شادي ڪيائين ۽ مستقل شهر ۾ رهائش پذير ٿي ويو.
نوڪريءَ جي شروع ۾ سارنگ مهيني ۾ بہ ٽي ڀيرا ڳوٺ ويندو هو پوءِ آهستي آهستي هن ڳوٺ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو، تان جو شادي ڪرڻ ڪانپوءِ مرڳو ڳوٺ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنائين. سندس پوڙهو پيءُ اڃان بہ ٻڪريون چاريندو هو. ٻئي زال مڙس پنهنجي اڪيلي پٽ کي ساريندي اڪثر روئي پوندا هئا.
هڪ ڏينهن هو پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو تہ در تي بيٺل گارڊ کي ڪنهن سان ڏاڍيان ڳالهائيندي ۽ ڇڙٻون ڏيندي ٻڌائين. گهنٽي وڄائي گارڊ کي سڏي پڇيائينس تہ: ”ڇا جو گوڙ آهي؟“
”سائين الائي ڪير هڪڙا جاهل آهن، چون ٿا تہ صاحب سان ملڻو آهي!“ گارڊ ايترو مس چيو تہ ڦاٽل ۽ چتيون لڳل ڪپڙا پاتل پوڙهو ۽ پوڙهي آفيس اندر گهڙي آيا. سندن اکيون ڳوڙهن سان ڀريل هيون. پنهنجي ڪاموڪي ڪرسيءَ تي لڏندي سارنگ جي جيئن ئي مٿن نظر پئي تہ ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. اهي بيحال بڻيل پوڙهو ۽ پوڙهي سندس پيءُ ماءُ هئا.

رپورٽس

# عبدالحڪيم "ارشد" ڪي پيٽا

**تاج جويو**

سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ ساجاھ وندن قومي، انقلابي، مزاحمتي ۽ رومانوي شاعر عبدالحڪيم ارشد ڪي پيٽا پيش ڪندي چيو آھي تہ ارشد جي شاعريءَ ۾ ھڪ فڪر ۽ فلسفو ھو، سادڙو ماٺھو ضرور ھو پر جبل جيڏي ذات رکندو ھو، اھڙو اظھار سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد طرفان مرڪزي آفيس جي ھال ۾ ناميار ي شاعر عبدالحڪيم ارشد جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪي ڪي خطاب ڪندي ڪيو ويو. پروفيسر قاضي خادم چيو تہ ارشد جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ سان رومان ھو، ھو سنڌ جو اھو سپوت ھو جنھن پنھنجي ذات ڌرتي ڪي ارپي ڇڏي. تاج جويو چيو تہ ارشد زندگيءَ جو شاعر ھو ھن جيئري جاڳندي زندگي جا گيت لکيا ھن گيتن ۾ سماج جي سورن ڪي اوتي ڇڏيو، سندس شاعري قوم جو ورثو آھي. قمر راڄپر چيو تہ ارشد جي شاعري سنڌ جي ماڻھن جي دلين ۾ زندہ رھندي. امداد چانڊيو چيو تہ ارشد تڪليفن ڪان ڪڏھن بہ نہ ڪيٻايو ھن شاعري ۾ ھڪ فڪري سوچ ڏني. ڊاڪٽر نظير شيخ چيو تہ سنڌ ۾ ھر دور ۾ اھڙا ارڏا شاعر پيدا ٿيا آھن جن وٽ ھڪ فڪر آھي. ادريس جتوئي چيو تہ عربي ۽ فارسي شاعري پڙھائيندڙ استاد ارشد سادو ماٺھو ضرور رھيو پر ھن وٽ جبل جيڏي ذات ھئي. غلام مصطفيٰ سولنگي چيو تہ ارشد جي شاعريءَ ۾ جيڪا ذات ھئي اھا ڌرتيءَ سان عشق جي ڪري آھي ھو فطري طور تي ڌرتيءَ جو شاعر ھو. ستار سروھي چيو تہ ارشد انسانيت سان پيار جو پرچارڪ شاعر ھو. سليم چنا چيو تہ ترقي پسند شاعريءَ ۾ عبدالحڪيم ارشد انقلابي ۽ مزاحمتي شاعري ڪئي. تقريب ڪي رسول بخش ٽيٻو، سليمان ڏاھري ۽ ٻين بہ خطاب ڪيو. جڏھن تہ فقير قادر بخش ۽ طالب ڀنيري عبدالحڪيم ارشد جي شاعري ڳائي.

# سنڌ گرامر اسڪول تلھار جي ٻارن جو سنڌ الاجي جو مطالعاتي دورو

**ناصر بلوچ**

اسڪولي ٻارن لاءِ نصابي سرگرمين سان گڏ ھم نصابي سرگرميون پڻ ضروري آھن. مطالعاتي دورا ٻارن جي ذھني اوسر ۽ ڄاڻ لاءِ اھم آھن. 17 جنوري 2018 تي ٻارن ڪي سنڌالاجي جو مطالعاتي دورو ڪرايو ويو. تلھار ۾ روايتي ٽائيم جي ٻي قدري سبب نڪرندي صبح جا ساڍا ڏھ تي ويا ۽ پوءِ ڄامشوري تائين روڊن جي خراب حالت سبب ڏينھن جي ھڪ وڳي سنڌالاجي پھتاسين. مون ڪي احساس ٿي رھيو آھي تہ سڄي سنڌالاجي گھمائڻ ۽ ھر شعبي بابت ٻارن ڪي ٻڌائڻ ۽ سمجھائڻ لاءِ ڏيڍ ڪلاڪ ناڪافي آھن پر تقريبن ڪلاڪ کن اتي ٻارن ڪي مختلف شعبن بابت ٻڌايم ۽ سمجھايم ڏينھن جو ٽين وڳي ڊاري ڊين آف فارميسي ڊاڪٽر عبدالله دايو جو فون آيو تہ دير بہ ڪھڙي ٿي وئي آھي سو ماني لاءِ اچو، ڊاڪٽر صاحب سان ھڪ ڏينھن اڳ ڳالھايو ھئم ۽ ھن محبت سان سڄي اسٽاف جي دعوت ڪئي. اسان جي فارميسي پھچڻ تي ڊاڪٽر صاحب خود اسٽاف سميت استقبال لاءِ موجود ھو. ھن اسان ڪي ڊپارٽمينٽ پڻ گھمايو. شام پنجين وڳي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پھتاسين پر دير ٿي وڃڻ ڪري اسٽوڊيو گھمي نہ سگھياسين، شام ٿي وئي ھئي سو ٻارن ڪي فن لينڊ گھمائڻ لاءِ راڻي باغ وياسين، ھتي بہ ٻارن جي دلچسپي جو سامان موجود آھي. جھولا، چينگھہ ۽ کاڌي پيتي جو سامان. شام 7 وڳي سيءُ بہ وڌي ويو ۽ واپسي جو بہ اونو ھو سو راڻي باغ ڪي خدا حافظ چيوسين. ٻارن جي بوليوورڊ شاپنگ مال گھمڻ جي فرمائش بہ پوري ڪرڻي پئي، ٻہ ڪلاڪ اتي ٻارن خوب انجواءِ ڪيو. ايسڪليٽر تي ٻارن خوب انجواءِ ڪيو. ھر طرح جا دڪان ۽ کاڌي پيتي جو سامان، ٻن ڪلاڪن بعد رات 9:30 وڳي تلھار لاءِ روانا ٿياسين، وچ ۾ ڪٽڙ تي ترسي چانھہ پيتي سين. رات جو 12:30 وڳي تلھار پھتاسين.

# شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ملھايل فيئرول پارٽي

**ممتاز همراهي**

تازو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس ۾ ايم. فل اسڪالر دوستن اڪنامڪس ڊپارٽمينٽ ۾ فيئر ويل ملھايو ويو. ھن پروگرام ۾ نہ صرف ايم فل اسڪالر شاگرد ئي پرجوش نظر پئي آيا پر شاگردن سان گڏ اسان جا استاد صاحبان بہ بيحد خوش نظر پئي آيا. شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر اسد رضا عابدي چيو تہ آءٌ انتھائي خوشي محسوس ٿو ڪريان تہ ايم فل جي شاگردن طرفان ايترو سٺو پروگرام ملھايو پيو وڃي. ھن چيو تہ اسان ڀرپور ڪوشش ڪري رھيا آھيون تہ جيئن ھن يورنيوسٽي خاص ڪري اڪنامڪس ڊپارٽمينٽ جي تعليم ڪي بھتر ڪري سگھون ۽ شاگردن ڪي اعليٰ معيار جي تعليم ڏئي سگھون ۽ اسان ھن ڊپارٽمينٽ مان سٺا اڪنامسٽ پيدا ڪرڻ ٿا چاھيون تہ جيئن اھي ملڪي ترقي ۾ پنھنجو ڪردار بھتر نموني ادا ڪري سگھن. اڪنامڪس ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر فياض رضا چانڊيو چيو تہ مان چاھيان ٿو تہ ھن ڊپارٽمينٽ جا شاگرد عالمي ليول جي تعليم حاصل ڪري پنھنجو ۽ پنھنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري سگھن. پروفيسر ڊاڪٽر فيض محمد شيخ چيو تہ اسان استاد پنھنجي شاگردن ڪي ڪورس ورڪ ڪان ويندي ريسرچ ورڪ تائين گائيڊ ڪرڻ لاءِ ھميشہ تيار آھيون. پروفيسر ڊاڪٽر محمد سليم راھپوٽو چيو تہ ھن بيچ جي ايم.فل جي ھن ڊپارٽمينٽ جي استادن جي محنت جو اھو واضع ثبوت آھي جو ھن بيچ جي ايم.فل اسڪالرن پنھنجو ڪورس ورڪ بھتر نموني مڪمل ڪيو آھي. ان ڪان علاوه ايڪنامڪس ڊپارٽمينٽ جي سيني استادن پنھنجا بھترين رايا پيش ڪيا ۽ ايم.فل اسڪالرن ۾ مون سان گڏ آغا عدنان خان سومرو، غلام جعفر، محمد نعيم ميراڻي، بشارت منگي، قرب علي ۽ ٻين بہ تقريرون ڪيون ۽ معيشت جي مختلف موضوعن تي پنھنجا ويچار ونڊيا. پروگرام ۾ استادن ڪي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ اوڍايا ويا ۽ ايم.فل جي شاگردن ڪي استادن طرفان شيلڊون پڻ ڏنيون ويون.

رپورٽ

# عبدالڪريم گدائي کي سرخ سلام

**رشيد چانڊيو**

پروگريسو رائيٽرس ايسوسيئيشن حيدرآباد گل عرساڻي هاءِ اسڪول جي ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي آڊيٽوريم هال ۾ هڪ شاندار ميڙاڪو ڪيو ويو. ٺل جي هڪ لاشاري خاندان جو عوامي ماڻهو سائين عبدالڪريم گدائي جنهن پنهنجي سياسي جدوجهد ڪانگريس سان گڏجي ڪئي ان وقت هن پوري خطي ۾ سامراج مخالف جدوجهد سان گڏ روس جي بالشويڪ انقلاب جا اثر ڀرپور طرح ظاهر هئا. هي واحد ماڻهو هو جنهن ان وقت تقسيم کي سامراج جي سازش تي سمجهيو ۽ ان خلاف مزاحمت ڪئي. هن هاري ڪاميٽي جي پليٽ فارم تان هاري حقن لاءِ جدوجهد جو آغاز ڪيو. سائين عبدالڪريم گدائي کي سرخ سلام پيش ڪندي پروفيسر لعل بخش جسڪاڻي چيو ته عبدالڪريم گدائي جي شاعري ويهين صدي جي شروعاتي دور جي انقلابي شاعري آهي. هن پوري ڄمار ظلم ۽ ڏاد خلاف لکيو ۽ ون يونٽ خلاف ڀرپور نفرت جو اظهار ڪيو. شاعر، اديب فهيم نوناري چيو ته گدائي پنهنجي شاعري ۾ مٽي هاڻن ماڻهن جي دردن کي اجاري وڏيرن جي ظلمن کي ننديو آهي. گدائي طبقاتي نظام جا بخيا اڌيڙيا آهن. عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي اڳواڻ ڪامريڊ بخشل ٿلهو ان موقعي تي ميڙ کي خطاب ڪندي چيو ته آئون انجمن ترقي پسند مصنفين کي پنهنجن جوڏن ۽ قومي اڳواڻن کي ياد ڪرڻ تي مبارڪ ڏيان ٿو. هن چيو ته چمبڙ هاري تحريڪ دوران مون کي جيڪا مزاحمت نظر آئي اها رڳو عبدالڪريم گدائي جي شاعري ۾ آهي. نوجوان دانشور سلام انڙ خطاب ڪندي چيو ته ادب ۾ جيڪو اسان لکندا آهيون اهو ڪنهن نه ڪنهن نظريي جو بنياد آهي. نظرياتي ادب مشڪل حالتن ۾ اتساهه ۽ جياپو آهي. هن نوجوانن کي زور ڀريندي چيو ته هو ادب سان پنهنجو رشتو جوڙيندي گڏوگڏ تنقيدي جائزو مضبوط ڪن. اردو دانشور پروفيسر مرزا سليم بيگ چيو ته ترقي پسند تحريڪ بنيادي طور تي عوام جون جهوليون ڀرڻ جو ناٿو آهي. آخر ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين حيدرآباد چيپٽر جي صدر منظور ٿهيم آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته اسان پنهنجي نئين ٽهيءَ کي انهن جوڌن کان روشناس ڪرائڻ چاهيون ٿا، جيئن اهي نوجوان پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان لاڳاپيل رهن. تقريب کي انجمن ترقي پسند مصنفين جي نائب صدر زاهده ابڙو پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته تقريب جي ڪارروائي آفاق ڪوڪر هلائي.

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University

**Sukkur IBA University**

Airport Road, Sukkur.
www.iba-suk.edu.pk

**CORRIGENDUM**

This is with reference to Job advertisement PID # 100492/18 published in newspapers daily Dawn, Jang & Kawish **dated 11th February, 2018** for various Teaching & Non-Teaching positions at Sukkur IBA University. It is for the information to all the applicants that last date to apply against the Job advertisement may be read as **February 26, 2018 .**

All other terms & conditions will remain same.

**REGISTRAR**
**SUKKUR IBA UNIVERSITY**
Airport Road, Sukkur. Ph: 071-5644122, 5644129

PID(H) 100525/18

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

رپورٽ

# امن جا موتي ڪانفرنس

**لطيف گاد**

سينٽر آف ايڪسيلنس آرٽ اينڊ ڊزائن، مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ بين الاقوامي واٽرڪلر سوسائٽي جي سهڪار سان 14 فيبروري 2018 تي محبتن جي عالمي ڏهاڙي ڪان ٻي عالمي ۽ پاڪستان جي سڀ کان وڏي پنجن ڏينهن واري واٽرڪلر ڪانفرنس ”امن جا موتي“ شروع ٿي. جنهن جو افتتاح پاڪستان ۾ اٽليءَ جي ڪائونسل جنرل انا روفينو، مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم عقيلي، ڊين پروفيسر ڊاڪٽر خان محمد بروهي، سينٽر آف ايڪسيلنس جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر ڀائي خان شر، انٽرنيشنل واٽر ڪلر سوسائٽي جي صدر عطانور ڊوگن، انٽرنيشنل واٽر ڪلر سوسائٽي پاڪستان جي صدر پروفيسر علي عباس جعفري، پروفيسر ڊاڪٽر ايس



ايم قريشي ۽ پروفيسر همير سومرو گڏجي ڪيو. ڪانفرنس ۾ دنيا جي سمورن کنڊن جي 60 ملڪن جي مختلف آرٽسٽن پاران تيار ڪيل 444 پينٽنگس نمائش ۾ لڳايون ويون جڏهن ته آمريڪا، برازيل، بلغاريا، چين، چيڪ ريپبلڪ، هانگ ڪانگ، عراق، روس، سربيا، اسپين، ترڪي، رومانيا ۽ پاڪستان جي آرٽسٽن پاڻ شرڪت ڪئي. نمائش جي پهرين ڏينهن ڀاهران آيل چترڪارن کي ثقافتي رنگن ۽ لوڪ موسيقيءَ جي خوبصورت سازن سان ڀليڪار ڪيو ويو انهي ثقافتي تقريب جي ميزباني لطيف گاد ڪئي جڏهن ته اداري جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر ڀائي خان شر سمورن مهمانن کي پاڪستان اچڻ تي ڀليڪار ڪيو. موسيقيءَ دوران مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم عقيليءَ فنڪارن پاران ڳايل صوفياڻا ڪلام انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري انهن جي اندر لڪل اصل مقصد ظاهر ڪري ٻڌايو. ساڳئي ڏينهن ايوارڊ تقريب دوران انٽرنيشنل واٽر ڪلر سوسائٽي جي سربراهه عطا نور ڊوگن، هانگ ڪانگ جي زي زي، اٽلي جي انا ميسينيسا، آمريڪا جي لنڊا ڊول، جون سيلمينن، ڪيٽلين ڪونوور، ٿومس اسڪالر، اسٽيلا ڪين فيلڊ، اسپين جي ٽيريسا جارڊن ويٽو، پابلو روبن، اينجلا باربي، ايزابيل مورينو، روس جي سرجي ٽيمريف، ايليا ابريف، ڪانسٽينٽن اسٽيرخوف، چين جي هانگ هوا زئو، لي يو، مونگ مونگ شو، برطانيه جي ڊيوڊ پوڪسن، جو ڊائوڊن، گراهم بيري، ايران جي جاويد تباتبائي، نادر مهذبانيه، اڪبر اڪبري، سربيا جي ڊيوسن جوڪورڪ، اينڊري پينووڪ، پيجا ايڪيمووڪ، بلغاريا جي سيلما ٽوڊوروروا ۽ پاڪستان جي امير حسن رضوي، سرفراز مصور، معظم

علي، عبدالحئي، پروفيسر همير سومرو ۽ شهزاد سعيد سميت 100 ماڻهن کي لائيف ٽائيم اچيوومينٽ ۽ مجتا ايوارڊ ڏنا ويا.

ڪانفرنس جي ٽئين ڏينهن دنيا جي ناليوارن آرٽسٽن پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گڏجي 22 ميٽر ڊگهي پينٽنگ ٺاهي نئين تاريخ رقم ڪئي. دنيا جي چوٽيءَ جي آرٽسٽن پاران گڏجي هڪ آسمان هيٺ گڏيل ڪم ڪرڻ وارو اهو منظر ڏسڻ لاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون وڏي انگ ۾ پهتا. انهيءَ منفرد پينٽنگ دوران آرٽسٽن پاڪستان جي مشهور ماڳن، تاريخي جڳهن، فطري منظرن ۽ ٻين جاين جي پينٽنگس ۾ عڪاسي ڪئي جڏهن ته ايتري وڏي پينٽنگ جو بيڪ گرائونڊ آسمان رکيو ويو جنهن ذريعي هنن اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته جو نه اسان کهڙي به ملڪ سان واسطو رکندا هجون پر بنيادي طور آهيون انسان، تنهنڪري پينٽنگ جو مقصد به اهو آهي ته اسان سڀ گڏجي بنا ڪنهن رنگ، نسل، ذات پات جي فرق جي گڏجي ساڳيو ڪم ڪيون . انهيءَ تاريخي پينٽنگ ۾ برازيل، بلغاريا، چين، چيڪ ريپبلڪ، هانگ ڪانگ، عراق، روس، سربيا، اسپين، ترڪي، رومانيا، آمريڪا ۽ پاڪستان جي آرٽسٽن حصو ورتو جن مان جڳ مشهور آرٽسٽ اگور سوا، لنڊا اين ڊول، عطانور ڊوگن، اينڊري پينووڪ، ايليا ابريف، روڊريگس مونٽيرو، امير حسن، لي يوئي، اينجلا باربي، اليگزينڊرا برسڪا، اسل برسڪا، سيلما ٽيڊوروروا، ڪراسمير ٽيڊوروروا، جو يوڊس ۽ ڪجهه پاڪستاني آرٽسٽ شامل هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي پرڏيهي آرٽسٽن چيو ته پاڪستان پيار، محبت ۽ مهمانوازيءَ جي ڌرتي آهي ۽ هتان جا ماڻهو وڏي دل وارا آهن ڇاڪاڻ ته اسان ميڊيا تي ملڪ جو جيڪو تاثر ڏسندا هئا سين هتي اچي محسوس ٿيو ته اهو ڪيترو نه غلط آهي. هنن چيو ته جيڪڏهن پاڪستان ۽ خاص ڪري ڄامشوري ۾ بار بار ان قسم جا امن جو پيغام رکندڙ پروگرام ٿين ته هو بار بار اچي حصو وٺندا. ڪانفرنس جي



چوٿين ۽ پنجين ڏينهن پرڏيهي آرٽسٽن کي سنڌ جي ريگستاني علائقي ٿر جو دورو ڪرايو ويو جتي انهن عمرڪوٽ، مٺي ۽ گڏي ڀٽ وارا علائقا ڏٺا جتي سمورن آرٽسٽن کليل آسمان هيٺ ويهي ٿر جي فطري حسن کي پنهنجي پينٽنگز ۾ محفوظ ڪيو.

# پینٹنگ



*Artist:*

*Asif Nizamani*

## ڪتاب تي تبصرو

# سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾

احسان راهوجو

سماج ڪي عام طور ماڻهن جو گروهه چيو وڃي ٿو، پر ڪو ماڻهو تيستائين هڪ مڪمل انسان نٿو بڻجي سگهي، جيستائين ڪيس پنهنجي بقا جي لاءِ هڪ مناسب ۽ معياري ماحول فراهم نٿو ٿئي. ڏنو وڃي ته جديد سماج، انسان جي مادي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پيچيدگيون به پيدا ڪيون آهن، پر انسان جي جبلت آهي ته هن جي ذات ڪي سڃاڻپ ملي، سندس واهه واهه ٿئي، جنهن لاءِ هو تخليقي صلاحيتن يا ڪنهن هنر يا فن ذريعي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ٿو، پر انسان ڪٿي به مطمئن نظر نٿو اچي! سماجي پابندين کان ڪڪ ٿئي ٿو ۽ پاڻ ڪي ٿانيڪو رکڻ لاءِ تفريح جا ذريعا اختيار ڪري ٿو.

جيڪڏهن سنڌ جي سماج تي نظر ڦيرائجي ته ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو هيءُ ڪتاب سنڌي سماج جو آئينو نظر ايندو، هن ڪتاب ۾ علم نفسيات جا بنيادي اصطلاح: شعور، تحت الشعور، اڊ، انا، مونجهارا، لبيڊو، ذهني دٻاءُ، جبلت مرگ ۽ جبلت حيات منفيت، شخصيت جو بحران، ان جا نفسياتي خلل، انڪار جي اهميت، پيار جو تصور، جنسي پيار جي خواهش، وجودي فڪر جو نفسياتي جائزو، وجود، وحدت الوجود سنڌي سماج ۾ احساس ڪمتري وغيره سٺي نموني بيان ڪيا ويا آهن. سنڌي سماج ۽ سنڌي ادب جي بنيادي فڪر تي به روشني وڌي وئي آهي. گڏوگڏ سنڌي ادب ڪي پوسٽ ماڊرنزم جي اصطلاح "نيورو لنگئسٽڪ پروگرامنگ" جي روشنيءَ ۾ به پرکيو ويو آهي ته ڪهڙيءَ ريت سنڌي ادب ۾ منفي ۽ ڪي مثبت پهلو شامل ٿيا، ڪهڙن اديبن، ڪهاڻيڪارن جا جملا يا شاعرن جون سٽون مقبول ٿيون، ڪن لکڻين مثبت ڪردار ادا ڪيو ته ڪجهه ڪهاڻيڪارن رڳو محرومين جو رومانس ڦهلايو، غربت، بي وسيءَ ۽ انقلاب ڪي ايترو رومانٽڪ بڻائي پيش ڪيو ويو، جنهن سان پڙهندڙ ان ڪردار ۾ سمائجي ان جهڙو بنجڻ گهري ٿو.

سنڌي سائنسي ادب جي موضوعن ۾ نفسيات جي پهلوءَ تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. هي ڪتاب ان ڏس ۾ منفرد نوعيت جو مجموعو آهي، هن ڪتاب جي ٻولي عام فهم ۽ رواني‌ءَ واري آهي، اڪثر هنڌن تي مشهور قولن ۽ شعرن کان به مدد ورتي وئي آهي. ڪتاب بابت تاثرات ۾ ذوالفقار هاليپوٽو لکي ٿو ته "ڪن بنيادي انساني ڪيفيتن ڪي، جيڪي اڳيان هلي ڪنهن به سماج ڪي ناهڻ يا ڊاهڻ جو سبب بڻجن ٿيون، انهن ڪيفيتن تي عمومي بحث ڪندي ليکڪ ان ڪي سنڌي سماج جي فڪري اوسر سان ڳنڍي ٿو، جنهن ڪي پڙهڻ سان اسين پنهنجي مسئلن ڪي سمجهي سگهون ٿا ته انهن مونجهارن ۽ مسئلن مان ڪيئن نڪري سگهجي ٿو. هي ڪتاب سيلف رفليڪٽِو ريڊنگ آهي، اهو ڪم بنيادي طور سماجي سائنسدان جو آهي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ موجب سنڌ جي سماج ۾ احساس برتري وڌيڪ آهي جيڪا احساس ڪمتريءَ مان پيدا ٿيل آهي. هو لکي ٿو ته جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا اهو 80 سيڪڙو غير متوازن سماج آهي، اسان وٽ جمهوريت جي نالي ۾ چڙواڳي آهي، هتي تعليم ته آهي پر تربيت جو فقدان آهي، ڪرپشن، دادا گيري ۽ ناانصافي سبب هي سماج بيمار محسوس ٿئي ٿو، پر اصل مسئلو اهو آهي ته ان بيماريءَ کي تسليم نٿو ڪيو وڃي ته پوءِ علاج ڪيئن ٿيندو! ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر شاهنواز ڏَل لکيو آهي ته: اڊ يعني جسماني جبلت انساني وجود تي حاوي ٿيل آهي، سماجياتي علم جا مفهوم اسان جي اڳيان ڪا حيثيت نٿا رکن، لڳي ائين ٿو ته اسين "ڏاڍو سو گابو" واري صورتحال ۾ جيئون پيا. سنڌي قوم ڪي هڪ اتساهه واري رهبريءَ جي ضرورت آهي، ڪوڪلن نعرن، نظرين ۽ ضرورتن ڪي ڇڏي هاڻي اسان ڪي علم جي عميق ۾ گوتا هڻي ڪي موتي ماڻڻا پوندا.

ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي جامي چانڊيي لکيو آهي ته ڊاڪٽر غفور ميمڻ علم نفسيات جي مختلف پهلوئن تي نه رڳو علميت سان لکيو آهي، پر ان جي سنڌي سماج ۽ سنڌي ادب جي حوالي سان اطلاقي پاسن تي پڻ لکيو آهي، هن قسم جا مقالا ۽ ڪتاب سنڌي سماج ۽ ادب جي گهڻ پاسائي اڀياس ۾ وڏي مدد ڏيئي سگهن ٿا. هي ڪتاب اصل ۾ سنڌي سماج ۽ ادب جي حوالي سان پرک ۽ تحقيق جي نون موضوعن جو هڪ جامع خاڪو آهي، جنهن تي ليکڪ ڪيرون لهڻي.






## ڳوٺ جي ياد!

امداد حُسيني

چنڊ
پوٺا ميڪ  جي اُڀ تي ڪِڙيو
يارهين تاريخ جو
رات آڌي تي چڪي هئي
آئون هڪڙي بينچ تي ويٺل هئس
"فرحين" جي گهر جي پُٺئين پاسي
پيل سا بينچ جا
ڊيڪ تي رکيل هئي
چوطرف گُل هئا ٽڙيل
چنڊ هو اُڀ تي ڪِڙيل
آڱرين ۾ هو دُکيل سگريٽ
نظرون چنڊ تي منهنجون ڪُتل
۽ خيال
ڳوٺ ڏي منهنجو هليو ويو
ڏينهن جا نوَ تي چڪا هوندا جتي
پر اُتي ڇا واقعي
ڏينهن ٿيو هوندو به يا
رات ئي هوندي اڃا
هڪ اُماوس ۽ جُهڙالي
چنڊ تارن کان سوا!
( 7.10.2014 )
پوٺا ميڪ ڳوٺ، آمريڪا
"فرحين" سحر جي پائيٽي.

## غزل

شوڪت اڄڻ

رڱو رخسار جوڀن جا، اکين سان پاڪرين ڪِٽ پيا،
اکين جي ڏور اٽڪايو، چپن جي وچُ ۾ ماريو.
ڳلن تي آڱريون هن جي، پيالا جام جا مون وٽ،
وصُل ويٺس و هو يارو، اپالو پاڻ تي پياريو.
ستارا سيج تي پيا هئا، وصل چوراسي چنڊ ٿيو هو،
سندس ئي ياد هئي مون وٽ، جنهن ٻوڙيو تي ۽ تي تاريو.
ڪفر ڪهڙو ڪجي سائين، جسم ۾ خواب جهڙو هو،
خيالن ئي خيالن ۾، اسان کي جنهن تي ڪيڪاريو.
وڃايو ڇا اسان يارو، ۽ حاصل ٿيو پنهنجو،
سندس ئي جيءُ جوڀن هو، اسان جو، هن تي تي ورايو.
دکي جي ڳ يارن جي، ته تيندا عڪس سڀ روشن،
اماڙي وِرَهه جنهن جي پئي، اسان کي روز تي ماريو.
پني تي پين سان ليڪا، فقط ڪا شاعري ناهي،
اکين ۾ عڪس سهڻي سان، ٿي شاعر نير ۾ هاريو.

## سنڌ ٽڪرن ۾ نہ ٿيندي تقسيم...

تاج بلوچ

اڃهو ٽڪرن ۾ ورهايو ويندس!!
ٻُوٽي ٻُوٽي تي الائي ڪاتي
تُخم جي بيخ-ڪُني پئي ٿيندي
روح بي نام جزيرن ۾ پيو هيڪل رلندو
تيرَ نفرت جا وسايا ويندا
منهنجي زخمن کي نوان ڇهڪ ڏيئي
چاندي، جلون جي جواني جي اجاڙي ويندي
ماٽڪين ۾ جي فروزان ٿي رهيا
عڪس سڀ ڊاهي مٽايا ويندا
ڇهري ڇهري تان سموريون مُرڪون
لِڪُ لوساٽي ٻنهه رک ڪندي
دزَ رستن جي اکين ۾ لهندي
گس گلفام ڏِسائڻُ جا فنا ٿي ويندا
شهر نابينا ۽ ٻوڙا هوندا
حرف جي ڪابہ نہ حُرمت هوندي
شهر جا ٻار هٽن ۾ ڪنيون مُٽڪا- پٽرا
منهنجي پويان ئي لڳا پيا هوندا
ڏينهن ۽ رات جو لاڳاپو اسيرن وانگيان
سج ۽ چنڊ جي گردش ٻدران
ڪنهن نئين طرز يا چؤٻول ۽ چُرپُر سان
منهنجي تشخيص کي مسمار ڪندا
منهنجي جيوت جي جياپي جو حوالو بدلي
ان کي موهوم عبارت سان اڃي پيٽيندا
ڪائي متروڪ ڪهاڻي بہ ھُلائي ويندي
درد جي ريت، مگر سي نہ سنيالي سگهندا
ٻُوٽي ٻوٽي جا هئي منهنجي بدن جي پکڙيل
هڪڙي مرڪز تي اچي.
جسم جڙي جڻ تہ جوالا ٿيندو
درد جي ڪوڪ جا سيني ۾ ٻٽي برف هئي
هڪ اڇل ساڻ سا ٻاهر ايندي
روح جي زخم کي مرهم ڏيندي
ٻيرا-ٻيرا جي هئا مون وانگيان
اهي مقتول نئين جُوڻ مٿائي ايندا
چاندي جلون جي طرحدار نموني مرڪي
ڇهري ڇهري کي ملاحت ڏيندي
درد کي درد جي طاقت ڏيندي
۽ ڏڪڻ- هير ڪندي ساهَ سُڌيرَ
ٿيندي تبديل مٽيءَ جي تقديرَ
جند ٽڪرن ۾ نہ ٿيندي تقسيم
سنڌ ٽڪرن ۾ نہ ٿيندي تقسيم.

نظم

## ٽريچاڻيءَ جي التجا

سپنا گل قاضي

عورت آهيان آئون ٽرياڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي
منهنجو گهر ۽ ترُ خالي آ
ٽر ٽرئي جي اک آ آلي
هرهڪ سڏڪو توکان سُوالي
ڏڪڙن ۾ هيءَ عمر آ جالي
گهر جي آهيان آئون ڏياڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي
ڪيئن ڪٽيان هي ڏکيا ڏينهڙا
اَن پاڻي کان خالي ونڙا
پيٽ ٻڪايل منهنجا ٻچڙا
ڏٻرا تن ۽ ڪانيون انگڙا
تن لاءِ آهيان آئون ويڳاڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي
روز مرن ٿيون ڍڳيون ۽ ٻڪريون
ڏاچيون بہ ٿيون ڏسجن ڏٻريون
نيڻ ۾ مايوسيون نِسريون
جيون خوشيون آهن وسريون
دردن هوندي دل جي راڻي
اَن ڪٿا ئي ڪونهن گهر ۾
پاڻي ڍڪڙو ناهي ٽر ۾
اَڄ آساٽ آ پنهنجي ٿرِم
لالڻ لوڏو آڻ لهر ۾
عرض ڪري تي نارِ نماڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي.
سالن کان ٽر سَوڪ پيو آ
چو نہ الائي مينهن اُنو آ
ڌرتي تاسيءَ سُر سَنو آ
هڪ پل گهارڻ هاڻي ڏکيو آ
دردن جي ڪر هاڻي پڄاڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي
ڏڪڙن کان آزاد ڪري ڇڏ
درد وندن جو داد ڪري ڇڏ
مُئل دلڙيون شاد ڪري ڇڏ
ٿرين جي امداد ڪري ڇڏ
ٻُڌ تون منهنجي درد ڪهاڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي.
مولا منهنجو عرض اگهائج
سارنگ رُت جا سانگ سجائج
ٿر تي مولا مينهن وسائج
سپنا سارا سچُ ٻڻائجُ
پرٽ پلر جو پوتر پاڻي
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي،
منهنجي ٽر ۾ ڪونهي پاڻي.

## غزل

سايبان سانگي

چاهتن آ ڪئي وري سازش،
تي اُتي وصل جي وري خواهش.
رات اونداهہ جي آستاني تي،
چنڊ ڪرڻن هٿان مُڪي بارش.
دل جي تختيءَ مٿان پئي سرجيان،
خوبصورت خيال جي بندش.
رنگ ڪاغذ مٿان ٽڙيا مهڪي،
فڪر ڦرهيءَ لٿو بنا ڪوشش.
گاج، سارنگ، انڊلٺون، رمجهم،
اهڙي موسم ۾ ذات جي بارش.
جيءُ جهيڻو وڃي پيو ٽيندو،
عشق! تنهنجي وڏي وئي سوزش.
سي نہ هرگز مراد ماڻيندا،
دل ۾ پالين جي رڳو رنجش.
ورچ ڏيئي جيان اجالا تون،
ٻاٽ ۾ جو وڌي پيو تابش.
روح بنجر بڻيو اٿم داتا!
مهر جي اوت ڪا جَججهي بارش.
آهي خطري ۾ سنڌ جي وحدت،
ڪا نئين چال تي ڪري گردش.
ڳالهہ اوري سگهيس نہ مان سايبان!
اهڙي اظهار ۾ پئي جنبش.

## غزل

روبينا مفتي

سندر سپنن جي ٻاونائن ۽ فسانن جي خماريءَ ۾،
وڇايا آهن نيڻ نگاهہِ نوازش خاطر انتظاريءَ ۾.
اداس ڪينجهر تي اوهان جهڙا ناياب هنج،
نڇاور ڪن رونقون ۽ فرحتون الفتن جي قربداريءَ ۾.
رات جي سانيتڪائي نهاري تي جيئن چنڊ جون روشن راهون،
آهيون اسان بہ اهڙين تجلين ۽ خواهشن جي بيقراريءَ ۾.
واڪاڻ ڪجي حُور جي ڀلا ڪهڙيءَ طرح بيان،
مڌرڪو لطف آ، ان جي نزاڪتن جي اختياري ۾.
گهرائيءَ جي رمز اندر چڪي تو دلڪش موتي،
جان نثار ڪرڻ بہ منظور، سهڻن جي وفاداري ۾.

(عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان)

## مان معمولي ناهيان

اشرف لاريب

مان معمولي ناهيان
مان عورت آهيان
گهر ۾ وفادار رکوالي
مڙس جي خير خواهہ
پنهنجن ٻچڙن جي غمخوار
تڏهن بہ هر دور ۾ خوار
مان معمولي ناهيان
مان عورت آهيان
وڏن وڏن ڏوهن ۾
سگ چڻي پرينڊڙ آهيان
مان معمولي ناهيان
مان عورت آهيان
آهن انيڪ روپ منهنجا،
ڪڏهن نوري، ڪڏهن سسئي،
ڪڏهن مومل تہ ڪڏهن مارئي
همت جو نشان آهيان
مان معمولي ناهيان!
مان عورت آهيان.

## غزل

سيما عباسي

سور جي سختي سهان ٿي زندگي،
پوءِ بہ مان ڪلندي رهان ٿي زندگي.
ڏوجهرا ڏنيِ ڏين نہ ڪي اڳتي هلي.
سوجهرن سان مان وڙهان ٿي زندگي.
انحرافي خون ۾ شامل اٿم،
پير مقتل ڏي ڌريان ٿي زندگي.
جيڪو لاهڻ جو نہ ٿي اچلڻ جو آ،
زهر اهڙو چو پيئان ٿي زندگي؟
هر پرم پرندو رهيو رشتن هٿان،
قرب سان ڪانڌي ٿيان ٿي زندگي.
ماڻ مائيٽي مني آهي ڪٿي؟
صبر ڪي ڇا ڇا چوان ٿي زندگي!
تير تعذيرون وري تاڻن پيا،
ظلم سان ارڏي هلان ٿي زندگي.
بي وڙا دشمن بظاهر دوست هن،
غاصبن سان گڏ ٿيان ٿي زندگي.
پنهنجا خنجر تا جڏهن پويان هڻن،
هارجي پوءِ مان روئان ٿي زندگي.
مام منصوري نثي سيما چڙي،
دار ڏي ڪلندي وڃان ٿي زندگي.

## "يوڳيم ڇا لاءِ...؟"

آمنا ابڙو

سَتي ٽيڻ ڪان
سَنگ چَنيءَ تائين
ڪانڌ ڪان
ڪاري ٽيندي ٽيندي
مون ڪيڏو
ڪوڪاريو هوندو..
هاڻ ٿي سوچيان....
ڪوڪاريم ڇو..؟
للڪاري
للڪاريان ها مان..

## غزل

امداد ساعش بخاري

ڪنهن ڪنهن ويل ٿي اک ڪٽين ٿو،
ڪهڙي سوچ ۾ گم رهين ٿو؟
دل کي ٽڏڙي هير لڳي ٿي،
جهڙي پاسي ڪان تون اچين ٿو.
درد هزارين دل جي اندر...
ڪهڙي سور جي ڳالهہ پڇين ٿو؟
ڪيئن چوان مان، ويهي منهن تي،
دلبر دل کي ڏاڍو وڻين ٿو.
مون ڪان پڇن ٿا، ماڻهو ساعش،
ڪنهن جي خاطر شعر لکين ٿو.

## غزل

غلام مصطفيٰ سولنگي

اوندهہ گهر مان نڪري آ،
روشن در مان نڪري آ.
سچ جي واٽ وڃڻ چاهين،
ڪوڙي تر مان نڪري آ.
بند اکين سان ڇا ملندئي،
خواب نگر مان نڪري آ.
يادون توکي ٻوڙينديون،
انت بحر مان نڪري آ.
جيڪا تنهنجو چين ڪسي،
ان ٻڌرمان نڪري آ.

## پروفائل

# سائين شمس الدين عرساڻي

زمان جمالي



فرانس جي ليکڪ زان پال سارتر چيو ته ”مون کي موت جو ڊپ ڪونهي، ڇو ته جڏهن موت ايندو ته ان وقت به مان پنهنجي آخري مضمون جي آخري سِٽ جو آخري لفظ لِکي رهيو هوندس ۽ اهڙي ويل مرڻ جي صورت ۾ منهنجو ڪوبه نقصان نه ٿيندو. ٻيو ته موت رڳو انهن ماڻهن کي ماريندو آهي جن جو نالو سارتر آهي ۽ جيئن ته انساني نسل لاءِ لِکي مان انهن ماڻهن ۾ موجود آهيان ان ڪري موت جيستائين سموري انساني نسل کي تباهه نٿو ڪري تيستائين مون کي به تباهه نٿو ڪري سگهي، روءِ زمين ۾ هڪ انسان جو موجود هجڻ به زان پال سارتر جو موجود هجڻ آ.“

مٿيون سِٽون سنڌ جي معروف تعليمي ماهر ۽ اديب سائين شمس الدين عرساڻي صاحب جي زندگيءَ سان به مڪمل ٺهڪي اچن ٿيون. سائين شمس الدين عرساڻي پڻ زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي بهتريءَ لاءِ علمي ۽ ادبي پورهيو جاري رکندو آيو، جيئن ڀٽائي سائين فرمايو ته:

جان جان هُئِي جِنڊ، وِرچي نه وينِي،
وڃي پون پيئِي، سِڪَندِي کي سَڄَڻين.

سائين شمس الدين عرساڻي جو جنم 2 اپريل 1937ع تي هالا نوان ۾ ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم هوپ فل اسڪول هالا مان حاصل ڪيائين، سيڪنڊري تعليم نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، گريجوئيشن سچل ڪاليج حيدرآباد، جڏهن ته ايم. اي سنڌي، پي. ايڇ. ڊي آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي ”اوسر“ جي عنوان سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. سائين شمس الدين عرساڻي هڪ تعليمي ماهر جي حيثيت ۾ پنهنجون ذميواريون محسوس ڪندي هيٺيان تعليمي ادارا قائم ڪيا. جڏهن ته هڪ ذميوار والد جي حيثيت ۾ پنهنجي اولاد جي پڻ بهترين تربيت ڪئي.

(الف) ٻارڙن جي ٻاري ڪاهي روڊ، حيدرآباد 1950ع، (ب) ٻارڙن جي لائبريري: ڪاهي روڊ، حيدرآباد 1955ع، (ج) ڪتابي دنيا پبليڪيشن: هيرآباد، حيدرآباد 1984ع، (د) اؤسر پيڙهڪا امانتاڻو: قاسم آباد، حيدرآباد 2002ع.

اولاد: نور محمد، ضياءُ الدين، امتياز احمد ۽ احسان احمد، ميمونه ۽ سنڌيه. ڊاڪٽر نور محمد (عمان)، ڊاڪٽر ضياءُ الدين (پي. ايڇ. ڊي آسٽريليا)، امتياز عرساڻي اسسٽنٽ پروفيسر ايم. اي، ايم. فل (انگلينڊ)، ڊاڪٽر ميمونه سينيئر وومين ميڊيڪل آفيسر، سنڌيه ٻي اِي (ڪمپيوٽر سسٽمس) ڪمپيوٽر پروگرامر.

اؤسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي سائنس ڪاليج، حافظ محمد صادق ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ، گل عرساڻي هاءِ اسڪول قاسم آباد، جين منظور ميمڻ اؤسر هاءِ اسڪول ميرانپور، محمد رمضان ڪلهوڙو اؤسر گرلز هاءِ اسڪول جهڻ موري، بي بي بدرالنساءِ پير گل حسن لنواري شريف اؤسر اسڪول ٻاروچو باغ.

محمد صديق قريشي ۽ بوبڪائي اؤسر اسڪول غلام حسين لغاري تعلقو هالا. فاطمه لغاري اؤسر گرلز اسڪول ٿالهو خان لغاري، اسرار انصاري اؤسر اسڪول مٽياري، سائره افضل اؤسر اسڪول ڳوٺ ولي محمد جت، تعلقه جاتي، اؤسر اسڪول علي اڪبر ميمڻ پيل موري هالا، سيف (SEF) اسسٽيڊ اؤسر اسڪول بخش لغاري تعلقه حيدرآباد، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول عبدالحڪيم ڪوسو تعلقو حيدرآباد، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول احمد خان عالماڻي تعلقو حيدرآباد، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول احمد خان ناهيون تعلقو حيدرآباد، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول الهڏنو لاشاري تعلقو حيدرآباد، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول پنج مورو تعلقو سعيد آباد، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول آگهم وساڻ تعلقو هالا، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول ملوڪ ڏاهري تعلقو هالا، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول بچل خاصخيلي تعلقو هالا، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول عبدالرحيم شورو ڪنڊو اسٽاپ، سيف اسسٽيڊ اؤسر اسڪول ٻڍائي تعلقو حيدرآباد.

مختلف عهدن تي خدمتون سرانجام ڏنيون:

سرشتيدار حيدرآباد ڪورٽ، اسسٽنٽ ماسٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول گول بلڊنگ، ليڪچرار لطيف آباد، اسسٽنٽ پروفيسرٽنڊو محمد خان، پرنسپال ماتلي، پروفيسر گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري، رٽائرمينٽ پهرين اپريل 1999ع.

مختلف وقتن تي اعزازي خدمتون سرانجام ڏنيون:

سنڌي لينگوئج اٿارٽي، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ.

ڪالم لکيا:

روزاني ڪاوش، روزاني عبرت، روزاني هلال پاڪستان، روزاني جنگ ۽ روزاني عوامي آواز.

مضمون نگاري:

نئين زندگي، اخبار تعليم، ٽماهي سنڌ، ٽماهي مهراڻ، عبرت مئگزين.

**اشاعتون:** ٽماهي اؤسر، ماهوار تعليمي دنيا، ٽماهي ڦلواڙي.

ڇپيل ڪتاب: اخلاق ۽ ڪردار، سنڌي ادب ۾ تنقيد، آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اؤسر، سنڌي ٻوليءَ جي سِکيا، لاکو ڦلاڻي، نئون ڇنيهه لکڻو، فن، شخصيت ۽ انداز، آزاديءَ ۾ اسير، سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي ڪوجنا، سائنس فسانا، الف ب ٻ ٻاراڻا ٻول، اچو سنڌي پڙهون، ثقافت ۽ انساني معاشري جي اؤسر، شخص ۽ عڪس، ڀهاڪاتي لُغت.

ڇپائيءَ هيٺ ڪتاب: دل جي ڳالهه، اي بي سي، اي بي سي.

سائين پوري ڄمار ۾ انسانن جي ڀلائي لاءِ جاکوڙيندي پنهنجي قلم جي علم کي اوچو رکيو. پاڻ 22 آگسٽ 2017ع تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو.

# سوشل ميڊيا

facebook

همسري

## نصير ميمڻ

ڪراچي ڪان ٽر ويندي گهاري ۾ ڪيفي عمران ۽ بدين باءِ پاس تي سوات شنواري هوٽل بابت مقامي دوستن ٻڌايو ته اهي هوٽل سنڌين کوليا هئا، پر انهن کان نه هليا ۽ پٺاڻن حوالي ڪيائون. هاڻي اهي ٻئي هوٽلون ڏينهن رات هلن ٿيون ۽ نوان مالڪ انهن مان ڪمائين ٿا. تازو اسلام ڪوٽ باءِ پاس تي دبئي هوٽل کلي آهي جنهن ۾ به هڪ مقامي همراهه پٺاڻ سان پائيواري ڪئي آهي ۽ دخل ان جي حوالي آهي. آخر ائين ڇو آهي ته اسان جو ماڻهو پنهنجي شهرن ۾ ڪاروبار نٿو هلائي سگهي ۽ ٻاهريون ماڻهو ساڳي ڪاروبار ڪي هلائي ڪمائي ٿو. سنڌي جيڪڏهن مارڪيٽ ۾ پير نه کوڙيندا ته پوءِ ٻاهريون ماڻهو ان خال مان فائدو وٺندو. اڄ جي دور ۾ جيڪا قوم ڪاروبار، هنر ۽ پورهئي جي ميدان ۾ پوئتي هوندي ان ڪي دانهن ۽ ڪوڪن مان ڪجهه به حاصل نه ٿي سگهندو.

******

## حيدر ملاح

### پاڻي تي هلندڙ ڪار ۽ عظيم سائنسدان ثمر مبارڪ

ڪجهه سال پهرين خيرپور جي هڪ نوجوان آغا وقار (جي مون ڪي نالو نٿو وسري) ته پاڪستان جي ميڊيا تي وڏي ڌماچوڪڙي شروع ڪري گهڻن ئي ماڻهن جون وايون بتال ڪيون هيون، سنڌس خيال هو ته هو پاڻي تي ڪار هلائي سگهي ٿو. ان لاءِ هن ڪامياب تجربو ڪري ڪيترن ئي ماڻهن ڪي اکين ۾ سرمون وڌو، همراهه وڏي پروٽوڪول سان اسلام آباد جي سرڪاري بنگلن ۾ رهيو. اڳتي خبر پئي ته آغا صاحب تي اڳ به فراڊ جا ڪيس داخل ٿيل آهن. سنڌس ڪاٻه پاڻي تي هلائڻ واري تحقيق ۾ سچائي ناهي. ائين ئي پاڪستان جي هڪ سائنسدان ثمر مبارڪ ٿر ڪول پروجيڪٽ جي بلاڪ پنج تي سنڌ ڪي چڪمو ڏيئي پنهنجي ٻين حوارين سان گڏ لڏو اچي لاٿو، سنڌس پروجيڪٽ تي بني بشر ڪي به وڃڻ جي اجازت نه هئي نه ئي وري پڪي پر ٿي هنيو. 2016 ۾ ثمر مبارڪ ڪي بلاڪ 5 مان بجلي پيدا ڪرڻي هئي ان لاءِ ثمر مبارڪ صاحب سنڌ جي اڳوڻي وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهه ڪي لارا لپا ڏيئي 3 ارب رپيا به ڳڙڪائي ورتا، پر ان قهري ڪارروائي تي سنڌ جي سول سوسائٽي، ٿر جو ووڪل ڪلاس ۽ لانگ مارچ ڪندڙ سياسي جماعتون خاموش رهيون. چاڪاڻ ته ٿر ڪول بلاڪ 5 تي پاڪستان جو عظيم سائنسدان ڊاڪٽر ثمر مبارڪ هو، جنهن جي پويان رياست جا طاقتور ادارا بيٺل هئا. ثمر مبارڪ جي خصوصيت اها به هئي ته هن هڪ به ٿري ڪي روزگار نه ڏيڻ لاءِ ڇڻ قسم کڻي ورتو هو. اڄ مان سنڌ جي سول سوسائٽي، ڪا اين جي او، لانگ مارچ ڪندڙ سياسي پارٽين کان رڳو ايترو پڇڻ جي گستاخي ڪريان ٿو ته ستن سالن جو وقت ۽ سنڌ جا 3 ارب رپيا ڳڙڪائيندڙ ثمر مبارڪ جي خلاف به ڪا احتجاج ڪندي يا ثمر مبارڪ وارو سنگت کان بندِ گرو آهي.

******

## دلشاد پتو

### ملڪ جي حڪمرانن پاڻ ئي ادارن کي تباهه ڪيو آهي

هڪڙي رپورٽ پڙهيم ته پي آءِ اي جي هڪ جهاز تي 700 کان متي ملازم رکيل آهن. اهڙو حشر واپڊا، ريلوي، اسٽيل مل سميت وفاقي توڙي صوبائي کاتن ۾ به آهي. ايتري قدر جو يونين ڪائونسلن ۾ به واڌو ملازم ڀرتي ڪيا ويا آهن. جنهنڪري ادارا پگهارون نٿا ڏئي سگهن. ڏکوئيندڙ ڳالهه اها آهي ته ايترا ملازم هوندي، ادارن جي ڪارڪردگي ٻُڙي آهي. ابتو ادارا مڪمل طور تباهه ۽ قرضي ٿي ويا آهن. ملڪ جي جمهوري ۽ غير جمهوري حڪمرانن پنهنجا نوازي، سياسي مفادن يا بيروزگاري جي خاتمي لاءِ ايترا ته ماڻهو ڀرتي ڪيا آهن جو هاڻ سسٽم مفلوج ۽ نظام جو ڏيوالو نڪري ويو آهي. روزگار ڏيڻ خراب ڳالهه نه پر حڪمرانن کي گهرجي ته سرڪاري نوڪرين کانسواءِ متبادل روزگار پيدا ڪن. هاڻ ته ادارن جون گروي ٿيل ملڪيتون وڪرو ٿين تڏهن به ملازمن جون پگهارون نٿيون نڪرن ۽ آفيسرن به گڏجي حلال روزي ڪري کائڻ ۽ ادارن کي منافع بخش بنائڻ بجاءِ ٻنهي هٿن سان لُٽيو. جنهن جو اڄ هو نتيجو ڀوڳين پيا.

******

## ڪونج انصاري

ڪنهن به ملڪ ۾ هڪ عدالتي نظام هجڻ گهرجي. جيئن سعودي عرب ۾ آهي يا وري چين ۾ آهي يا وري يورپي ملڪن ۾ آهي. پاڪستان ۾ ٻه عدالتي نظام آهن. هڪڙو عالمي طريقو ۽ ٻيو اسلامي شرعي عدالت اهڙي طريقي سان انصاف ۾ مونجهارا ٿيو وڃن. جتي انصاف ۾ مونجهارا هوندا اتي ڪڏهن به ماڻهو، سماج ۽ قومون نه سڌرنديون آهن.

******

## حڪيم زنگيجو

ٿر جي تفصيلي دوري کانپوءِ مان سمجهان ٿو ته گوڙاڻي جو معاملو حل ٿي سگهي ٿو جيڪڏنهن گوڙاڻي واسي، اينگرو جا اعليٰ عملدار ۽ سني ساک رکندڙ سنڌ جا ساڃاهه وند گڏجي ويهي عوام دوست معاهدو تيار ڪري هاءِ ڪورٽ جي اڳيان اسٽامپ پيپر تي طئي ڪن ته هي معاملو طئي ٿي سگهي ٿو، اصل ۾ معاملو اعتماد جي کوٽ جو آهي.

******

## محسن جويو

هي انتهائي نه فقط مذمت جوڳو پر مزاحمت جوڳو عمل آهي ته ڪراچي صدر عبدالله هارون روڊ ۽ زينب مارڪيٽ صدر ۾ سنڌ جي ثقافت اسان جي سڃاڻپ اجرڪ ڊزائين جون جتيون بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ رکيون ويون آهن. اهو عمل شعوري طرح سنڌي قوم کي چيڙائڻ آهي. سنڌ حڪومت وڏو وزير سهيل انور سيال خاص طرح ثقافت کاتو ۽ اسان سيني کي انهن جتين وڪڻندڙ دڪاندارن جو گهيراءُ ڪرڻ گهرجي.

# COMEX ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

## CCE-2018 (PCS)

Handouts
Regular Classes
Regular Tests
Grand Mock Test

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,